

181
سوجهرو
ماهنامو سوجهرو ڪراچي. سال: پندرهون. شمارو: 181 (اپريل 2014) رجسٽرڊ نمبر: MC-1006. مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
يوسف شاهين ڪارنر- سالگره مبارڪ

ABC Certified

سوجهرو اپريل 2014

سال:15. شمارو:181. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانيءَ قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

سنڌي ٻولي قومي ٻولي

## وچور

سوجهرو جي سورهين سالگره مبارڪ

**ايڊيٽوريل:**
ادب، سماج ۽ تنقيد... فهيم سولنگي



**يوسف شاهين ڪارنر:**
يوسف شاهين سان ڳالهه ٻولهه... شير مهراڻي
اناالسنڌ... آغا سليم
ايندي مند ملار... مدد علي سنڌي
اندر ۾ اُهاءُ ٿيو (بيت)... يوسف شاهين
هڪ خط... ممتاز مرزا

**رفيق سومرو جي ياد ۾:**
تخليق جو جنون... تاج بلوچ
نالو ئي رفيق هو... ڊاڪٽر رسول ميمڻ
سِرجي تان سور... فضل قلباڻي

**ناول/ناوليٽ:**
ڏيڻ..... ج.ع.منگهاڻي
اسٽيل جا پنج گلاس (10)... ڊاڪٽر رسول ميمڻ
بودلڪ (آخري)... شيام ڪمار

**ڪهاڻي:**
ساڏ... منظور ڪوهيار
ماءُ... انور شيخ
يرغمالي... حيسب ڪانهيو
ٿيون نسل... علي صفدر
سماڏن... سنڌيڪار: ديوي نانگراڻي

**سنڌ ٻيهر ڳَر موڙيا:**
حُر گوريلا جنگ (14)... سائين رکيو

**آتما ڪٿا:**
پاتم جهاتي جهان ۾ (31)... شيام ڪمار

**نئين طرز:**
امداد حسيني.

**نظم / گيت ۽ وائي:**
ذوالفقار گاڏهي، شير هاليپوٽو ۽ اداسي جکراڻي، بيتاب ناپر ۽ خاڪي جاني.

**غزل:**
ج.ع.منگهاڻي، رجب ٻگهيو، وحيد محسن، ڪامران سومرو، امر ابڙو، سڪندر شيخ، مرتضا ناز، عرفان مهدي ۽ رضا بخاري.

**جي مارن مونڊي موڪليا:**
مبارڪ جسڪاڻي، منير سولنگي ۽ پرويز.

ايڊيٽوريل...

# ادب، سماج ۽ تنقيد...

تنقيد، انساني معاشري جي سمورن پاسن جي اصلاح جو اهم ذريعو آهي. تنقيد ليکڪ جي ڪمزور پهلوئن، اظهار جي عميق يا سطحي پاسن کي تجزئي هيٺ آڻي معاشري کي گهري شعور سان همڪنار ڪندي آهي.

ادب هجي يا سياست، يا زندگي جا ٻيا مختلف پهلو، تنقيد انهن جي هاڪاري ۽ ناڪاري رُخن تي منطقي طور تي خيال آرائي ڪري نوان رستا تلاش ڪندي آهي. ۽ قلمڪار کي سماج اندر هاڪارو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. پر ٽئين دنيا ۾ خاص طرح سان ننڍي کنڊ انڊو-پاڪ ۾ جاگيرداراڻي تصورات جي ڪري تنقيد برداشت نہ ڪئي ويندي آهي- پوءِ اهو ادبي شعبو هجي يا ٻيو ڪيتر.

تنقيد جو اثر قبولڻ يا نہ قبولڻ جو دارومدار ان نظرئي تي ٻڌل آهي، جنهن نظرئي هيٺ ڪو ليکڪ يا ڪو سياسي ڪارڪن پنهنجي سماجي ابتري يا مٿڀرائي کي پنهنجي ادب يا سياست جو منشور ٺاهي ٿو.

پاڪستان اندر ادبي ڪائنات ۽ سياسي ماحول ڪڏهن بہ چندچاڻ هيٺ اچڻ لاءِ ڪو معقول تنقيدي رويو قبول ئي نہ ڪيو ويو آهي- ان جو اهم ڪارڻ اهائي جاگيرداراڻي روش آهي جيڪا فرد کي پنهنجي اندر ڪنهن ڪمي يا ڪوتاهي هجڻ جي احساس کان ماوراءِ رکي ٿي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو خاص طرح سان سنڌ اندر تنقيد کي برداشت ئي نہ ڪيو ويو آهي. هڪ تہ سنڌي اديبن جي گهٽائي انهي علم ۽ سياسي شعور کان وانجهيل آهي جيڪو علم ۽ سياسي شعور، زندگي جي مختلف پيچيدگين کي خود تنقيدي روين سان سمجهڻ جي لائق ئي نہ رهيو آهي.

علم جي کوٽ ۽ سياسي شعور جي اڻهوند انهيءَ وڏيرڪي دٻدٻي هيٺ نيپوڙجي وئي آهي. ۽ مٿان کان دلال صنعتڪار جي هڪ طرفي ڊامينيشن سنڌي ماڻهن جي شعور ۽ علمي بصيرت کي وڏو ڌڪ رسايو آهي. شين جي مارڪيٽنگ ۾ مڪاني صنعتڪار، وڏيري ۽ جاگيردار جي دلالي ڪندي مڪاني خريدار جي گهرجن ۽ معاشي پسمنظر کي نظرانداز ڪندي شين جو وکرو مهانگو ڪري مڪاني ماڻهن جي ذهن ۽ کيسي تي ڌاڙو هڻي ٿو.

جڏهن ڪي نقاد، مڪاني اقتصاديات جي منظرنامي ۾ تخليق ٿيل ادب تي يا شين جي معيار ۽ انهن جي قيمتن تي رايو ڏين ٿا تہ ان رائي کي مونوپولي جي بنياد تي رد ڪري ڪو اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي ٿو جنهن سان سماج ۾ معاشري ۽ علمي لحاظ کان انتشار پيدا ٿئي ٿو.

تنقيد، پوءِ اها سماجي هجي يا اقتصادي اها صداقت جو اهڃاڻ آهي. جنهن صداقت کي ڦورو طبقا- پوءِ ادبي هجن يا لساني يا اقتصادي- ان کي ڪوبہ ناهي قبوليندو.

**مهمان ايڊيٽر:فهيم سولنگي**

مئينيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر: تاج بلوچ
ايڊيٽر: ڊاڪٽر شير مهراڻي
آرٽ ۽ فوٽوگرافي: هالار احمد

خريداريءَ جا اگهہ:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

0300 / 0313 / 0332 } 9288496
tajbaloch2505@yahoo.com

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.



# يوسف شاهين سان ڳالهه ٻولهه...

**ڊاڪٽر شير مهراڻي**

يوسف دائودپوٽي مان يوسف سوز ۽ پوءِ يوسف شاهين ڪيئن ٿيا؟

ماءُ پيءُ منهنجو نالو محمد يوسف رکيو، ننڍي هوندي کان اڄ تائين آئون جيڪا صحي ڪيان ٿو ان ۾ محمد يوسف شاهين لکندو آهيان. پنجاهه سال اڳ حيدرآباد مان عبدالشڪور منشي هلال پاڪستان رسالو ڪڍندو هو. ان ۾ منهنجا ٽي افسانہ "يوسف سوز" جي نالي سان شايع ٿيا. انهن ٽنهي افسانن تي مون کي پهريون انعام 15 رپيا ڏنو ويو. ان کان پوءِ جنهن شخصيت جي شاعريءَ کان متاثر ٿي مون پنهنجو نالو يوسف شاهين رکيو، ان جي فڪر سان اڄ بہ سخت اختلاف رکان ٿو.

ڇا سنڌي صحافت درست سمت ۾ هلي رهي آهي؟

هاڻ تہ سنڌي صحافت انڊسٽريءَ جو درجو حاصل ڪري چڪي آهي. جتي لکين بلڪ ڪروڙين رپيا ڪمائڻ لاءِ ڪروڙين رپين جي سرمائيڪاري ٿي رهي آهي. ان ڪارنامي جو سرواڻ قاضي عبدالمجيد عابد هو، جنهن سڀ کان اول "عبرت" اخبار کي باقاعده هڪ اخبار طور هلائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. اسان اهو دور بہ ڏٺو جڏهن سنڌي اخبار يا سنڌي رسالي کي ذري گهٽ ڪوبہ صنعتي يا ڪاروباري ادارو اشتهار نہ ڏيندو هو. سڀ کان اول فوٽو آفسيٽ تي هفتيوار برسات ۽ هفتيوار اخبار جهان (جنگ گروپ) هڪ ٻئي پٺيان شايع ٿيون. اخبار جهان تمام تڪڙو اشتهارن سان پرجي ويئي. جڏهن تہ اشاعت جي دنيا ۾ برسات سمورا رڪارڊ ٽوڙي وڌا. مگر ڪوبہ اسان کي هڪ اشتهار بہ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. ڪافي عرصو گذرڻ بعد اسان ڪاروباري توڙي صنعتي ادارن کي خط لکيا تہ سنڌ جا ڪروڙين ماڻهو اوهان جي مال جا خريدار آهن، اوهان کي پنهنجي خريدارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ گهرجي، پنهنجا اشتهار سنڌيءَ ۾ سنڌي اخبارن ۽ رسالن کي ڏيڻ گهرجن، ان ڳالهہ تان وڏو ممڻ مچي ويو. ڪيترن ئي ڪارخانيدارن سنڌ جي وزير اعلىٰ جناب ممتاز علي ڀٽو کي خط لکيا تہ هي شخص سنڌ ۾ تعصب ڦهلائي رهيو آهي، ان ڪري هن کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ برسات جو ڊڪليريشن رد ڪيو وڃي. اهڙو خط سيڪريٽري انفارميشن ايس اين قطب کي بہ لکيو ويو. جنهن برسات جو ڊڪليريشن رد ڪري ڇڏيو. ان وقت جي ڊائريڪٽر انفارميشن جناب ڪريم بخش خالد مون کي فون ڪري چيو تہ اوهان هاڻ برسات ڪڍڻ جي ڪوشش نہ ڪجو. هن اها بہ صلاح ڏني تہ پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڪوشش ضرور ڪجو. مون جناب ممتاز علي ڀٽو کي خط لکيو تہ اهي ڪارخانيدار جيڪي سنڌ مان ڪروڙين رپيا ڪمائين ٿا اهي 300 ڪان وڌيڪ اڙدو اخبارن ۽ رسالن کي اشتهار ڏين ٿا. مگر هڪ بہ سنڌي اخبار يا رسالي کي اشتهار ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن. ان ۾ تعصب ڦهلائڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. تعصب تہ غير سنڌي سرمايہ دار ۽ ڪارخانيدار ڪري رهيا آهن. بهرحال ڪجهہ ڏينهن اندر برسات جو ڊڪليريشن بحال ڪيو ويو. آئون چوان ٿو تہ اڄ بہ سنڌ جي سرمائيڪارن ۽ صنعتڪارن جو رويو ساڳيو آهي. هو پنهنجي اشتهارن واري بجيٽ جو هڪ فيصد مس سنڌي اخبارن کي ڏين ٿا. اها ڀت ڪرڻ گهرجي. آمريڪا تي جڏهن انگريزن جو قبضو هو، اڃا اهو ملڪ آزاد نہ ٿيو هو، ان وقت هندستان واري ايسٽ انڊيا ڪمپني امريڪي رياستن ۾ 9 ملين ٽن ساليانو چانهہ وڪرو ڪندي هئي. امريڪا جي ماڻهن فيصلو ڪيو تہ هو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي چانهہ خريد نہ ڪندا. هي تاريخي واقعو آهي تہ ٿوري عرصي اندر ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو امريڪا ۾ ڏيوالو نڪري ويو.

سنڌي صحافت کي عروج ڏيڻ ۾ توهانجو وڏو هٿ رهيو آهي. سنڌي صحافت اوهانکي موٽ ۾ ڇا ڏنو؟

مونکي جيل موڪلڻ سان گڏ، اقتصادي طور تي مفلوج ڪيو ويو. مون 16 صفحن تي هڪ با مقصد، آزاد، issue oriented سنڌ جي نمائنده بلڪ قومي اخبار ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي. برسات سنڌ جي پهرين اخبار هئي جنهن ويج بورڊ مطابق پگهارون ڏيڻ شروع ڪيون. شيخ اياز کان وٺندي سنڌ جون سموريون علمي، صحافتي ۽ ادبي شخصيتون پاڻ سان گڏ ڪٺي آيس. اخبار کي crime & sex کان موڙي هڪ ذميوار ۽ سچاڻ اخبار ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جي سنڌ کي سخت ضرورت آهي. مون هر ضلعي جي نمائندن جا پگهار مقرر ڪيا تہ جيئن هو صوبيدار، تپيدار، مختيارڪار يا ڪنهن وڏيري جا محتاج نہ رهن. اسان سنڌ جي ماڻهن کي ڪاروبار ۽ صنعتن ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ هر روز گلابي رنگ وارا اقتصاديات جا چار الڳ صفحا جاري ڪيا. اڄ بہ سنڌي ماڻهن جي مائينڊ سيٽ کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. تہ جيئن هو ڪارخانا هڻڻ لاءِ تيار ٿين ۽ ملڪي توڙي بين الاقوامي ڪاروبار ۾ حصو وٺن. اسان هر روز انگريزي ۾ ايڊيٽوريل لکندا هئاسين تہ جيئن با اختيار طبقو سنڌ جا مسئلا سمجهي سگهي. ان وقت جي وزير اعظم محترمہ بينظير ڀٽو اسان جا ايڊيٽوريل هر روز پڙهندي هئي. سندس خاص سيڪريٽري جناب فرحت الله بابر اڪثر فون ڪري محترمہ جا تاثرات يا آرڊرس پڙهي ٻڌائيندو هو. ان کان علاوه محترمہ مون کي ڪيترائي ڀيرا لنچ تي سڏيو. محترمہ جيڪي بہ دنيا جا دورا ڪيا انهن مان ڪيترن ئي دورن ۾ مونکي ساڻس وڃڻ جو شرف حاصل رهيو.

اليڪٽرونڪ ميڊيا تي ٿيندڙ ٻوليءَ سان ڪيچل کي توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

سنڌيءَ ٻولي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو تمام تيزيءَ سان ٻوليءَ بدران لهجي (dialect) ۾ تبديل ٿي رهي آهي سنڌ جي اڌ کان وڌيڪ اسڪولن ۾ سنڌي نٿي پڙهائي وڃي سنڌ جو elite class ۽ سرنديءَ وارو طبقو پنهنجن ٻارن کي سنڌيءَ بدران سنئون سڌو انگريزي اسڪولن ۾ داخل ڪري ٿو. سنڌ سرڪار لک پڙهہ لاءِ سنڌي ٻولي استعمال نٿي ڪري. عام وهنوار ۽ تجارتي طور بہ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ختم ٿي رهيو آهي. ان حالت ۾ ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ سان ڪهڙو حشر ٿي رهيو آهي ان تي فقط افسوس ڪري سگهجي ٿو. اسان جا ٻوليءَ وارا ادارا بہ ماٺ آهن. اسان گهڻو اڳ هڪ وڏي اداري جي اڳواڻ کي باقاعده لکت ۾ عرض ڪيو تہ ميڊيا تي غلط استعمال ٿيندڙ لفظن جي تصحيح ڪئي وڃي. مگر هن اهو معاملو فقط شڪايت ٻڌڻ تائين محدود رکيو.

شيخ اياز توهان وٽ ملازم ٿي رهيو. هن ملازمت دوران ڪهڙو لاڀ ڏنو. پوءِ هو ڇو برسات ڇڏي ويو؟

شيخ اياز منهنجو ملازم نہ هو بلڪ آئون سندس ملازم هوس. هو فقط منهنجو دوست هو. اهڙي طرح تاج بلوچ بہ وڏو عرصو مون سان گڏ رهيو. ان کان علاوه شمشير الحيدري، آغا سليم، بدر ابڙو، انور پيرزادو، نصير اعجاز ۽ ٻيا ڪيترائي دوست مون سان

يوسف شاهين، سائين جي. ايم. سيد سان رهاڻ ڪندي



## يوسف شاهين ڪارنر/انٽرويو



ڪيس 'عظيم' چئون ٿا. اسان شمشير، امرجليل، آغا سليم، علي بابا، عبدالواحد آريسر، تاج بلوچ، قمر شهباز، غلا نبي مغل، جي اين مغل ۽ ٻين ڪيترن ئي وڏن اديبن جي صلاحيتن مان ڏهه فيصد جيترو به ڪم وٺي نه سگهياسين. سنڌ ۾ هلندڙ ٻين ٻولين جا ٽي وي چينل، اخبارون، رسالا، بئنڪون ۽ ٻيا ڪيترائي نجي ادارا پنهنجي اديبن، صحافين ۽ محققن جي ڀرپور سار سنڀال لهن ٿا. ڪيترن ئي اديبن ۽ صحافين کي پنجاهه هزار کان 15 لک رپين تائين ماهوار اجورو ڏنو وڃي ٿو. اسان کي پيٽ سان پٿر ٻڌي ادب تخليق ڪرڻو آهي.

سنڌي ادب جو ماضي ته شاندار آهي پر ان جو حال ۽ مستقبل ڪيئن ٿا ڏسو؟

سنڌ دنيا جو عظيم ترين شاعر شاهه عبدالطيف پيدا ڪيو. هن جيڪي ڪجهه لکيو ان تي واهه واهه کان علاوه عمل ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون- هي تنين جو ڏيهه، ڪاتي جنين هٿ ۾... سوري سڏ ڪري ڪا هلندي جيڏيون— سويون سر گهرن- اهي سٽون سمجهڻ کان اسان وانجها آهيون. سنڌي قوم جي زوال جو اهوئي بنيادي سبب آهي. سنڌي ماٺهو پاٽيءَ جي واري تان يا ٻڪريءَ جي چوريءَ تان ڪئين لاش ڪيرائي وجهندو. مگر سنڌ تي سر ڏيڻ يا سنڌ لاءِ ويڙهه ڪائڻ لاءِ فقط ڳالهين جا ڳوٺ ٻڌي ٿو. اسان کي "صوفي" چئي ننڊ جي گوري ڏني وئي آهي. 1936ع ۾ جڏهن سکر بئراج ٺهيو تڏهن کان سنڌ ڌانهن ڌارين جا ڪٽڪ ايندا رهن ٿا. پوءِ 1947ع کان ويندي هن وقت تائين ذري گهٽ چار ڪروڙ ڌاريان مختلف صوبن ۽ ملڪن مان اچي سنڌ ۾ آباد ٿي ويا آهن. سنڌ جو جسماني ۽ روحاني حليو تبديل ٿي ويو آهي. اهڙي حالت ۾ سنڌي اديب ڇا ڪندو. ڪيترا مسئلا ڪٽندو. اسين تاريخ جي انتهائي خطرناڪ دوءر مان گذري رهيا آهيون جتي اسان جو هڪ قوم طور وجود خطري هيٺ آهي.

چون ٿا ته سنڌي ٻولي جديد چئلنجن جو مقابلو نه ڪري سگهندي. ڇا واقعي ائين آهي؟

سنڌي ٻولي اسرڻ جا سڀ دروازا هڪ هڪ ڪري بند ٿي رهيا آهن. سنڌ جي اڌ کان وڌيڪ اسڪولن ۾ سنڌي نٿي پڙهائي وڃي. سنڌي ٻولي سنڌ جي ٻيو نمبر سرڪاري ٻولي هئڻ باوجود لک پڙهه لاءِ استعمال نٿي ڪئي وڃي. ڪمرشل بنيادن تي سنڌي ٻولي جي جوڙجڪ يا تياريءَ لاءِ ڪي اپاءُ نه ورتا وڃن ٿا. هاڻ ته سنڌي پڙهڻ وقت جو زيان سمجهيو وڃي ٿو. اسان صرف تبرڪ طور سنڌي پڙهون ٿا. اهي سڀ خطري جا نشان آهن. جڏهن ته سنڌي ٻولي اُها دنيا جي واحد ٻولي آهي جيڪا پنج هزار سالن کان دائم ۽ قائم آهي. سنڌي ٻولي جون جيڪي دنيا ۾ همعصر ٻوليون هيون اهي هڪ هڪ ٿي ختم ٿي ويون. انهن ختم (extinct) ٿيندڙ وڏين ٻولين ۾ سميرين (Sumerian) اڪادين (Akkadian) سنسڪرت (Sanskrit) فونيشين (Phoenician) هئبرو (Hebrew) پالي (Pali) ايلامائيٽ (Elamite) اٽراسڪن (Etrascan) هٽائيٽ (Hittite) ارامائيڪ (Aramaic) ڪيلٽڪ (Celtic) لئٽن (Latin) ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ٻوليون شامل آهن. جيڪي پاڻ بچائي نه سگهيون. ستين ۽ اٺين صدي عيسويءَ دوران جڏهن عرب مسلمانن دنيا تي ڪاهون ڪيون ۽ سنڌ تي به قبضو ڪيو، تڏهن دنيا جي ڪيترن ئي شڪست کاڌل قومن پنهنجون مادري ٻوليون ڇڏي، عربي اختيار ڪئي. آهسته آهسته عربي ڳالهائيندي هو "نقلي عرب" ٿي ويا- عراق ۽ شام جا ماڻهو دنيا جي ٽن وڏين ٻولين جا خالق هئا. انهن کي عربي اختيار ڪرڻ جي ڪا به ضرورت نه هئي. پر فوجي طاقت سان انهن کي مجبور ڪيو ويو ته هو عرب ٿين. ان وقت سنڌ ۽ ايران چيو ته هو عربي سکڻ لاءِ تيار آهيون پر پنهنجي مادري ٻوليءَ تان هٿ نه کڻندا. سنڌين پنهنجي ٻوليءَ جي سگهه ثابت ڪرڻ لاءِ اڄ کان 1300 سال اڳ قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اهو قرآن شريف جو دنيا ۾ پهريون ترجمو هو- بهرحال، سنڌي ٻوليءَ تاريخ ۾ ڪئين چئلنجون قبول ڪيون ۽ نڀايون آهن. ٿي سگهي ٿو ته اڄ جي جديد دؤر ۾ سنڌي ٻولي ڪو ڪرشمو ڏيکاري.

سنڌي نوجوانن کي ڪهڙو رستو وٺڻ گهرجي؟

**يوسف :** اسين عظيم سنڌو تهذيب جا وارث آهيون. دنيا جي عظيم ترين قوم آهيون. ان جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. سنڌي نوجوان سنجيدگيءَ سان تحقيق ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان دنيا جي قومن کان اڳتي نڪري سگهن ٿا.

سنڌي شاعريءَ ۾ يڪ رنگي اچي وئي آهي. جنهن مان آدرش نڪري ويو آهي. ان ڏس ۾ اوهان ڇا چوندا؟

شاعري هونءَ به ان وقت هٿيار طور استعمال ڪئي ويندي آهي. جڏهن لکڻ يا اظهار جي آزاديءَ تي پابنديون هجن. جيڪي ڪجهه اڳ ۾ نه چئي سگهبو هو، اهو هاڻ نثر ۾ چئي سگهجي ٿو. اڄ حاڪمن تي ڇتي تنقيد ٿي رهي آهي ۽ ڪين گهٽ وڌ ڳالهايو وڃي ٿو. اڳي ائين نا ممڪن هو. ڪڏهن ڪڏهن شاعريءَ جو ٻه سٽون به هڪ ڪتاب کان وڌيڪ اثر ڇڏينديون آهن. ان لاءِ شاهه لطيف جهڙو شاعر ٻيهر پيدا ٿيڻ گهرجي، هاڻ ته ڪيترائي منهنجا شاعر دوست چون ٿا ته هنن ٽيليويزن لاءِ چار پنج سئو ڪلام لکيا آهن. ڪجھ عرصو اڳ تائين شاعري مذهبي پروپئگنڊا، هجر ۽ وصال يا سطحي رومانس بابت هاءِ گهوڙا ڪرڻ لاءِ لکي ويندي هئي. انسان جا ڏک سور شاعريءَ ۾ گهٽ ملن ٿا.

ڇا سنڌي معاشرو ٻيهر سپر ويليوز کي اختيار ڪري سگهندو؟ ڪرپشن ۽ نيپوٽزم جي آزار کان ڪيئن بچي سگهي ٿو؟

هڪڙو فلمي ڊائلاگ آهي ته شريف ماڻهوءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ان کان عزت ۽ امير کان دولت ڦري وٺو. سنڌي قوم کي ختم ڪرڻ لاءِ ان کان سنڌ جي ايڪانامي (economy) ڦري ورتي وئي آهي. اقتصاديات ۾ اسان وٽ هاڻ فقط زرعي شعبي جو اڌ کان گهٽ حصو بچيو آهي. باقي اڌ کان وڌيڪ سنڌ جون زمينون ڌارين جي قبضي هيٺ آهن. ان حالت ۾ ڪرپشن ۽ نيپوٽزم کان علاوه ٻيون ڪيتريون ئي برايون اسان جي معاشري ۾ ڪاهي پيون آهن. اڄ سنڌ جا ٽي حصا آبادي فاقن ۾ مبتلا آهن. اسان جي ٻارن کي غير معياري تعليم ڏني وڃي ٿي. گهڻو ڪري اسان جا ٻار بکئي پيٽ اسڪولن ۾ وڃن ٿا. صحت جو ڪو حيلو ناهي. ان حالت ۾ اسان کهڙي چڱائي جي اميد رکي سگهون ٿا.



يوسف شاهين نوجواني ۾

سنڌ ۾ تعليم جي تباهي جو ڪارڻ ۽ ان کان ڇوٽڪاري جو ڪو ڏس پنڌ آهي اوهان وٽ؟

تعليم جي تباهيءَ بابت واويلا ٻڌي ڪن پچي پيا آهن. چون ٿا ته سنڌ ۾ 13 هزار اسڪول بند پيا آهن. ڪڏهن اهو انگ ڇهه هزار ٻڌايو وڃي ٿو. تعليم جو سيڪريٽري فضل الله پيچوهو چوي ٿو ته اسان هر سال هڪ ارب ڏهه ڪروڙ رپيا ماسترن کي پگهارون ڏيون ٿا. جن مان اڪثريت اهڙن ماسترن جي آهي جن کي پاڻ پڙهائڻ جي ضرورت آهي. ڪراچيءَ ۾ ڌاريان پنجاهه لک جي لڳ ڀڳ روزگار سان لڳل آهن، هتي پرائيويٽ سيڪٽر طرفان سوين اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون کوليون ويون آهن. جيڪڏهن سنڌ جا سرنديءَ وارا ماڻهو اهڙو چڱو ڪم ڪن ته ڪجهه نه ڪجهه تعليم جي تباهيءَ کان بچي سگهجي ٿو.

خدا جي تصور تي اوهان گهڻو ڪجهه لکيو آهي. تصوف کي اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

مذهبن جي مقرر بندشن خلاف بغاوت کي 'تصوف' سڏجي ٿو. گذريل پنج هزار سالن م ڪيترائي خدا دنيا ۾ متعارف ڪرايا ويا. ابتدا اين، اينلل ۽ اينڪي سان ٿي. اينلل خدا اين جو پٽ هو جنهن کي 'ڪُن' چوڻ جو اختيار حاصل هو. ڪن فيڪون چئي هو جيڪي چاهيندو هو سو ٿي پوندو هو. طوفان نوح کان پوءِ جڏهن هيءَ دنيا ٻيهر آباد ٿي ته عراق جي پهرين بادشاهه اٽانا (Etana) کي خدائن آسمان تي سڏايو. اٽانا وڏي پکي جي پرن تي چڙهي آسمان ڏانهن ويو. آخري منزل کان ٿورو اڳ پکيءَ چيو ته هو هن کان اڳتي نٿو وڏي سگهي، هن جا پر سڙي ويندا. اهڙي طرح مصر جي بادشاهه ۽ خدا "را" (RA) کي خدائن آسمان تي اچڻ جي دعوت ڏني. هنکي انعام طور ايمن Amon خدا جا اختيار ڏنائون. اهڙي طرح هي شخص Amon-Ra بڻجي عظيم خدا جي حيثيت حاصل ڪري ويو. عراق جي شهنشاهه همورابي عظيم سلطنت بيبي لونيا (Babylonian Empire) قائم ڪئي. ان ۾ هڪ نئون



خدا "مردوڪ" متعارف ڪرايائين جنهن جي 1500 سالن تائين عبادت ٿيندي رهي. مردوڪ خدا جڏهن عرش الڪرسيءَ تان اٿندو هو تہ دنيا ۾ زلزلا اچي ويندا هئا. ايران جي شهنشاهہ سائرس ۽ سڪندر اعظم بہ مردوڪ خدا جي وجود جو اعتراف ڪيو ۽ ان جي راهہ ۾ قربانيون ڏنيون. يورپ جا ماڻهو 3200 سالن تائين (Zeus) خدا جي عبادت ڪندا رهيا. هنن زيوس خدا جي راهہ ۾ لکين نہ بلڪ ڪروڙين ماڻهو قربان ڪرڻ لاءِ ذبح ڪيا ۽ اولمپس رانديون عبادت طور رائج ڪيائون. عيسائيت اچڻ تائين زيوس مٿان انساني قرباني جاري رهي. اهڙي ريت روم جي عظيم سلطنت ۾ جوپيٽر (Jupiter) کي عظيم خدا تصور ڪيو ويو. هن مٿان بہ انسان قربان ڪيا ويا. جوپيٽر خدا جي هڪ هزار سالن کان وڌيڪ عرصي تائين عبادت ڪئي ويئي. اڄ بہ دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا خدا ڄاڻايا وڃن ٿا، جيڪي اها هام هڻن ٿا تہ هو هن ڪائنات ۽ انسان ذات جا خالق ۽ مالڪ آهن. دنيا ۾ اڄ ست ارب انسان آباد آهن جن مان ساڍا ٽي ارب ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ آهن. اهي "گوتم ٻڌ" کي خدا سمجهن ٿا، جيڪو آسمان کان انسان ذات خاطر زمين تي لهي آيو– ان کان علاوه عيسائي مذهب کي مڃڻ وارن جو تعداد اڍائي ارب جي لڳ ڀڳ آهي. اهي حضرت عيسيٰ کي خدا جو پٽ بلڪ خود خدا سمجهن ٿا. هنن جو چوڻ آهي تہ حضرت عيسيٰ ان جُز مان پيدا ٿيو جنهن مان خود خدا پيدا ٿيو. ان ڪري عيسائي خدا بدران حضرت عيسيٰ کان دعائون گهرندا آهن. هندستان ۾ لڳ ڀڳ هڪ ارب هندو برهما، شو ۽ وشنو کي عظيم ترين خدائن جو درجو ڏين ٿا. ان مان وشنو خدا جڏهن بہ هن دنيا ۾ ظلم بپا ٿئي ٿو تہ هو هن ڌرتيءَ تي اچي ٿو. هو هن وقت تائين 9 ڀيرا ظلم ختم ڪرڻ لاءِ لٿو آهي. اهڙي طرح جاپان، چين ۽ ٻين ملڪن ۾ شنٽو خدا جي عبادت ڪئي وڃي ٿي.



توهان ڪهڙي بنياد تي سائين جي ايم سيد کي نثر جو شاهہ لطيف ڪوٺيو؟



با مقصد لکڻيون ڪارگر هونديون آهن. آزاديءَ لاءِ لکڻ کان علاوه ٻيو ڪو بہ نثر متاهون ناهي. هن شخص آزاد ملڪ، آزاد قوم لاءِ قلم کان تلوار جيان ڪم ورتو، بلڪ عملي جدوجهد بہ ڪئي. شاهہ لطيف سنڌ جي آزاديءَ جو پهريون طالب، شاعر ۽ علمبردار آهي. ان کان پوءِ جي ايم سيد سڀ بندشون ٽوڙي، بغاوت ڪري، وڏو جوکم کڻي طاقتور فوجي حاڪمن اڳيان آزاد سنڌ جي ڳالهہ ڪئي. هن شخص جون لکڻيون، هن جو نثر، هنجا خواب اڄ نہ تہ سڀا ساپيان ٿيندا. ■




# انا السنڌ- شعور جو ڪرشمو...



آغا سليم

ماڻهوءَ جڏهن کان جبلتن Instincts امان جاڳي عقل، شعور ۽ ساڃهہ جي پرهہ کي پنهنجي اندر ۾ ڦٽندو ڏٺو، تڏهن کان هن ڌرتي جي ڏکن کي ڌوئڻ، ڏاڍ، ڌهڪاءَ، ظلم ۽ زورآوري سان ڌرتيءَ جي چڪندڙ ڦٽن کي ڇٽائڻ لاءِ نت نوان خواب ڏسڻ شروع ڪيا ۽ سموري پراڻي انساني معاشري کي ڊاهي، بنهہ پٽ ڪري، هڪ ايذائن کان آجي ۽ آزاديءَ جي نور ۾ وهنتل معاشري جا خواب ڏسڻ شروع ڪيا. حافظ شيرازيءَ جهڙو شراب ۽ شباب جو شاعر بہ چئي ٿو تہ:

**بيا تا گل بافشا نيم، مي در ساغر اندازيم**
**ملڪ را سقف بشگافيم، طرح نو در اندازيم**

"اڄ تہ گلن جي ورڪا ڪيون ۽ پيالن ۾ شراب اوتيون،
آسمان جي ڇت ۾ سوراخ ڪيون ۽ نوان بنياد رکون."

ڪن خواب پرستن تہ پنهنجي ان خوابن واري معاشري جو نقشو بہ پيش ڪيو، جنهن کي يوٽوپيا (Utopia) چوندا آهن. يوٽوپيا جون بہ معنائون آهن. هڪ اهڙي جاءِ جيڪا ڪٿي ڪانهي ۽ ٻي اها جاءِ جتي سڀ ٺيڪ آهي. اسان جي شاهہ بہ اهڙي يوٽوپيا جو تصور پيش ڪيو آهي. اهو معاشرو مارئيءَ جي ماروئن جو ملير آهي. اهو هڪ فطرت پرست انارڪسٽ جي خواب واري معاشري جو نقشو آهي، جنهن ۾ ذاتي ملڪيت ڪانهي. نفعي نقصان واري مارڪيٽ ڪانهي، جنهن ۾ انسان جا احساس ۽ خواب ۽ خود هو پاڻ نيلام نٿو ٿئي. هتي ماڻهن جو وڻن سان واپار آهي، ٻني جي ڪا واڙ ڪانهي، فصل جو ڪو راڪو ڪونهي، پوک پاڻ پچي ٿي پوي، ڪو محصول ڪونهي:

**نڪا جهل نہ پل، نڪو رائر ڏيهہ ۾.**

—

**پاڻهين پچي پيئون، رِءَ واهيت، رِءَ واڙ**

يوسف شاهين بہ ڏکايل ڌرتي ۽ ايذائيل انسانن جي خوشي جا خواب ڏسڻ ۽ خوابن واري معاشري يعني يوٽوپيا تخليق ڪرڻ وارن دانشورن مان آهي. جنهن عمر ۾ ماڻهو چنڊ سان پنهنجي پرينءَ جون ڳالهيون ڪندو آهي تہ اُپر چنڊ، پس پرين، تو اوڏا، مون ڏور، ان عمر ۾ يوسف شاهين "خدا، انسان ۽ جانور" جي عنوان سان يوٽوپيا لکي، جنهن ۾ هن ملڪن ۽ انهن جي سرحدن کي ختم ڪري، ساري ڌرتيءَ کي انسان جو ديس بنائڻ جي ڳالهہ ڪئي. دنيا جا سيئي ملڪ غاصبن ۽ جابرن جا جوڙيل آهن. بادشاهن ۽ فوجي سپهہ سالارن جي فوج ڪشيءَ جو (جنهن کي شاهين فوجي غنڊا گردي چوندو آهي) نتيجو آهن. ملڪن جي سرحدن جي بچاءَ ۽ انهن جي توسيع لاءِ فوج جي ضرورت ٿي پوي ۽ جنگيون ٿيون لڳن. پنهنجي ڪتاب "ان الحق" ۾ شاهين ٻڌايو آهي تہ ويٽنام کي اتر ۽ ڏکڻ ۾ ورهائي، سرحد قائم ڪرڻ جي ڪري، چاليهہ لک ويٽنامي، جن ۾ اڍائي لک ٻار هئا، قتل ڪيا ويا، انهن جو خون ڪنهن جي ڪاتي تي چاڙهيون، تاريخ جي محرر وٽ ڪنهن جي خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرايون ۽ ڪنهن کان انهن جو تاوان وٺون؟؟ ملڪن ۽ انهن جي سرحدن کي ختم ڪيو تہ جيئن ساري ڌرتي ماڻهوءَ جو ديس ٿئي. ان لاءِ ضروري آهي تہ ملڪن جي عالمي ڪانفيڊريشن ٺاهي وڃي، ان تصور کي شاهين هڪ وڏي سياسي مدبر وانگر پنهنجي ڪتاب World Confederation of the Peoples ۾ وڏي ڇنڊڇاڻ سان پيش ڪيو.

شاهين جڏهن "خدا، انسان ۽ جانور" واري يوٽوپيا لکي تڏهن سندس عمر ارڙهن سال مس هئي. هو حيدرآباد ۾ "خادم وطن" اخبار ۾ نوڪري ڪندو هو ۽ اڃا گمنام هو. ڪير ڪو ڪونہ سڃاڻندو هو ۽ شايد هو پاڻ کي بہ اڃا پوريءَ طرح سڃاڻي نہ سگهيو هو. هن جو اهو ڪتاب شايع ٿيو تہ ڪيترن نام نهاد دانشورن کي سندس ڳالهہ ئي سمجهہ ۾ نہ آئي. هڪڙي ڏينهن هو اخبار جي آفيس ۾ ويٺو هو تہ بہ دانشور هن سان ملڻ لاءِ





تاج بلوچ ۽ فخرالزمان سان گڏ

آيا. هنن شاهين جي ڪتاب جي تعريف ڪئي ۽ ڪيس ٿامس مور جو ڪتاب يوٽوپيا سوکڙي ڏنائون. ٿامس مور پهريون دانشور هو جنهن يوٽوپيا جي عنوان سان ڪتاب لکيو هو ۽ شاهين بہ يوٽوپيا لکڻ وارو پهريون سنڌي دانشور هو. ڪيس سوکڙي ڏيڻ وارا اهي دانشور جويو صاحب ۽ رباني هئا. شاهين اڄ تائين اڌ صدي اڳ ڪيس مليل ان سوکڙي کي سانديندو اچي.

يوسف شاهين تاريخ جو شاگرد آهي. هن تاريخ کي وڏي ڌيان سان پڙهيو آهي. شعور جون شمعون جلائي هو هندستان، يورپ ۽ دنيا جي تاريخ جي اونداهين ۾ ويڙهيل گهٽين ۽ گس گهميو ۽ اتان نيون نيون سچايون ڳولي ڪٽي آيو. ڪوڙ جون قبائون پاتل فاتحن جون قبائون لاهي هنن کي سندن اصلي حالت ۾ پنهنجي ڪتاب "فاتحن جي دنيا" ۾ ماڻهن جي آڏو آڻي بيهاريو ۽ اهڙي طرح هن جو اهو ڪتاب ڄڻ تہ تاريخ تي Judgement آهي. هن انگلينڊ جي تاريخ تي William the Bastard ڪتاب لکي انگلينڊ جي تاريخ نويسن کي ترغيب ڏني آهي تہ هو سندس ڪتاب جي آئيني ۾ تاريخ جي سچاين کي ڏسي وري نئين سر انگلينڊ جي تاريخ لکن. ماضيءَ جي خدائن جي عروج ۽ زوال تي ڪتاب Rise and fall of gods لکي هن خدائن جي عظمتن جي ڪوڙ کي اگهاڙو ڪيو. ڪهڙي خبر تہ اڄ جن خدائن کي پوڄيو ٿو وڃي اُهي سڀاڻي ڪوڙا ٿي پون ۽ انسان کي پنهنجي عقل ۽ فهم تي شرمسار ٿيڻو پوي.

شاهين سان منهنجي دوستي تمام پراڻي آهي. ايتري پراڻي جو مون کي ياد بہ ڪونهي تہ اسان جي دوستي ڪڏهن شروع ٿي ۽ پهريون دفعو اسان ڪٿي ملياسين. مون شاهين کي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي. هن جي شخصيت جا بہ مضبوط ۽ ڪمزور رخ آهن پر هن جي شخصيت جو هڪڙو رخ سندس ٻين سڀني رخن تي حاوي آهي، اهو آهي سندس چڙ، خار ۽ ڪاوڙ وارو رخ. اها ڪاوڙ هن کي اسان ۽ توهان تي نہ آهي، تاريخ تي آهي، ڪوڙن خدائن تي آهي، جابر بادشاهن ۽ فوجي سپهہ سالارن تي آهي، جن انساني لاشن تي بيهي عظمت ماڻي ۽ ظلم ۽ جبر جي بنيادن تي ملڪ ٺاهيا ۽ انهن جي سرحدن کي وسيع ڪرڻ لاءِ انسانن کي ڪٺو، عورتن جي عصمت دري ڪئي ۽ انسان جيڪو احسن التقويم آهي، تنهن کي ٻڪرا پڙيءَ ۾ نيلام ڪيو. هن جيڪي بہ ڪتاب لکيا آهن، اهي ان چڙ ۽ ڪاوڙ جو عملي اظهار آهن.

چڙ ۽ ڪاوڙ انسان جا منفي جذبا آهن پر يوسف شاهين جي چڙ ۽ ڪاوڙ مثبت آهي جو اها انسان ۽ هن ڌرتي لاءِ سندس اٿاهہ محبت مان ڦٽي آهي. هو انسان جي ساري تهذيب کي رد ٿو ڪري، جنهن انسان جي بنيادي حرمت کي مجروح ڪيو آهي. هو دنيا جي ملڪن ۽ انهن جي سرحدن کي رد ٿو ڪري، جن جي ڪري جنگيون ٿيون، ٿين پيون ۽ اڃا ٿينديون. هن جو ساري ڌرتيءَ کي انسان جو ديس بنائڻ جو خواب سچ پچ تہ ڌرتيءَ جيڏو ئي وڏو آهي. شاهين جو ايمان آهي تہ سندس اهو خواب ضرور پورو ٿيندو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن شاهہ سائينءَ جي سر سسئيءَ وارا آرياڻي ايندا، جيڪي هن ٻري پنڀور کي اجاريندا، چوريون چرڻ سکنديون ۽ ڏکيون ڏک ويهنديون. قلندر جي اچڻ کان اڳ سيوهڻ ۾ بودلو بهار آيو هو. هو سيوهڻ جون گهٽيون صاف ڪندو ٿي ويو ۽ چوندو ٿي ويو تہ منهنجو قلندر هن گهٽيءَ مان لگهندو ۽ هن گس تان ايندو. شاهين بودلي بهار وانگر ماڻهن جي دلين جي سيوهڻ جون گهٽيون ٿو صاف ڪري، جو اهي آرياڻي ماڻهن جي دلين جي دڳن تان ايندا.

ماندا ٿئو نہ ماڻهُئا، ايندي مُند ملارَ
اڄ نئين نينهہَ جا، ڏيان ڏسَ هزارَ
ڪري سَوَ سينگارَ، اُپاريان سڄُ اندر مان

ٿيندا ٿيندا، نيٺ تہ ٿيندا!
ياڳَ اسان جا، هاڻ پلا!
ڍهندا ڍهندا، ڪينَ رهندا
هي سمورا ڪوٽَ قلعا!

لائون لهندا گهوٽَ،
آزاديءَ جي اوٽَ،
ڪِري پوندا ڪوٽَ،
مَتل، ڏيو موٽَ،
سڄڻ، مورو ويٺي ڏيان.

شعور سوال ڪندو آهي ۽ پنهنجن ئي سوالن جا جواب مهيا ڪندو ۽ نتيجا ڪڍندو آهي:

ڳالهہ ڳُجهائتي، ويڙهي مون ويئي
پُڇان پاڻَ کان، پاڻا منجهہ پيهي
چو سورَ سپيئي، پلئہ سنڌ پيا.

هڪڙي ڳالهہ تہ ڏس ميان!
جا آهي نہ منهنجي وس ميان!
پنهنجا پراوا سڀ پُڇن ٿا-
هن ڌرتيءَ تي
دودا، جوڌا ڪوهہ ڪُسن ٿا!

ڪا تہ راهَ نجات جي، ٻيلي ٻڌايو
قضيو ڪربلا جو، چو وَروَر ورجايو
چو ڪَنڌَ ڪيرايو، انمول اُتاهان.

۽ پوءِ هو سُر ٻانيٽو ۾ تاريخ کان شاهدي ٿو ڏياري ۽ مخدوم بلاول جي گهاڻي ۾ پيئل ماس سر بلاول ۾ سنڌ جو نئون اتهاس ٿو ٿي پوي:

ڪڪوريل ڪاڪ جا، سپوئي سجاڳ
صدا لڳي سر جي، تہ پانئن پلو پاڳ
آهي شهيدن ماڳ، نالي ۾ سنڌ سڄي.

متان ڏرو ڏاڍ کان، ڏاڍي ناهہ جهل
ڪٽو صليب سر تي، مرڻ هيءَ مهل
چڙهيو سَنڌ ساهَ جي، ڪَنڌَ رهي مَ ڪلَ
هٽي هام هڪل، پر جهليو بلال جي.

يوسف شاهين کي مان هن دور جو صوفي سڏيندو آهيان، جنهن جو سنڌ سان وحدت الوجودي عشق آهي. منصور ان الحق جو نعرو هنيو هو ۽ يوسف شاهين انالسنڌ جو نعرو هنيو آهي. هن جو پنهنجي پرينءَ سان عشق جو اهو عالم آهي جو هن سنڌ جي هر سور کي پاڻ سنو آهي. هر سور سان گڏ سنڌ لاءِ وڙهيو ۽ انهن سان گڏ شهيد ٿيو آهي، پوءِ اهو مخدوم بلال هجي يا ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو هجي. صوفي جي ڪنن تي پهريون آواز الست بربڪم جو پيو هو پر يوسف شاهين جي ڪنن تي پهريون آواز اقرا با سم ربڪ جو آواز پيو تہ هن پنهنجون آسمان ۾ ڪتل اکيون جهڪائي پنهنجي اندر ۾ ليئو پاتو ۽ سندس سارو اندر اجرو ٿي ويو.

اقرا با سم ربڪ، پيم ڪن پڙاءُ
وحدہُ لاشريڪ لہُ، ڏنم ايءُ وراءُ
تڏهن جيءَ جڙاءُ، ڪيائين پاڻ قرب سين.

الا اکين کي، ڪو سالڪ سمجهائي
جنهن لاءِ واجهائين، واڻون ورائي
سو اڳيئي آهي، موجود مون من ۾.

الا کهڙيءَ ڪاڻ، ڏيان ڏوهہ اکين کي
جنهن لاءِ واجهائين, سو سدا اتم ساڻ
اکيون اڻ ڄاڻ، رهيون ان رمز کان.

اندر ۾ جڏهن اُهاءُ ٿو ٿئي، اناالحق جو نعرو ٿو پڙاڏي ۽ سچل گيڙو الفي پائي، يڪتارو وڄائي مستيءَ ۾ رقص ڪندي "آهيان پاڻ اسرار" وارو اسرار ٿو سلي تڏهن اسان جو هي ويهين صديءَ جو صوفي الله جي اڳيان سراپا سوال بڻجي ٿو بيهي تہ جڏهن انسان تنهنجو مظهر آهي، احسن التقويم آهي تہ پوءِ هو ايڏا سور ڇو ٿو سهي. هن ڌرتيءَ تي بہ اهنجن ايذائن جي جهنم ۾ ٿو جلي ۽ مرڻ کان پوءِ بہ تو هن لاءِ دوزخ ٻاريو آهي:



تون جبار، تون قهار، تو وٽ دوزخ باه
ڪهُمَرَ ڪرين ڪهڪاءُ، دانهون ٿين دوزخ ۾.

تون ڏاتار، تون ڏيِ، دوزخ باهه اُجهاءِ
جو خلقيو خوب هوءِ، سو واٽون تو واجهاءِ
رجهيل روح ريجهاءِ، دانهون ٿين دوزخ ۾.

هو هن ڌرتيءَ تي بک ۾ پاهه ٿيڻ وارن پنهنجن پائرن جي ڪري جنت ۾ وڃڻ کان انڪار ٿو ڪري:

تون ستار، تون غفار، تو وٽ جنت جاءِ
مکڻ، ماکيون، ميوا، اُتِ اڻ ميا ڏناءِ
ڪوڙين بکيا هت سمهن، جيئڻ تن نہ جاءِ
دل دانهن ريءَ نہ رهي، ماٺ مون مَ جڳاءِ
کهڙي مُنهن اچانءِ، پائر منهنجا بک ۾.

هي جيڪو شهيدن جو ماڳ آهي ۽ نالي ۾ سنڌ ٿو سڏجي، ان ماڳ ۾ شهيد ٿيندڙ ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بي مثل بينظير جي شهادت جي شاهدي ڏيئي اعلان ٿو ڪري:

سنڌ سموري آهِ پنهنجي
ڪير آهي، ڪير آهي، ڪير آهي
جو ويندڙ واڳ ورائي ٿو
جو رٺل سڀ ريجهائي ٿو
جو يوسف پاڻ سڏائي ٿو
۽ هر هر هي هُلائي ٿو
هاڻ ڪڏهن ڪاڻ نہ ڪنهن جي!
سنڌ سموري آهِ پنهنجي

هن نظم ۾ مان جيڪر هڪ سٽ جو واڌارو ڪيان ته:

جو يوسف پاڻ سڏائي ٿو
۽ انا السنڌ الائي ٿو.

شاهين جي شاعريءَ جي سٽ سنڌ، سنڌ واسين، ڌرتي ۽ انسان لاءِ سڏڪا ٿي پري ۽ اکر اوڇنگارون ٿا ڏين:

لڪانِ تہ ڪيئن لڪان، سُڏڪا سٽ پري
يوسفُ حال دل جو، ڪري تہ ڪيئن ڪري
پاکر منجهہ پري، اکر ڏين اوڇنگارون.

هن جي شاعريءَ جون سٽون رڳو سڏڪا نٿيون پرن، اکر اڇنگارون نٿا ڏين پر سوريءَ لاءِ سڏ بہ ٿا ڪن، اونداهي اٿاهه ۾ ٿانداٽا ٿي ٿمڪن ٿا ۽ هڪ نئين دور جي بشارت بہ ڏين ٿا، جڏهن ملڪن جون سرحدون ريٽجي ۽ ميٽجي وينديون. ساري ڌرتي انسان جو ديس هوندي ۽ ڪو جابر ۽ ظالم هن ڌرتيءَ کي جبر ۽ ظلم جا زخم نہ ڏيندو، آرياٽي اڇي بري هن پنيور کي اجاريندو، چوريون چرڻ سکنديون ۽ ڏکيون ڏک ويهنديون.

ماندا ٿئو نہ ماڻُهئا، ايندي مُند ملارَ
اڄ نئين نينهہَ جا، ڏيان ڏسَ هزارَ
ڪري سَوَ سينگارَ، اُپاريان سِڄُ اَندر مان.

نئين دور جي اها بشارت شاهين جي جذبات کان نہ ڦٽي آهي، تاريخ جي جدليات جي شعور مان ڦٽي آهي. ان ڪري مان شاهين جي شاعريءَ کي جنهن کي شاهين اندر جو اُهاءُ ٿو چئي، شعور جو ڪرشمو ٿو سڏيان. ■

# ايندي مند ملار...

مدد علي سنڌي

”رات جي پوئين پهر ۾، ڪنهن شاعر جو بياض،
ٽٽڙي هير ۾، ورق ورق ٿي اڏامي رهيو هو،
مون انهن ورقن کي ڏاڍي مشڪل سان گڏ ڪري،
چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ ويهي پڙهيو،
اُهي شاعر جا نوحا هئا -

هاءِ دنيا! هاءِ زندگي، هاءِ ڌرتي جا ڏک!“
*(هڪ ٿائي نظم مان)*

ڪنهن وقت ۾ شاعري اصل ۾ ديوتائن جي زبان هوندي هئي. ڌرتيءَ جي پالڻهار طرفان پنهنجن بندن سان خطاب شاعريءَ ۾ ٿيندو هو. اهي قديم مناجاتون، قديم مصر جي عبادتگاهن مان هٿ آيل دعائون يا نندي ڪنڌ جا اتهاسڪ پراڻا گيت، رُگويد جون رچنائون سڀ شاعري آهي. دور جاهليت جي عربي شاعريءَ کان وٺندي مصر جي پيپائرز تي لکيل عشق جا گيت ٻڌائين ٿا تہ انسان جي ذهني تخيل ڪيڏي نہ وشال هئي. علم عروض جي بيان ۾ هڪ هنڌ آيل آهي تہ ”ابو عبدالرحمان الخليل ابن احمد بن عمر تميم البصريءَ کي سندس هڪ دعا جي عيوض، جيڪا هن مڪي شريف ۾ ڪئي هئي، هن کي علم جو الهام ٿيو. پوءِ هُن علم عروض تي هڪ ڪتاب لکيو“. شاعري بہ الهام جو هڪ قسم آهي. شعر لفظ بنيادي طور تي شعور مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي احساس ڪرڻ.

هڪ ٻيو عربي عالم علامہ ابن رشيق پنهنجي هڪ ڪتاب ’الحمده‘ ۾ شاعريءَ کي يا شعر جي بنياد کي چئن ڳالهين ۾ ورهايو آهي. پهريون لفظ، ٻيو وزن، ٽيون قافيو ۽ چوٿون- معنيٰ ۽ قافيو.

بهرحال اها تي منطقي ڳالهہ. اصل ڳالهہ اها آهي انسان جي اندر ڪائي ٻي دنيا وسي ٿي، جنهن کي هرڪو ئي نہ پر ڪو ڪو ماڻهو پسي ٿو. هر ماڻهو شاعر نہ آهي. هر ماڻهو زندگيءَ کي، زندگي جي انتهائي سونهن ۽ سوڀيا کي، زندگي جي دلڪش نظارن کي، رات جي اونداهيءَ ۾ ٽم ٽم ڪندڙ تارن، سانجهي ٽاڻي لهندڙ سج ۽ شفق جي رنگن، اماوس جي ڪارين راتين، چوڏهينءَ جي چانڊوڪي ۾ وهنتل وايو منڊل کي، بدلجندڙ رتن جي هڳاءُ کي، حسن ۽ صداقت کي نٿو محسوس ڪري سگهي. اهو سڀ ڪجهہ فقط ڪي ڪي ماڻهو محسوس ڪري سگهن ٿا. اهو ئي سبب آهي، جو مشهور شاعر پئبلو نرودا پنهنجي شاعريءَ کي ’اندر جي اونهائيءَ جو سڏ‘ لکيو آهي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي اندر ۾ عميق جهڙي اونهائيءَ پاٽمرادو ڪونہ جنم وٺندي آهي- ان جو ڪارڻ وقت جا لاها، چاڙها ۽ زماني جون بيرحم حالتون هونديون آهن. ڪنهن بہ جينيس يا وقت جي ڏاهي ماڻهوءَ جي سچاٽپ اها هوندي آهي تہ هو پنهنجي لکڻين وسيلي ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي.

جڏهن انسان جي زندگيءَ جا تجربا هن جي سوچ ۽ فڪر کي جلا بخشين ٿا، تڏهن مٿس ڏاهپ ۽ اونهي سوچ ۾ وڃڻ جي سگهہ بہ جنم وٺي ٿي. شاعر بہ پنهنجي دور جو هڪ حساس ماڻهو هوندو آهي. جڏهن کان هيءَ دنيا وجود ۾ آئي آهي، تڏهن کان شاعري بہ انساني زندگيءَ سان گڏوگڏ سفر ڪندي پئي اچي. شاڪيہ مُني، يعني گوتم ٻڌ بہ پنهنجي دور جو هڪ وڏو ودوان هو. سندس جنم اڍائي هزار ورهيہ اڳ ڪپل وستو ۾ ٿيو هو. ٻڌ پنهنجي دور جو هڪ وڏو ڏاهو انسان هو. ڪانئس ڪيترا ورهيہ اڳ مهاوير جنم ورتو هو. هر دور ۾ ڪونہ

ڪو گوتم ٻڌ ضرور پيدا ٿيو هوندو. هر سوچيندڙ ذهن بہ هر دور ۾ پيدا ٿيندو پيو اچي. هر ڪلاڪار هر دور ۾ جنم وٺي ٿو. فرق فقط اهو آهي تہ هر دور جي ليکڪ جي سچائي ۽ سوچ جو تخيل هڪٻئي کان مختلف ضرور ٿئي ٿو. پر هر دور جي شاعرن ۽ پيغام ڏيندڙ حساس ليکڪن جا زباني ٻول پنهنجي دور جي عوام کي بيحد متاثر ڪندا پيا اچن. ڪيترن ماڳن ۽ ملڪن ۾ اهڙن ماڻهن پنهنجي شاعري ۽ گفتن وسيلي دنيا کي تبديل



سوجهرو

# يوسف شاهين ڪارنر





سنڌي ۽ اردو اديبن سان تاج بلوچ جي ڪتاب جي مهورت جي موقعي تي

ڪري ڇڏيو آهي. ماڻهوءَ تي شاعرن جي شاعري، ديوتائن جي مناجاتن ۽ پيغمبرن جي الهامي ڪلام وڏو اثر ڪري سندن دنيا پئي بدلائي آهي. ماڻهو بنيادي طور تي ڏاڍو ويچارو ٿو ٿئي. هن جي اندر ۾ به ڪيترن ئي اسرارن جي دنيا آباد آهي. ان دنيا ۾ هن جا ڏپ، هن جون خواهشون، هن جون اميدون، هن جا خيال، هن جا تصور، هن جون ڪلپنائون سمايل آهن. اهي سموريون اونداهي آسمان تي ٽمر ٽمر ڪندڙ تارن جيان ڪڏهن اجهامنديون آهن ته ڪڏهن روشن ٿينديون رهنديون آهن. اميدن جي شمع يا شعاع ئي ڪنهن مشعل وانگر انسان کي - جيڪو ٿڪل ۽ ٿڪل ڪنهن مسافر وانگر ٿو ٿئي، اڳتي وڌڻ جي سگهه پئي ڏيندي آهي.

شاعري يا ادب، جيڪو تخليقي آهي، انسان کي ڪنهن اڻڏٺل دنيا ۾ وٺي ٿو پهچائي. ڪنهن به شاعري يا نثر اپياس ڪرڻ سان انسان کي پنهنجي وجود جو حقيقي معنيٰ ۾ احساس ٿيندو آهي. قديم هند ۽ يوناني شاعري يا لاطيني ادب يا وري دور جاهليت جي عربي شاعري ۽ خود فارسي شاعري، عوام جي زندگين تي باڪمال اثر ضرور ڇڏيا آهن.

سنڌي شاعري قاضي قادن کان وٺي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح تائين ۽ ڪشن چند بيوس کان وٺي شيخ اياز، نارائڻ شيام ۽ اڄ جي جديد سنڌي شاعرن تائين هڪ دور جي عڪاسي ڪري ٿي. اڄ کان 31 ورهيه اڳ 1979ع جي پڇاڙي، يا خدا نه ڀلائي ته 1980 ۾ جڏهن يوسف شاهين جي شاعري جو ڪتاب ”اندر ۾ اُهاءُ ٿيو“ شايع ٿيو ته ان وقت سنڌي ادب جي دنيا ۾ وڏو چوٻول مچي ويو هو. ان وقت مون کي ياد آهي ته سندس لکيل بيتن ۽ واين بابت ڪيترن ئي ادبي ڪچهرين ۾ ذڪر ضرور ٿيندو هو. مون کي سندس هڪ بيت اڃا تائين ياد بيٺو آهي:

**پرين پسڻ ڪاڻ، واجهايان واهون**
**سدا سپرين لئه، دل اندر دانهون**
**اهي منهنجون آهون، اڄ بادل بڻجي آيون.**

بادل بڻجي اچڻ جو استعارو مون کي ڏاڍو وڻيو هو. انسان جي آهه به بادل وانگر جڏهن مٿان اچي پوندي آهي ته بادل وانگر روئارڙيندي به آهي ته پاڻ به روئندي آهي.

يا سندس هي وائي جڻ هر دور جي ڏکويل ماڻهن جي دلين جو آواز آهي:

**ڳلي ڳلي ڳائي، ڏيان ڏس هزار**
**ماندا ٿيو نه ماڻهئا، ايندي مند ملار**
**ايندي مند ملار.**
**ڏڪئي هن ڏيهه تان، ٻاري لهندا ٻار**
**ايندي مند ملار.**
**ويندي رات رڙي، پسي پرهه پار**
**ايندي مند ملار.**
**لهندا يوسف لوڪ تان، اڻ ميا آزار**
**ايندي مند ملار.**

يوسف شاهين جي شاعري ۽ نثر پنهنجي جاءِ تي دلڪش ۽ ڏاڍو وسيع آهي. هو پاڻ هڪ هنڌ پنهنجي شاعري بابت لکي ٿو:

”جيتري قدر شاعريءَ جو تعلق آهي ته آئون 1979ع تائين شاعر نه هئس، نه ڪڏهن شاعريءَ جي هڪ سٽ لکيم، نه شاعر ٿيڻ بابت ڪڏهن سوچيم. هڪ رات تاريخ جو مطالعو ڪندي خيال پيم ته مون کي شاعري ڪرڻ گهرجي. ان رات مون چار بيت لکيا ۽ ان کان پوءِ لکندو ويس“.

يوسف شاهين نه رڳو هڪ حساس شاعر، بيحد وسيع مطالعو رکندڙ اهل دل ۽ اهل علم اديب آهي، بلڪ هو هڪ ئي مهل ڪميٽيڊ ليکڪ پڻ آهي. جيئن پئبلونيزودا، حقيقي معنيٰ ۾ هڪ سياسي فرد هو. پنهنجو هڪ نظريو رکندو هو، جنهن تي هو سڄي ڄمار ڪاربند رهيو. نيرودا چوي ٿو ته: ”تاريخ ۾ سدائين هڪ شاعر جو هڪ ئي رتبو ۽ شاعريءَ جو اهو مَرڪ رهيو آهي ته هو گهٽيءَ ۾ وڃي ۽ ڪنهن نه ڪنهن لڙائيءَ ۾ ضرور ڀهرو وٺي“. تيئن يوسف شاهين به چوي ٿو ته ”نظرياتي وابستگي کان سواءِ به لکڻ ائين آهي جيئن ڍنگرن تي اٽو هارڻ!“ هن جو فڪر پنهنجي جاءِ تي گهڻو ڪجهه سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. بهرحال، ان حقيقت کان انڪار ممڪن ڪونهي ته يوسف شاهين جي شاعري هڪ ڪميٽيڊ شاعر جو آواز آهي. هو صاحب سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي هڪ اونهي طائرانه نظر رکي ٿو. يوسف شاهين، بنيادي طور تي نه رڳو پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ تڙپي ٿو، پر هو ساڳئي وقت بين الاقواميت، عالمي انساني برادريءَ ۾ به ايمان رکي ٿو. هر سجاڳ ليکڪ وانگر هو به معاشرتي آزادي جو خواب ڏسندڙ ۽ سماج ۾ اڻ برابريءَ جو خاتمو چاهي ٿو. هن جي ذهن جو ڪئنواس تمام وسيع آهي. جن ماڻهن سندس انگريزي ۾ لکيل ڪتاب ”Rise and fall of gods“ پڙهي ڏٺو هوندو، اهي اُن حقيقت کان واقف هوندا. يا وري شاهين صاحب جو ڪتاب “World confederation of the peoples” پڻ سندس عالماڻي سوچ جو اظهار آهي. ”گليلو“ وانگر يوسف شاهين به پنهنجي عهد جي جاهلانه سوچ، غير تخليقي خيال، ذهني جبر ۽ ڏاڍ جي خلاف آهي. انهن سمورن مذهبي ورتائن کي هو نٿو مڃي، جيڪي ماڻهن کي پوئتي موٽائڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهن. آئون ذاتي طور تي سمجهان ٿو ته يوسف شاهين جو لکيل ڪتاب “Rise and fall of gods” گليلو جي ڪتاب “Dialogue concerning the two chief world system— Problematic and Copernican” وانگر آهي. گليلو تي به وقت جي ڪليسا ڪاوڙجي ڪيس سڄي ڄمار گهر ۾ نظربند ڪري ڇڏيو هو. پر جهالت خلاف حق جو آواز بلند ڪندڙن ۾ سندس نالو سڀ کان مٿانهون آهي. ساڍيون چار صديون گذرڻ کان پوءِ به هو اڄ به زنده آهي ۽ تاريخ جي ڪتابن ۽ روشن خيال لکين عوام جي دلين ۾ سدائين روشن سج وانگر روشني ٿو پکيڙيندو رهي.

يوسف شاهين جو بين الاقواميت ۾ ويساهه هوندي به سنڌ سان سندس ڪڏهن به نه ڇڄندڙ پيچ اٽڪيل آهي. هو هڪ وڏي حساس شاعر ۽ عالم وانگر پنهنجي ڌرتي سنڌ لاءِ اندر ۾ وڏو هڳاءُ رکي ٿو. سندس شاعري سنڌي ڪلاسيڪل شاعري ۾ هڪ املهه اضافو آهي. سندس نثر ۾ بي پناهه سگهه موجود آهي. هو هڪ ئي وقت شاعر، نثر نويس، صحافي ۽ تاريخ جو طالب علم آهي. مون کي سندس اها تقرير اڃا تائين نٿي وسري، جيڪا هن اسلام آباد ۾ اڪيڊمي آف ليٽرز ۾ اديبن جي ڪانفرنس ۾ ڪئي هئي. اڙدو ۾ ڪيل سندس انهيءَ تقرير اتي واهه وڃائي ڇڏيا هئا. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اها تقرير هن ڪتاب ۾ پڻ شامل آهي. شيخ اياز وانگر يوسف شاهين کي به انگريزي ٻوليءَ تي وڏو عبور حاصل آهي. مٿي مون سندس لکيل ٻن انگريزي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. اهي ڪتاب دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ وڏي ناماچاري حاصل ڪري چڪا آهن. تنهن کان سواءِ سندس لکيل ننڍڙو ڪتاب ”فاتحن جي دنيا“ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ منفرد ڪتاب آهي. ان ڪتاب ۾ هن تهذيبن، مذهبن ۽ تاريخ بابت پنهنجي آزادانه راءِ جو اظهار ڪيو آهي. هن جي اندر ۾ جيڪو جهونجهار ۽ مزاحمتي ليکڪ ويٺل آهي، تنهن ڪيس ڪنهن نه ڪنهن جنگ ڪرڻ تي ضرور اڀاريو آهي. هُن وقت جي شدادن، نمرودن ۽ فرعون صفتن سان مقابلو پڻ ڪيو آهي. مون کي شخصي طور تي ان ڳالهه جي بخوبي ڄاڻ آهي ته هو ڪڏهن به ڪنهن جي آڏو سچ چوڻ کان نه مڙيو آهي. ڪنهن به حاڪم آڏو هن حق جي ڳالهه ڪرڻ کان نه ڪيٻايو آهي. شاهين صاحب هڪ وڏو وقت جيل ۾ پڻ گذاريو آهي- پر ترنگ جي ان تيرٿ دوران مون ڪڏهن به ڪيس ملول ۽ غمگين نه ڏٺو. بنيادي طور تي پاڻ دائود پوٽو آهي. سنڌ جي شاهاڻي گهراڻي سان تعلق اٿس. ان ڪري شخصي طور تي هن جي طبيعت ۾ اها بادشاهي به ضرور موجود آهي. مان ڪيس 1972ع کان وٺي سڃاڻان. تڏهن هن هفتيوار برسات رسالو جاري ڪيو هو. بعد ۾ شاهين صاحب روزانه برسات ۽ اها به ٻارنهن صفحن تي مشتمل جاري ڪئي ۽ ان ۾ چار وڏيڪ صفحا ”اقتصاديات“ لاءِ وقف ڪيا ويا. ان وقت برسات اخبار سنڌ جي صحافت ۾ ٿرٿلو مچائي ڇڏيو. شاهين صاحب ان اخبار ۾ اپ ڪنڊ جي مهان ڪوي شيخ اياز کي ايڊيٽر ڪري اچي ڪرسيءَ تي ويهاريو. اهو قدم خود هڪ تمام وڏو فيصلو هو. مون کي ياد آهي ته اهو دور شيخ اياز جي لاءِ ڏاڍو عجيب هو. پاڻ سکر ڇڏي اچي ڪراچي رهيو هو. تڏهن وائيس چانسلريءَ جي





# يوسف شاهين ڏانهن...

ممتاز مرزا

هي ءُ خط توکي شايد حيران ڪري، جو منهنجي تو سان ايتري ديگهه نه آهي. ڪلهه (1980-2-11) تي، شمشير تنهنجو ڪتاب ”اندر ۾ اُهاءُ ٿيو“ ڏنو. رات جو هڪ ساهي ويهي پڙهي ورتم. تنهنجي اها اعليٰ تصنيف ايڏي ته متاثر ڪندڙ آهي، جو ان جو داد نه ڏيڻ به ڇڻ ڪفر جي برابر آهي- مون سنڌي بيت جي شاعريءَ جو پنهنجن وسيلن آهر تمام چڱو مطالعو ڪيو آهي. ڪوبه آڳاٽو شاعر يا جديد شاعر توڙي سُگهڙ اهڙو نه آهي، جو منهنجي نظر مان نه نڪتو هجي! تنهنجي ڪلام جي نواڻ توڙي تازگي، دل جي گهراين تائين پهچڻ واري آهي ۽ روح ۾ هڪ قسم جو اُڌمو پيدا ٿئي ٿو- واقعي شاعري محض ذات سان ئي واسطو رکي ٿي ۽ تو تي ذات لٿي آهي ۽ ڪمال سان لٿي آهي.

بيت ۽ وائي اسان جي شاعريءَ جا پنهنجا جهونا گهاڙيتا آهن. زنده قومن وانگر اسان جي شاعري جي انهن صنفن ۾ تنوع رهيو آهي ۽ تنهنجو ڪلام سچ پچ ته ٻين اسان جي لڏي وارن شاعرن لاءِ راهه ڏيکاريندڙ ڪرٽي وانگر آهي ۽ انسان جي دل تي جيڪو اثر شاعري ڪري ٿي، اهو اثر تنهنجي ڪلام ۾ آهي. تو ڪي سچ پچ دل سان مبارڪون ڏيندي فخر ٿئي ٿو، جو تو اوچتو ئي اوچتو سنڌي ادب جي دنيا ۾ هڪ انوکو تجربو ڪري پنهنجو پاڻ موکيو آهي.

”سُر سنڌ“ عجيب احساس جو مجموعو آهي. دنيا ۾ اڄ ڪلهه ڪيئي انقلاب آيا ۽ محض جاڳرتا پيدا ٿي، انهيءَ ڳالهه مان ته گهٽن ڪان گهٽن ماڻهن تائين اهو عظمت ۽ سجاڳي جو سنيهو رسي ۽ جيڪڏهن اهي ڳالهيون ڳائجن ته پڙهڻ ڪان وڌيڪ ٻڌڻ سان اثرائتيون ٿينديون. منهنجي طرفان دلي مبارڪون قبول ٿين.

*(12 فيبروري 1980ع- ڪراچي)*

# اندر ۾ اُهاءُ ٿيو...

يوسف شاهين

جڏهن روح جُڙيو، لُنءُ تڏهن ڪان لاڳي
آلاپي الحمّد، سورهَ ورجائي ساڳي
لفظ ’سنڌ سپاڳي‘، لکيم لوح قلم تي.
00
چٽڪ پيئي چت ۾، تان سُتي ٿيم سارَ
اُٿي آڌيءَ رات جو، ڪيم پرت پچارَ
او سپاجها ستارَ، سگهو ڪرِ سنڌ ڪي.
00
سگهو ڪر سنڌ ڪي، واحدَ ٿي واهي
اٿئون آس اِهائي، جُڙيو رک جهانَ سين.
00
سبق پڙه سُورَ جو، ٻيا ورق سڀ وسار
ڪوري ڪڍ قلب مان، ڪيني جي ڪِنار
ترن سي ئي تار، جي پاڻُ هڻن پاتار ۾.
00
سسئي ۽ سنڌ، ڳالهه مڙوئي هيڪڙي
هيءَ قابو ۾ پيڪڙي، هوءَ سوگهي منجهه سرير.
00
سنڌ سُڌڪِن ۾، آئون اَوائي
نه ڪُڇان نه لُڇان، نه وري ڪا وائي
اهڙي ئي آئي، ساعَت ٻڌي سندرا.
00
سِنڌ سُڌڪِن ۾، الا اَڄُ آهي
ويچَن ڪاڻ وائُون، ويٺِي واجهائي
ٻاتاڙيو ٻُڌائي، ڪيسَ ڪانئرن جا.
00
سڌڙيا ساهَ جا، تارئونُ ڪين ترن
ٻُڌي نيٺ مرن، سي ٻُڪَ پاٽيءَ ۾.
00
اُهي ڏينهن اُهي شينهن، اُها رَسَ رهاڻ
اُهي نينهنَ، اُهي مينهن، اُها موجَ مهراڻ
سي منّي مُنهن ويا، الا، کهڙيءَ ڪاڻ
مڙوئي موروثي، حَقَ وڃايون هاڻ
ڪو ساٿي، ڪو سُڄاڻ، سور سلي سنڌ جو.
00
سور سلي سنڌ جو، ڪو عاقلُ ڪم اِمامَ
هيڪاندا حَقَ لئہ، جو جهيڙا ڪري جامَ
ڪکُ نه ڏيڻو ڪنهن کي، اي هُلائي عامَ
هند هند هٽي هامَ، ته سنڌ سپاجهي آهِسانجي.
00
سور سلي سنڌ جو، ڪو جابرُ، ڪو جليلُ
لکي پاٽا لوحَ تي، ٿئي پاٽا واتُ وڪيلُ
اي در در ڏي دليلُ، ته سنڌ سپاجهي آهِسانجي.
00
سور سلي سنڌ جو، ڪو صاحب سودائي
جو حَقَ ري، نه ڳالهه قبولي ڪائي
وجهي وڻ وڻ اِها وائي، ته سنڌ سپاجهي آهِسانجي.
00
ڏنءُ لهي هن ڏيهہَ تان، ڏُڪَ پون ڏري،
هَر هَر اِها هانءَ تي، اچي ڳالهہ تَري،
ته ويڙهيچا وري، شَلَ سُکيا ڏسن ڏينهڙا.
00
جُڙيو رَکُ جهان سين، ڪاملَ! قُرب ڪري،
سُوگهي آه سيرَ ۾، سا ٻُڌَلَ تار تري،
شَلَ اهڙو واءُ، سدوريءَ سنڌ تي.
00
سُونهاريءَ سنڌڙيءَ سين، اَزلئون انگ مُون،
گهور ٿيان شل اُن مٿان، جا پلي آهِيُون،
راتو ڏينهان مُون، آس اِهائي هيڪڙي.
00
ڏانجهن تي ڏانجها، سٽ سونل سنڌ،
ساري سُهانجا، وجودئون وڃ ٿي!
00
سنياري ساٿَ کي، سنڌو سَڏ ڪري
لهي لوهُ لڱڻ تان، اهڙو واءُ وري
اَچو پير پَري، گهوٽُ ٿيڻ گهاٽي ۾.
00
ماڳُ ملي ڪيئنَ ماٿ ۾، ويتا وَٽَ وڃَن
گهوماڻِجي گهرَ ۾، گهوڙا گهوڙا ڪن
ڇُرن ڪين چانئٺ تان، هينئون هَٽَ هڻن
سي سدا سور سهن، جي سڌَڙيا آهن سُکجا.
00
ڳالهہ کَر ميان، اٿئي کهَڙو سورُ
موٺَڻُ ناهِ مورُ، ڏکُ وَهاءِ ته ڏڙُ ٿئين.
00
ڪانئر سچي ڪيچَ کي، ويا وکوڙي
اِهو سور سَڀَ کي، نرتئون نِهوڙي
مانَ ڪو موڙي، واڳَ اڄ وَطن جي.
00
کهڙي ڪارڻِ جيڏيون، ڪانڌي ٿيا ڪُلالَ
سڌُ نه ڏينم سَڌَ سين، ههڙا ٿيا حالَ
ساري اِي سوالَ، ڪرتَ پوُن ڪَپارَ ۾.
00
ڳُهلا اِنهيءَ ڳالهه جي، کَرِ ڪا سورَ پچارَ
هُو اُيا آزار سين، اسان نينهنَ نِهارَ
اَهڙا قُرب قرارَ، مٿو نِيندا ماٽ ۾.
00
ٿَلها ٿِڪر چاڙهي، ڪوڙا ڏينِ ڪوٽَ
ڳالهين سين ڳوٽَ، ڪين ٻڌبا ڪڏهِ.
00
ڳالهہ ڳُجهائتي، ويڙهي مون ويئي
پُڇان پاڻَ ڪان، پاٽا منجهہ پيهي
چو سورَ سيئي، پلئہ سنڌ پيا.
00

# يوسف شاهين ڪارنر

00

سور سلي سنڌ جو، ڪو عاجزُ، ڪو عليلُ
هيٺن هڏن سين، جو ڏاري ڏاڍا ڏيلَ
تهان پوءِ تڪميل، ٿئي سدوريءَ سنڌ جي.

00

سور سلين سنڌ جو، لاهوتي لڪميرَ
لاهين لوڪَ تان، زوريءَ جا زنجيرَ
اهڙا هادي ۽ حميرَ، اُٿن شالَ الوٽ مان.

00

هاڻ نہ ڪڏٽي ڪاڻ، توٽي هٿن تيرَ
لهندا نيٺ لوڪَ تان، زوريءَ جا زنجيرَ
ڪن هڪڙي ڳالهہ حميرَ، تہ سنڌ سڀاجهي اسانجي.

00

کهڙي ماتَ ميان، رونئان بيٺو راڄَ لئہ
ڪڏي ڪاٽُ ڪنڌَ مان، اڇن شالَ اِيان
تہ واري ساهُ ڏيان، پَسي تن پڌَرَ تي.

00

اُٿي آنڊي ڪاڻ، جهيڙو ڪرِ جهونجهارَ
سَڏَ وِجاءِ ساهَ جي، پَڌر اُڇل پاڻ
ڍالَ جيان ڍوليا، تَنُ پاهنجو تاڻ
هيئين سين هاڻِ، وَڍِ تہ واڍي ٿئي.

00

اُٿي جهيڙو ڪاءُ، پويان ڪر مَ پيرَ
ڦاهيءَ وجهي ڦيرَ، اَڏَ ڪر اَمُرَ ڪي.

00

اُٿي جهيڙو ڪاءُ، لاه جهيڙو جيءَ تان
جهَاجهہ ڪرِ جهيڙي ۾، جهِيڙي سانَئِي آءُ
جهيڙي جو جڙاءُ، ڪرِ جهيڙِيندي جهيڙالَتي.

00

سَڏُ ٿئو ساٽيهہَ جو، اُٿي منزل ماڻ
ويلَ نہ وجي ويسرا، هلڻ توهجو هاڻ
ڪڍڙِي ناه ڪاڻ، ڏاري وجهہ ڏونگر ڪي.

00

هيئين سين حمير، هٽي ڪر هَندَ
موٽي اچي مُندَ، جي سَڏ ڪرين سُورن ڪي.

00

ميان! کهڙي مات، صبر سيرَ وهائي
واڪا ڪري وائي، اڇو اُٿاريون اُپَ ڪي.

00

سُورَنِ سندي ساتَ جا، سَدا سوالي
اُٿارينِ اُپَ ڪي، سي جابر جَلالي
هَلنِ هَٿين خالي، گنيو مٽيا مَنَ ۾.

00

ويهڻَ مان نہ وري، هَلُ، چڙي حيلا
وجائي وَسيلا، گهڙُ تہ گهوٽُ ٿئين.

00

هيئين سين حبيب، هَلُ، چڙي حيلو
جن ويچ نہ وسيلو، تن سُورن سگهو ڪئو.

00

جي سَدَ اٿئي سُڪَ جي، تہ ماڳَ پانهجو مَٽ
ويهہ تنين وَٽ، ڏُکيو جنين ڏاهہَ ڪئو.

00

ڏونگر، مون ڏاههَ جا، ڪوهُ ڏئين ڏَسَ
مُون لئہ گهٽا گَسَ، تو چارو ناه چرڻ جو.

00

پَهرُ نہ گُذري پاڻَ تان، ويلَ ٻٽي وڄُ
سورن سندو سِڄُ، لهندو ڪڏهن لُوڪَ تان!؟

00

وڏجي وڻ وئا، گهُمن هت گهوڙا
اجا ڪينَ ٻوڙا، ٻُڌين سَڏ ساٽيهہ جا.

00

ووءِ ووءِ مان نہ وري، پَڌَر اُڇل پاڻ
سَڏ چڙي ساهہ جي، هَلُ حبيبا هاڻ
سُور ڪٽي ساڻ، ڏاري وجهہ ڏونگر ڪي.

00

ووءِ ووءِ مان نہ وري، ڪومَ ڪري ووءِ
’ساه ناهِ سيڪي‘، جوئي اِهو چوءِ
تہ پاٽا اچي پوءِ، ماڳُ تنين جي ماڳ تي.

00

لُڇنِ ڪينَ ڪُڇنِ، اهڙا اَٿيئي
گُم آهن گهرَ ۾، سي ساڄَن سيئي
تنين ڪاڻ ويهي، کهڙي ڪيان هت ڳالڙي.

00

ميان، کهڙي مامري، مُهر لڳي هت ملت جي
ڪيڏا ٿئا ڪلورَ، ڪيئن ويٺين وساري
سبق پَڙُهہ سالڪَ جو، سُرت سنياري
’وڍيل وايون ڪري، ڪُٺل ڪُوڪاري‘ ❶
تُرها سي تاري، جي سامهون ٿين سَموند ڪي.

00

ووءِ ووءِ مان نہ وري، نڪري ٿيءُ نروارِ
پهتا سي ئي پار، اَڙيا جي آزارَ سين.

00

اندر منجهہ اُڇل، ٿي سارينڌي سات ڪي
جيءَ رهي نہ جهَلَ، سُڏڪي سڏڪي سڏڪيم.

00

ويهُ واڍن وٽ، جي وَر وَر ويچارين
سوئي سنوارين، اَڻ گهڙيا ڪاٺَ.

00

ويهُ رازن وٽ، جنين اَڏڻ عبادت
اَرضي امامت، ڪو حاصل ڪري هنن ڪان.

00

ڪوهُ سُڏڪي سَڏ ڪرين، نهوڙيل نياڳي
آهين ڪير اَياڳي؟ سوري پلئہُ سنڌ ڏنم.

00

ڪوهُ سُڏڪي سَڏَ ڪَرينِ، ڪِٿي توهجو گهُوٽُ
آهين ڪير اَموٽ؟ سُوري پلئہ سنڌ ڏنم.

00

ڪوه سُڏڪي سَڏَ ڪرينِ، نينگر نِماڻي
آهين ڪير اَياڻي؟ سوري پلئہ سنڌ ڏِنَم.

00

ڪوه سُڏڪي سَڏ ڪرين، ڪٿي تنهنجا ڪانڌَ
سنڌ توهجي سَرير ۾، آ ايڏي آنڌ مانڌ
ڳچيءَ پايو پاند، ٿي لِيلڙائين لَڄَ لئہ.

00

لِيلڙائي لَڄَ لئہ، سنڌڙي سونهاري
وَڍيل ويچاري، ووڙي گسَ ويڃَ جا.

00

لِيلڙائي لڄَ لئہ، ويا ويچاريءَ وَسَ،
ويٺي ووڙي گَس، گُم آه پنهنجي گهرَ ۾.

00

مِنت چڏ ميسٽا، پري هَڻُ پالا
قَبرَ ڪشالا، ڪَڍُ تہ ڪاڪِ ماڻئين.

00

ڏانجهن تي ڏانجها، سَنا سونل سنڌ
ساري سُنهاجا، وجودئون وڄُ ٿي.

00

ڏيهہَ مٿي ڏهڪارَ، ڏٺا ڪينَ ٿيام
تان قلم کهاڙي، هَٿَ ڪيم هٿيارَ
متان ڏين ميارَ، ڪا ماروئڙا مون ڪي.

00

وري ويڙهيچن، ساڳيو ڪيو سُوالُ
ڪَڏهِ ڪين سنيرون، ڪوئي سَيَرو سالُ
ههڙو پسي حالُ، قلم کهاڙي مون ڪيو.

00

ويا ڪوه وڃائجي، سپوئي سُڪَ
ڪاهي آئيِ هن ڪيچ تي، بيحاليءَ ۾ ٻُڪَ
ڏسي اهڙا ڏُڪ، قلم کهاڙي مون ڪيو.

00

وِڃائي وجُود ڪي، هٿن هَٿَ هزارَ
گُم ٿيا گُمان ۾، مُڙس مٽيادار
لُڇن پُڇن لوڪ ڪان، يوسف سندا يارَ
ڪيئن باري لهن بارَ، ڏڪئي هن ڏيهہَ تان.

00

هيئين سين هَنداءِ، منهنجي ڳالهہ ڳنوارَ
جي ڏاڍي ڏهہَ مٿا، تہ هيٺين آهين هزارَ
چڏ تِر تِر ۾ تڪرارَ، لاه لوڙائو.

00

ويندا ڪڏهِ ونءُ ٿي، ويري وڳر ساڻ
هر ڪنهن اها هاڻ، ڳالهہ آهي ڳنڍ ۾.

00

تاڙيو پَل تاڻِ، هيڪاندا هَٿيارَ تون
اٿيئي اَندرَ ۾، سِي آزارَ سپ آڻ
هَر ڪو چوي هاڻِ، ڪَڪُ نہ ڏيٽُو ڪنهنکي.

00

ڪَڪُ نہ ڏيٽُو ڪنهنکي، توٽي هَٿَ هٽِنِ
لِڪا گهُمن لوڪَ ڪان، ويري مَنجهہ وٽنِ
ڇَڻِ ڇَڻ ٿي ڇڏَن، ورن جي واهرو.

00

ڪَڪُ نہ ڏيٽُو ڪنهنکي، توٽي هَٽَنِ هَٿَ
ڪانيارِي ڪَٿ، هلندِي مُور نہ هِتهين.

00

ڪَڪُ نہ ڏيٽُو ڪنهنکي، تُوٽِي ڪَنِ تِرِ تَرَ
ڪانياري ڪرِ ڪرِ، لهندي نيٺ لوڪَ تانَ.

00

ڪَڪُ نہ ڏيٽو ڪنهنکي، توٽي تِڪا ٿين
توٽي نِرمل نِين، توٽي پئونڪن پونءِ تي.

00

مِيان! مَدي چَڏ، ناتَ هٽنديـن هَتڙا
لُوسِي، لَلُو، لال، سي سيئي سَڏ
تِهان پوءِ تڪڙو، لڏو هتان لڏ
وڃو گڏو گڏ، تہ لهي بارُ لوڪ تان. ■

❶ شاهہ لطيف



# ڏيڻ

ج٠ع٠منگهاڻي

گهر ۾ گهڙندي ئي صالوءَ پنهنجي ڪلهي تي رکيل اجرڪ سٽڪو ڪري کٽ تي اڇلايو ته پورو ڪيس حيرت مان تڪڻ لڳو. صالوءَ جو چهرو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو هو ۽ هو ڏڪي رهيو هو.

"ويھ ادا، خير ته آهي؟" پوري جڻ آڌر ڪندي چيس.

صالو بنا جواب ڏيڻ جي کٽ تي ويهي رهيو. وهندي ئي وري اٿيو ۽ اٿندي ئي کٽ تي پيل پنهنجو اجرڪ سٽ ڏيئي ڪٽي ڪلهي تي رکيو.

"ادا پورا، غريب آهيون بيشڪ، پر بيعزتا ۽ بيغيرتا ڪونه آهيون."

"ادا، الله نه ڪري. اڄ ڇو پيو ائين کهرو ڳالهائين؟"

"کهرو ڪونه ٿو ڳالهايان، باقي مان وجان ٿو ۽ هير رڳو اهو ٻڌائڻ آيو آهيان ته هاڻي تنهنجي گهر ڦيٽو ٻيٽو وجهڻ ڪونه اچبو."

"واسطو اٿئي ڏٽيءَ جو، ائين اسان کي ننڌٽڪو ڪري متان وڃين. منهنجي ڌيءَ صفا مري ٿي. ڪو ڦيٽو وجهينس ڪو پاڻي پڙهي ڏينس. من ڪو رب رحم ڪري." پوري ايلاز ڪندي چيو.

"ڦيٽو پاڻي ڪهڙو پورا، اوهان کي جڏهن ايمان ئي ڪونهي ته پوءِ؟"

"ڇو ڪين ايمان آهي ڪير ٿو چوي؟"

"هي جو تو وارو پٽ پيو هر هنڌ چوندو وتي ته نيامت کي مون ماريو آهي."

"ڪاهو (ڪهڙو) مون وارو پٽ؟"

"اهوئي احمد ٻيو ڪير، ٻه درجا پڙهي پاڻ کي الائي ڇا ٿو سمجهي. چوينس ته اڙي، اڃا تو کي ڪپي، الله جي ڳجهن ۾ هٿ نه وجهه، متان ليڇين ئي نه."

"صالو، دعا ڪرينس، چريو آهي جو ائين ٿو ڳالهائي. نوا ۾ هجي ته ائين چوي؟" پوري ايلاز ڪندي چيس.

"نوا ۾ ڇو ڪونهي، شهر ۾ وڃي مٿو ڦري ويو اٿس. ٻيو وري وڏيري واري پٽ علي رضا سان اٿي ويهي ٿو سو پائين ٿو ته مان ڪا چيز آهيان."

"هئو ادا هئو، ڳالهه لڪ جي ڪيئي. سچي ٻه جڏهن کان اوڏانهن اچي وڃي ٿو مڙيئي ابتڙيون ڳالهيون ڪري ٿو."

"هئو پورا، سمجهائي ڇڏينس، نه ته هيءَ جيڪا جنات آهي نه، اها مڙيئي ڏٽائي (ٿاري) ڪنهن کي ٻه ڪونه ٿي. متان!!"

پورو ڏڃي ويو ۽ رڙ ڪري سندس وات تي هٿ رکيو.

"متان صالو متان نالو اٿئي رب جو، متان ڪو اکر ڪڍيو اٿئي وات مان. تنهنجو سنئون سمهاڙو اکر ٻه گولي آهي صفا. متان ڪا پٽ ڏينس. آئون اڳيئي هڇيل آهيان ادا، هاڻي مون وٽ آهي ڇا؟ ڪهڙي ملڪَ آهي مون وٽ. هڪڙي ڌيءَ الله کي پرتي، ٻي هيءَ تنهنجي اڳيان لاچار پيئي آهي. باقي ٻه ڪٽا آهن وسند ۽ احمد، تن کي پٽي ٻڻ متان ڪڍين." پوري ذري گهٽ روئيندي چيو.

"ٻڌ پورا، آئون مٿو ڪونه آهيان تنهنجو. هير ٻه جڏهن تنهنجو ماڻهو آيو ته مان پنهنجو ڏڻ جهنگ ۾ ڦٽو ڪري آيو آهيان. واندو ڪونه آهيان آئون ٻه."

"بيشڪ ادا بيشڪ، وڏا لائق وڏا وڙ تنهنجا."

تيسين احمد گهر ۾ گهڙيو ۽ صالوءَ کي ڏسندي ئي وري ٻاهر ٿي نڪتو ته پوري جي مٿس نظر پئجي ويئي،

"احمد، او احمد!" پوري ڪاوڙ ۾ سڏ ڪيس.

"ڇاهي بابا؟"

"هيڏي آءُ، اچي صالوءَ جي پيرين پئُ."

"ڇو بابا، ڇو صالوءَ جي پيرين پوان؟"

"ڪاوڙيو آهي تو تي، الائي ڪهڙيون اونڌيون ابتيون ڳالهيون ڪيون اٿئي ماڻهن سان."

"ڪهڙيون ڳالهيون بابا؟"

"صالوءَ کي ڪنهن چيو آهي ته، احمد ٿو چوي، 'منهنجي ڀيڻ نياموءَ کي صالوءَ ماريو آهي.'-"

"پوءِ اهو غلط ٿو چوان ڇا؟ ائين ئي ته آهي. نياموءَ کي صالوءَ نه ماريو آهي ته ڪنهن ماريو آهي؟"

"بند ڪر زبان پنهنجي، خبر پوئي ٿي ته ڇا پيو بڪين؟"

پوري، صالوءَ ۾ نهاري ڏڃي احمد کي دڙڪو ڏنو.

"ها، ها، خبر اٿم. اهو ئي پيو بڪان ته هي ماڻهو خوني آهي قاتل آهي. قتل ڪيائين آهي منهنجي معصوم ڀيڻ جو."

"جهل ڙي وات حرامي، وڏو آيو آهي مون سان آمهون سامهون ڳالهائڻ وارو. هي جتو ڏسين ٿو." صالوءَ اتاوليءَ مان ڳالهايو.

احمد جي منهن جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو.

"صالو، تون مونکان عمر ۾ وڏو آهين پر اها ڳالهه ايڏي اهم ناهي، جيڏي اها ڳالهه ته تون هينئر منهنجي تڏي تي آهين تنهن ڪري لحاظ ٿو ڪريان، باقي هاڻي سنڀالي ڳالهائجان. وڌيڪ آئون لحاظ نه ڪندس. عمر ٻمر گڏي ڏيندو سان." احمد تپندي چيو.

"اڙي، اڙي پيٽسان ڪنجر، ڳالهائي ڪيئن ٿو؟ صالو آيو ڪٿي ٿي، مس مس ڪري ته آٽايو اٿم. نياڳا، سچي گهر تي جنات جو اثر آهي سو صالو رَڪَ وجهڻ آيو آهي. تنهن سان ائين ٿو ڳالهائين؟"

پوري پٽ کي گهروڙي منهن تي چنبو هنيو.

احمد ڪاوڙجي گهر کان ٻاهر نڪري ويو. صالو ٻه ويو ٿي پر پوري ڪيس جهليندي پنهنجي مٿي سان ٻڌل رومال سندس پيرن ۾ اڇلائي چيو، "ادا، هي بادشاهه پير دستگير جو چيڙهو اٿئي. مان تنهنجي پيرين ٿو پوان. معاف ڪرينس چريو آهي."

"ادا، هي جڏهن چريو ٿيندو، تڏهن سڄي دنيا چري ٿيندي. ڪونهي چريو ٻريو، هروڀرو ڏسي وائسي ٿو سڀ ڳالهائي." صالوءَ چيو:

"ڇڏ پورا، وڃڻ ڏي مونکي. مان تو وٽ بيعزتي ڪرائڻ ڪونه آيو هوس جو..." صالوءَ پوري جو ٻانهن مان هٿ ڇڏائيندي چيو.

پورو وري ٻه سندس پيرن تي ڪري پيو. سندس اڳيان زمين تي پنهنجي آڱر سان سڌي لڪير ڪڍي چيائين،

"ادا صالو، هي ليڪو اٿئي وڏي مرشد پيران پير دستگير بادشاهه پير جو، جي هتان ويو آهين. مون مسڪين تي رحم ڪر."

صالو وري اچي کٽ تي ويٺو ته پوري زال کي سڏ ڪيو،

"منا، او منا!"

"..."

"منا، ڪٿي مئي آهين؟"

"..."

"بابا، امان پاڻي ڀرڻ ويئي آهي."

رحمت هيٺي ۽ ڪمزور آواز ۾ چيو ته صالوءَ جو ڌيان ٻه رحمت ڏانهن ڪڇي ويو. کٽ تان هيٺ لهي پٽ تي سٽل رحمت وٽ ويهي ڪجھ پڙهي ڪيس ڦيٽا وجهڻ لڳو ته، پوري جي هانءُ تان ڄڻ ڇپ لٿي ۽ منهن تي اطمينان پکڙجي ويس.

"پورا، نم جي سائي ٿاري پٽي آءُ."

پورو تڪڙ مان اٿيو ته سٽڻ جو پانچو پيرن ۾ ڦاسي پيس. ٽاٻڙجي ٻاهر نڪتو ۽ اڱڻ واري نم جي وڻ مان سٽ ڏيئي ٿاري پڇي آڻي صالو کي ڏنائين. صالو وهاڻي تي ويهي رعب مان رحمت جي ڪمزور ۽ هيڊي منهن ۽ ٻانهن تان ٿاري گهمائي ڪجھ پڙهڻ لڳو.

رحمت تي اڃا مس جوانيءَ پير پاتو هو، هاڻي ڪائنس جواني ته ڇا پر جيون ٻه رٺل هو. ڪمزور جسم، هيڊيون وڏيون اکيون سڪل ڇهري تان نڪرڻ لاءِ آتيون. تڪڙا تڪڙا ساهه، آنڌ مانڌ، لوچ پوچ. پر پوري جو سڪون ۽ اطمينان حيران ڪندڙ هو. ڪيس پڪ هئي ته سندس ڌيءَ جو علاج اول آخر صالوءَ وٽ ئي آهي. بس هاڻي صالو پئي

رحمت کي ڦيٽا وڏا. ٻيو پوري کي چا کپي. صالو، رحمت کي ڦيٽا پڙهي رهيو هو تہ منا، پاڻيءَ جا گهڙا مٿي تي کڻي آئي.

"منا."

"جيءُ."

"ماني تہ تيار آهي نہ؟"

"جيءُ."

"کڻي آءُ صالوءَ لاءِ."

"اون... هون." صالوءَ ڦيٽو پڙهندي پٽکيو.

"کڻي آءُ تون ماني." پوري هوڏ واري انگل سان چيو.

منا ماني کڻي آئي تہ صالوءَ بہ ڦيٽو پڙهي شوکارو هڻي ڪلمو پڙهيو،

"لا اله الله محمد الرسول اللهﷺ."

پوري، منا ۽ رحمت بہ ساڻس گڏجي ڪلمو پڙهيو.

صالو، پاڻيءَ جو گلاس کڻي در کان ٻاهر هٿ ڌوئي اچي ماني کائڻ وينو. تہ منا چيس،

"ادا صالو، رحمت تہ جيئن پوءِ تيئن ڪمزور ٿيندي پيئي وڃي."

"ڦيٽا تہ وڏائين آهي پوءِ؟" صالوءَ کان اڳ پوري وراڻيو تہ کٽي هو ٻيهر نہ ڪاوڙجي وڃي.

"ادي، الله رحم ڪندو. اسين سڀئي سندس موتاج آهيون. ڇوڪريءَ جي مٿان وڏو حساب ڪيل آهي، وري جنات جو بہ اثر اٿس. جنات وڏي ڏنگي ۽ خنام آهي. ڏٺي پناهہ ڏي."

"هئو ادا، اسين مائٽ نياڳا ڪاريءَ ٽڪا آهيون. اولاد ويچارو اسان جا ٿو ڪيتا لوڙي." منا، بيوسيءَ مان ڌيءَ ڏانهن نهاريندي چيو.

"نہ ادي، ائين نہ چئو. اوهين ٻئي زال- مڙس سچي راڄ ۾ سچا، اشراف ۽ پنهنجو ڪائڻ وارا آهيو. ڪير بہ ڪونہ چوندو اوهان جي ٻچن کي ڪيتن لوڙڻ جو." صالوءَ ماني ڪائي گرڙي اڇلائي او ڳرائي ڏيندي چيو.

پوري ۽ منا انجهيون اگهندي ڪائنس موڪلايو تہ صالوءَ منا جي مٿي تي هٿ رکي چيو، "ادي، جيڏو الله آهي تيڏو ئي منجهس آسرو آهي. روءُ نہ الله چڱي ڪندو. مان وري بہ چلو ڪيندس."

*

احمد، رحمت جي پر ۾ وينو هو تہ رحمت نهايت ايذاءُ ۽ تڪليف مان ڪُنجهندي چيو، "ادا احمد، مان مرانءِ ٿي. مونکي بچاءِ."

احمد جا لڙڪ لڙي پيا.

"مان اڄ ئي توکي اسپتال وٺي ويندس."

"امان ۽ بابا ٻئي ڪونہ مڃيندا. هاڻي تہ آئون وِک بہ کڻي نٿي سگهان. صالو چوي ٿو، 'اسپتال جو نالو ئي نہ وٺو نہ تہ جنات بگڙي پوندي.' ادا، جن مونکي بہ ادي نياموءَ جيان ماري ڇڏيندا. مان بہ صفا اديءَ وانگيان ئي ڳرندي پئي وڃان."

"نياموءَ کي بہ صالوءَ ماريو آهي. توکي بہ صالو پيو ماري. امان بابا ٻئي نٿا سمجهن ڪجهہ بہ. توکي ڪوبہ جن ٻن ڪونهي. نياموءَ کي بہ سائي هئي توکي بہ اهائي بيماري آهي. ان بيماري ۾ پرهيز ۽ احتياط ٿو کپي پر اوهان ٻئي گڏ سُمهنديون ۽ گڏ ڪائينديون پيئنديون هيون. مان شروع ۾ جڏهن هتي هوس تہ ڪيترو اوهان کي سمجهائيندو هوس پر پوءِ بہ تون نياموءَ کي گرهہ ڪارائي وري اڌ گرهہ پاڻ کائيندي هيئين. هن بيماريءَ جو علاج شهر ۾ آهي."

"نہ ادا نہ، ائين نہ چئو مٿان جنات خدا نہ ڪري توکي نقصان رسائي. منهنجو ساهہ بہ توتان صدقو. مان مئس تہ چا! تنهنجو سِر سَلامت هجي."

احمد، پاڻ کان ننڍي ڀيڻ جو پاڻ لاءِ ايڏو اٿاهہ پيار ڏسي سوچ ۾ ٻڏي ويو تہ سندس ماءُ چيو، "ابا، رحميءَ کي الله اڪاريندو. هوءَ سچ ٿي چوي. دوا جو نالو نہ وٺ. صالوءَ چيو آهي تہ نيامو جيان رحميءَ کي بہ جنات ۽ حساب ٻئي آهن."

"کهڙا جن، کهڙا حساب. سڀ رڳو ڪوڙ ۽ جهالت آهي." احمد ڪروڌ مان وراڻيو.

"ابا، تون وچ ۾ نہ پئو. نالو اٿئي رب منئي جو. صالو ٿو چوي تہ..."

"صالو، صالو، صالو... خدا ڪو صالوءَ کي غرق ڪري. تباهہ ڪري ڇڏيائين آ مسڪينن کي. جيڪو ٿو بيمار ٿئي هو نم جي ٿاري هٿ ۾ جهلي ٿو نڪري. ڏسانس ٿو تہ هاڻي ڪيئن ٿو رحميءَ کي ڦيٽا وجهڻ اچي."

احمد، ايترو چيو تہ ماڻس ۽ رحمت جون خوف کان اکيون ڦاٽي ويون.

"ابا، تون هليو وڃ شهر. مٿان توکي بہ!"

"چو شهر وڃان. هڪڙي ڀيڻ اڳيئي مارياٿين آهي ٻي بہ هليو وڃان تہ ماري."

احمد، ماءُ جي خوف کي نظرانداز ڪندي چيو، "امان، هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌاءِ؟ پير سيد تہ سڀئي مرشد وڏا، ڪانيءَ ڪرامت وارا، نبيءَ جي آل اولاد ۽ پيڙاهتيا پر هي صالو چا آهي؟"

"ابا، صالوءَ وارا بہ وڏا پهتل آهن."

"ڪٿي پهتل آهن امان، آمريڪا ۾ يا انگليند ۾. ڪٿي؟"

"هيڏي ابا، پوڳ نہ ڪر. انهن وٽ بہ جنات جو، حساب جو، منڊ/ڪامڻ جو اِزن آهي."

"هاڻي امان، تو سان ڪهڙا بحث ڪريان. باقي بابا اچي تہ هِڪ هڪاڻي ٿو ڪريانس."

"ڪر هِڪ هڪاڻي." پوري گهر ۾ گهڙندي، احمد جي ڳالهہ ٻڌي چيو.

احمد، جي نرڙ تي ڏک ۽ ڪاوڙ مان گهنج پئجي ويا ۽ نرڙ جون رڳون اڀري آينس.

"بابا، ڏسين پيو رحميءَ جو حال؟"

"ها ابا، ڏسان پيو. ڇا ڪريان. الله آهي."

"بابا، الله تہ آهي. بيشڪ. پر الله پاڻ اچي دوائون ڪونہ ڏيندو. ڪرڻو سڀ ماڻهوءَ کي پاڻ آهي. حيلو تہ ڪريو، پوءِ وسيلو بہ ٿي پوندو."

"ابا ڦڪيون بہ تڏهن فرق ڪنديون، جڏهن انهن کي امر ٿيندو."

"بيشڪ بابا، پر ڦڪيون بہ ڏيو نہ. امر پلي پوءِ ٿئي."

"..."

"مان رحمت کي اسپتال وٺي ٿو وڃان."

اهو ٻڌي پورو جڻ ڇتو. چيائين، "اسپتال وٺي ويندين جو آئون مئو آهيان. صالوءَ ويچاري صبح جو چيو آهي، 'اڄ هو جنن جي آستان ۾ وڃ جهنگ ۾ چلو ڪيندو.'-"

"..."

"سيني کي چيائين آهي تہ چلي واري هنڌ ڏانهن ڪو مال کي بہ نہ پهرائي ۽ تون ٿو ڌيءَ کي اسپتال وٺي وڃين. صالوءَ چيو آهي، 'دوا جو نالو بہ نہ وٺجو، نہ تہ جن سيني گهرياتين کي ڳاٽي مان پڃي رکندا.'-"

احمد، ٻئي هٿ مٿي تي رکي هيٺ پٽ تي ويهي رهيو تہ پوري بہ سندس پر ۾ وهندي چيو، "ابا، رب سٺائي ڪندو."

پنيان رحمت ڏي نهاري احمد کي چيائين، "ابا، هيڏي تہ نهار. ڪلهہ کان اڄ رحمت چڱي آهي؟"

احمد، رحمت ڏانهن ڪنڌ ورائي نهاريو ئي ڪونہ. ائين ئي ڪنڌ هيٺ ڪيو وينو رهيو تہ پوري وري چيس، "ابا، آفتون اينديون تڪڙيون آهن پر وڃڻ ۾ وقت ٿيون وٺن."

"..."

وري رحمت ڏي نهاري چيائين، "امان رحمي، پياءُ کي دلاسو ڏي، ساڻس ڳالهاءِ."

رحمت جيئن تيئن ڪري مٿو مٿي کڻي چيو، "ادا احمد، آئون ٺيڪ آهيان."

رحمت جو آواز انتهائي ڪمزوري جي ڪري لرزي رهيو هو. احمد ڇرڪي ڀيڻ ڏانهن نهاريو تہ پوري مشڪي چيس، "ڏٺئي ابا، ڪلهہ کان رحمي اڄ خوش آهي نہ؟"

"ڌوڙ خوش آهي."

"..."

"بابا، مان هي هٿ ٿو ٻڌانءِ. مونکي موڪل ڏي تہ رحمت کي شهر وٺي وڃان."

پوري ڏٺو تہ هينئر احمد، ڏک ۽ ڪاوڙ ۾ آهي. سو کڻي ماٺ ڪيائين. وري انهي مهل ڇرڪي احمد ڏي نهاري چيائين، "سچي ابا، تنهنجو سنگتي علي رضا آيل آهي پنهنجي زمين تي. مون سان واٽ تي مليو هو ۽ تولاءِ سلام ڏنائين آهي تہ اچي ملي وڃي."

علي رضا جي اچڻ جو ٻڌي احمد جي منهن تي ڪجهہ سَرهائي آئي.

"بابا، ايندي ساڻ ڪونہ ٻڌايئي."

"بختاور، تنهنجو اهو ئي جهتو (جهڳڙو) ٿو هلي گهر ۾ سو..."

"بابا، هي جهتو ڪونهي. هاڻي علي رضا بہ آيو آهي. مان رحميءَ کي شهر وٺي ويندس."

ائين چئي احمد گهر کان ٻاهر ٿي نڪتو تہ ماءُ چيس، "ابا، ماني کائي وڃ. پَکي پئي آهي."

"نہ امان، بک ڪانهي. مان وڃان ٿو."

احمد گهر کان ٻاهر نڪتو تہ پوري مشڪي چيو، "ڇڏينس کڻي منا، اسان واري رَبَ ڪائي چا ڪندو!! اتي تہ هِرڻ-تتر هوندا. علي رضا آهي بہ وڏو شڪاري."

"بابا، توکي تہ پاڻ خبر آهي. پوءِ بہ هرويرو ٿو ڳالهائين. مان پراوَن دسترخوانن تي ويهان ئي ڪونہ. تو بہ ڏٺو هوندو تہ مان اتان سدائين نيرانو ايندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن کڻي علي رضا زور ڪري ويهاريندو آهي نہ تہ... هاڻي رحميءَ جو حال ڏسي بک ئي مري ويئي آهي." احمد پيءُ کي وراڻي ڏني.

*

احمد، علي رضا وٽ آيو تہ خير خيريت پڇڻ کانپوءِ پهرين اهو سوال ڪيائين، "احمد، ننڍڙيءَ جو ڪهڙو حال آهي؟"

"حال ڪهڙو؟ اهو صالو، اهي بابا ۽ امان. اهوئي نيامت جهڙو رحمت جو حال."

"واقعي يار ظلم آهي. پر هاڻي تون رحمت کي انهن جي رحم و ڪرم تي نہ ڇڏ. تون تہ پڙهيل آهين. ٻين سيني کي پنهنجي تعليم سان سُڌاري نٿو سگهين تہ نهيو. پر يار، هڪڙي پنهنجي گهر ۾ تہ تبديلي آڻ."

"چا ڪريان؟ هينئر بہ بابا سان وڙهي آيو آهيان. نٿو ڇڏي رحمت کي اسپتال وٺي وڃڻ لاءِ."

"احمد، امان ۽ اديءَ واريون بہ آيل آهن مون سان گڏ. امان کي جڏهن رحمت جي بيماريءَ جي خبر پيئي تہ ڏاڍو ڏک ڪيائين ۽ امان تنهنجيءَ ماءُ کي سڏايو بہ آهي."

"الله ڪري تہ امان سمجهي. پر يار، صالوءَ وڏا قهر ڪيا آهن هن ننڍڙي پٽ ۾. سڀئي ماڻهو ائين سندس چوڻ تي هلن ٿا جڻ انهن جو ريموٽ ڪنٽرول سندس هٿ ۾ هجي."

"صالوءَ کي تہ خير ڏسبو. ڪيس سڌاربو. پر يار چوين سچ ٿو ماڻهن ۾ وڏي جهالت آهي."

“اها بہ سچي ڳالهہ، پر صالو جهڙا حرامي مڙس ويچارن ماڻهن تي وڏا ٿا اثر ڇڏين. ماڻهو اڳيئي ڏکيا، بکيا، بيمار ۽ غريب. انهن جا ذهن اڳ ئي آڌا ڊمرسي هن حراميءَ جي اٽڪلن سٽڪلن ۾ ڏڏجو وڃن.”

“واقعي يار احمد، ڪجهہ ڪرڻو پوندو. سڀيئي ماڻهو چڻ برين واش ٿيل آهن.”

“اڄ رحمت جي حالت سهي ڪانهي. هن مونکي پاڻ چيو، مان مرانءِ ٿي ادا منهنجو ڪو بلو ڪر.”

احمد جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

“پوءِ مان جيپ ڪيان ٿو تون...”

“بابا ڪونہ ڇڏيندو.”

“مان ٿو چاچا پوري کي گهرايان.”

“تنهنجي مرضي.” احمد، حد ڪان وڌيڪ مايوس ٿي لڳو.

“احمد يار، ائين مايوس نہ ٿي. صالوءَ کي بہ گهرايون ٿا. پوءِ ڏسون ٿا.”

“ڏسڻ ٻسڻ ڪهڙو. رحمي بہ صفا نياموءَ جيان ئي پيئي ٿيندي وڃي. هيڏيون اکيون بلڪ ننهن بہ هيڏا ٿي ويا اٿس. پيٽ سڄيل، بک ۽ ننڊ ختم.”

“ها ها، اهائي هيپاٽائٽس اٿس. ان جو تہ علاج آهي. نيامت کي بہ اهائي بيماري هئي. ۽ رحمت کي بہ شايد اهائي بيماري آهي.”

“نيامت جڏهن بيمار هئي تہ مان شهر ۾ هوس ۽ مونکي انهن ٻڌايو بہ نہ هو. پر جي هاڻي هتي آهيان تہ بہ ڇا ٿو ڪري سگهان. بابا تہ بابا، پر امان بہ نٿي مڃي نہ.”

“ماسيءَ کي پاڻهي امان سمجهائيندي. ڏس نہ، ڪيئن امان بہ قدرتن آيل آهي. شايد اهو بہ قدرت جو هڪ اشارو هجي تہ رحمت نيڪ ٿي ويندي.”

“الله ڪري نيڪ ٿئي باقي...”

احمد کي ڪا بہ ڳالهہ دلاسو ڏيئي نٿي سگهي.

*

خيرالنساءَ، ڪٽ تي اکيون ٻوٽيو ليٽيل هئي تہ ڏيٽس مهرالنساءَ اچي چيس، “امان، ماسي منا آئي آهي.”

خيرالنساءَ اکيون کوليون تہ منا پيرين پئي ڪيڪاريس. خيرالنساءَ وهندي چيو، “ادي، پيرن کي هٿ نہ لاءِ. منهنجي پيڻ آهين. ڪيترا پيرا چيو اٿمانءِ پوءِ بہ...”

“ادي خيران، مان پاڻ بہ جيڪر اچان ها تنهنجي سلام ڪان اڳ ئي پر رحمت چاڪ ڪانهي سو...” منا پٽ تي ويني ۽ ايترو چئي اچي روئڻ ۾ ڇُٽڪي.

خيرالنساءَ، منا کي ٻانهن کان جهلي پنهنجي ير ۾ کٽ تي ويهاريو.

“مهرو، ماسيءَ لاءِ شربت ڪٿي آءُ؟”

“جي امان.”

“ادي منا، ڳالهہ ٻڌ. تنهنجو احمد منهنجي علي رضا جو يائرن جهڙو ياءُ آهي. عليءَ مون سان ڳالهہ ڪئي آهي تہ ننڍڙي رحمت جي طبيعت چاڪ ناهي. ڇا ٿيو اٿس؟”

منا، رَئي جي پلئہ سان اکيون اگهندي چيو، “ادي، اهائي نياموءَ واري اگهائي اٿس. سائڪ وارو نمونو بہ ساڳيو آهي. صالوءَ ويچاري گهڻائي حيلا ڪيا آهن. ڌاڳا، ڦيڻا، تائيٺ ۽ پليتا. پر فرق، سو نالي جو بہ ڪونهي. اڄ بہ چيائين آهي تہ او- جهنگ ۾ جنن جي آستان ۾ چلو ڪيندو. وڏا وس ٿو ويچارو ڪري پر...”

“ادي منا، ڳالهہ ٻڌ. دنيا ۾ جهالت آهي پر هتي پانيان ٿي تہ دنگ آهي. نيامت کي بہ سائي هئي. سائي تہ منهنجي مهروءَ کي بہ ٿي هئي پر الله جي مهرباني سان نيڪ ٿي ويئي. سائيءَ جو علاج آهي.”

“ادي، صدقو وڃان نياموءَ تان ان کي جِنّ بہ هئا تہ منڊ بہ هئا ۽ رحميءَ لاءِ بہ صالو ٿو چوي، ’جِنّ تہ آهي پر منڊ بہ اٿس..!‘ اسان واري مقام مان رحميءَ جي ڏاڏي جي قبر جي پر مان اسان سيني جي سامهون وڏي ڪڏ ڪوٺي، تائيٺ (تعويذ) گڏي ۽ ڪليون ڪيئيائين. گڏي سُئين سان پريل هئي. ۽ سيئي سُئيون ڪٽجي ويون هيون. نياموءَ پيري بہ ائين ئي ٿيو هو.”

منا، سُڏڪي سُڏڪي روئڻ لڳي. مهروءَ کيس شربت ڏيندي چيو، “ماسي، نيامت کي تہ سيني گڏجي ماريو. هاڻي رحمت تي تہ رحم ڪريو. اسين وري سياڻي ئي پيا شهر وڃون.”

“ڇو امان، ڪلهہ ئي آيا آهيو.”

“ماسي، وڏي ادا جا ڪي مهمان ٻاهران آيل آهن سو هن چوايو آهي تہ جلدي اچو. تون بہ تياري ڪر هلڻ جي. اسين رحمت کي پاڻ سان گڏ وٺي هلنداسين.”

“ها منا، عليءَ بہ ائين چيو آهي.”

منا ڊجندي هٿ ٻڌي چيو، “نہ ادي، خدا کي مڃيو انهن هُچائن جي ويجهو نہ اچجو. عليءَ کي الله وڏي ڄمار ڏي. اسين نياڻا اڳيئي لوڙيون پيا. اوهان کي الله پناهہ ۾ رکي.”

“منا، منڊ ٻنڊ ڪجهہ ڪونهن. هن ويچارڙي ٻارڙي کي ڪير منڊ ڪندو. ڪنهن منڊ ڪيا آهن؟”

“ادي خيران، تون ٿي پنهنجون دل واريون ڳالهيون ڪرين. اسان وٽ هتي زالون رهيون پيون آهن. ادي، ڏائٽن ڪان بہ مٿي... تون ٿي پڇين تہ ڪير منڊ ڪندو. نياموءَ کي سندس پُڦيءَ ختوءَ منڊ ڪيا هئا ۽ رحمي کي بہ اُن ئي منڊ ڪيا آهن. حضرات بہ ڪيرائي اٿئون. ان ۾ بہ ختوءَ جو نالو آيو آهي ۽...”

“ڇڏ ماسي، نيامت ويچاريءَ کي بہ انهن افعالن سان ختم ڪيوَ!!”

“ها ادي منا، مهرو سچ ٿي چوي. مونکي نيامت جو وڏو ڏک آهي. تون ڪٿي ماءُ آهين پر هو مونکان بہ وسري نٿي. جڏهن بہ هتي ايندا هئاسين تہ انهيءَ مهل ايندي هئي. بس رڳو اچڻ جي خبر پويس.”

“امان، نيامت ڪاڏو ڪيڏو زبردست بنائيندي هئي ۽ سندس مانين جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، صفا جهڙيون ريشم. ادا علي تہ هتي گهر ۾ بہ ماين کي چوندو هو تہ هيڏڙي ڇوڪري جيڪا ماني پچائي ٿي اها اوهين هيڏيون وڏيون تجربيڪار مايون نٿيون پچائي سگهو.”

“ها پُٽ، سلڇڻي بہ ڏاڍي هئي پر جيڪا رب جي رضا.”

“امان، منهنجا ڪپڙا پائي ڪيڏي سهڻي لڳندي هئي!! ماسي، اوهان نيامت کي شهر وٺي ڇو نہ آيا؟” مهرالنساءَ کي نيامت جي يادن اتاولو ڪري ڇڏيو.

“ڇڏ مهرو، ويچاريءَ منا جو ڪهڙو ڏوهہ. سندس گهر وارو ئي ڏنگو آهي شايد...”

“نہ ادي، ان ويچاري جو ڪهڙو ڏوهہ بيماري هئس تہ شهر آٽيونس ها نہ؟”

“نهيو ادي نهيو، هاڻي مهرباني ڪري رحمت جو اهو حشر نہ ڪجو.”

خيرالنساءَ کي منا تي چِڙ آئي پر منا اهوئي ساڳيو راڳ ڇيڙيو.

“ادي، نياموءَ تان صدقي وڃان. اها تہ پوءِ بہ ڪجهہ وقت بيماريءَ واري نموني ۾ رهي هئي پر هيءَ تہ جَهٽ پَٽ پيئي لاس (ختم) ٿيندي وڃي.” منا روئيندي چيو.

خيرالنساءَ چيس، “بس، هاڻ اسين ٻيو ڪجهہ نہ ٻڌنداسين. رحمت کي پاڻ ساڻ شهر وٺي ٿا وڃون. ڏسون ٿا تو وارو مڙس ڇا ٿو ڪري؟”

خيرالنساءَ، چڙي پئي تہ منا پيرن تي هٿ رکي چيس، “ادي، رحمت کي بيماري ڪٿي آهي جو شهر ۾ روليونس. جنات ۽ حساب اٿس. انجي اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن وٽ دوا ڪٿي؟ صالو ويچارو محنتون پيو ڪري. ڪلهہ بہ احمد رڳو اسپتال جو نالو ورتو تہ رحمت جي حالت خراب ٿي پئي. وري صالوءَ کي گهرايوسين جنهن اچي ڏسي چيو، ’جي ڌيءَ جي زندگي پياري اٿوَ تہ اسپتال جو نالو نہ وٺو نہ تہ جنات بگڙي پوندي.‘ سو ادي، مان تنهنجي پيرين ٿي پوان. اسپتال ۽ دوا جو نالو نہ وٺو.”

“ماسي، اهو صالو آهي ڪير؟ وڏو چالاڪ ڪو حرامي آهي. ڪائي ڏنائين آهي نہ، سو...”

“پٽ، ڪهڙو ٿا خزانو ويچاري کي ڏيون. اسان مسڪينن وٽ آهي بہ ڇا؟ هو ويچارو اجا پيو پاڻ هلاڪيون ۽ محنتون ڪري. ۽ جنن سان مقابلا ڏار.”

خيرالنساءَ اک جي اشاري سان ڌيءَ کي ماٺ رهڻ جو چيو ۽ پاڻ منا کي چيائين، “بيشڪ ادي منا، جيئن اوهان کي وڻي تيئن ڪريو. واقعي بہ جيڪو انسان جي ڀاڳ ۾ نصيب ۾ هوندو، اهوئي ٿيندو. حياتي تہ آهيئي رب جي هٿ ۾.”

منا اٿي. تہ خيرالنساءَ دلاسو ڏيندي چيس، “منا، رحمت هلڻ جهڙي هجي تہ وٺي اچجوس. نہ تہ مان ايندي سانس.”

“ادي، اچڻ جهڙي هجي ها تہ نياموءَ وانگيان ٻڌڻ سان اچي نہ ها. پر هلڻ جهڙي ڪٿي آهي. لاچار آهي صفا. پاڻي بہ آئون سِسي مٿي ڪري ٿي پياريانس.” منا روئيندي چيو.

“ادي الله خير ڪندو. منا دل نہ لاهہ رب وڏو آهي.”

مهرالنساءَ کي تہ خار پي آيا. اها اٿي اندر هلي ويئي ۽ منا، خيرالنساءَ کان موڪلايو.

*

“علي رضا.”

“جي امان.”

“ابا، رحمت کي ڏسڻ ٿي وڃان.”

“امان، اها نيڪيءَ جي ڳالهہ ڪئي اٿئي. مون بہ سوچيو هو تہ اوهان کي چوان. پر اوهان کي پاڻ ئي دل ۾ خيال آيو. مان جيپ ٻاهر ڪيان، هينئر ٿا هلون نہ؟”

“ها پٽ، ماني بہ ڪاڏي اٿئون.”

“امان، اتي چانهہ بہ ڪونہ پيئنداسين. ويچارا غريب رڳو فڪرن ۾ پئجي ويندا. احمد تہ مونکان ڪجهہ بہ نٿو وٺي. رحمت کي خرچي وغيرہ ڏجو.”

“ضرور ابا، اها ڪا ڳالهہ آهي.”

پوري جي در تي اچي جيپ بيٺي. آواز تي احمد گهر کان ٻاهر نڪتو. انهرو، انهرو. اداس، اداس.

“احمد، امان آئي آهي رحمت کي ڏسڻ.”

احمد، حيرانيءَ مان چيو، “ماسي آئي آهي اسان وٽ. ماسي جي ويهڻ لائق تہ اسان وٽ هنڌ ئي ڪونهي، جتي ڪيس ويهاريون.”

“خير آهي احمد. اهو ڇا پيو چوين. مان تنهنجو ياءُ آهيان. امان تنهجي ماءُ آهي. اهي ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين؟ اسين ڌاريان ڪونہ آهيون جو توکي تڪلف ڪرڻو پوي ۽ ها، اسين ماني ٻاني کائي آيا آهيون ۽ توکي تہ خبر آهي تہ امان کي شگر آهي ۽ هوءَ چانهن ۽ شربت پيئي ئي ڪونہ.”

“علي يار، ڇڏ اهي ڳالهيون. ماسيءَ کي لهڻ تہ ڏي.”

خيرالنساءَ برقعي ۾ ۽ ساڻس گڏ مائي سوڍي. جيپ مان لٿيون ۽ احمد کين وٺي گهر ۾ ڇڏي وري عليءَ ڏانهن آيو. خيرالنساءَ کي پنهنجي گهر ۾ ڏسي منا حيرت مان پريشان ٿي وئي. رحمت بہ اٿڻ جي ڪوشس ڪئي پر اٿي نہ سگهي.

“ليٽي هج پُٽ، اُٿ نہ. مان توکي ئي تہ ڏسڻ آئي آهيان.” منا، ڏک ۽ خوشيءَ مان روئڻ لڳي تہ رحمت بہ

روئي ڏنو.

“هي ڇا، ادي منا. ائين ته ننڍڙيءَ ڪي به روئاڙي ڇڏيئي.”

وري اچي رحمت جي پير ۾ ويٺي ته منا نئين رلي ۽ وهاڻا کڻي آڻي کٽ تي وڇايا.

“ادي خيران، اٿي کٽ تي اچي ويهه.”

“نه ادي، مان پنهنجيءَ ڌيءَ جي پير ۾ ويٺي آهيان.”

منا وري کٽ تان رلي ۽ وهاڻا کڻي هيٺ وڇائي ڏنائينس.

“پٽ رحمت، ڪيئن طبيعت اٿئي؟”

“ماسي، آئون مران ٿي.”

رحمت جو جهيڻو ۽ روئڻهارڪو آواز خيرالنساءَ جي هانءَ کي چيري ويو.

“پٽ، الله چڱي ڀلي ڪندئي. ائين هانءُ نه هار. تڪليف ايندي به آهي ته ويندي به آهي. الله وڏو آهي.”

“ماسي، هاڻي مان پنيءَ جي سور کان سمهي به نٿي سگهان!”

“پنيءَ ۾ به سور اٿئي، اهو وري ڇا جو؟”

خيرالنساءَ، حيرت مان پڇيو ته رحمت پاسي پر ليٽي ماءُ کي چيو، “امان، منهنجو چولو مٿي کڻي ماسيءَ کي پني ڏيکار.”

منا، پنيءَ تان چولو هٽايو ته خيرالنساءَ جون اکيون حيرت مان ڦاٽي ويون. رحمت جي پنيءَ تي ڏگها ڏگها ساوا ۽ ڳاڙها ڏبرڙ ۽ نشان هئا.

“هي ڇا آهي؟”

منا، اوڇگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

“آهي ڇا، منا هي پنيءَ تي، ڇاهي ڇوري؟”

خيرالنساءِ دڙڪو ڏيئي پڇيو ته رحمت پاڻ ئي آهستي آهستي ٻڌايو، “ماسي، هي مونکي صالوءَ ماريو آهي!!”

“ڇا؟”

“ها ماسي، صالوءَ ماريو اٿم.”

“منا، هي ڇاهي تنهنجي وات ۾ مگ آهن جو نٿي ڳالهائين؟”

“ها ادي، ماريو ته بروبر صالوءَ آهي پر هن کي نه، جنات کي.”

“لک لعنت آهي صالوءَ کي. ۽ حيف آهي اوهان مائٽن تي. صالوءَ کي ته هينئر ئي علي رضا کي چئي موچڙا تي هٽايان.”

منا ڊوڙ ڪري تاڪ تان قرآن شريف کڻي اچي خيرالنساءَ جي هنج ۾ رکيو.

“ادي واسطو اٿئي هن قرآن پاڪ جو. علي رضا سان ڳالهه نه ڪجانءِ. اسان نياڻن جي هونئن ئي ڦٽي آهي. صالوءَ جو ڪو ڏوهه ڪونهي.”

“شاباش اٿئي منا، هن جهالت تي.”

ائين چئي خيرالنساءَ اٿي. منا ڪيس جهلڻ جون گهڻيون ئي ڪوششون ۽ منٿون ڪيون پر خيرالنساءَ، رحمت جي منهن تان پيار ۽ شفقت مان هٿ ڦيرائي دعا ڪري سندس هٿ ۾ خرچي ڏيئي برقعو پاتو، “سوڍي، علي رضا کي چئو ته جيپ آڻي.”

علي رضا آيو. خيرالنساءَ جيپ ۾ ويٺي ته علي رضا حيرت مان پڇيو، “ڇو امان، ايڏو تڪڙو اٿياءُ؟”

“ابا، تون گهر ڏي ته هل.”

گهر تائين علي رضا جي حيرت برقرار هئي.

“ڇا ڳالهه آهي امان، هو ڇا سوچيندا ايڏو جلدي!!”

“ابا، اتي هڪ منٽ ترسڻ به برداشت کان ٻاهر هو.”

“غريب آهن امان.” عليءَ چيو.

“اها ڳالهه نٿي ڪريان. پر جهالت، هنن ماڻهن کي جانورن کان به گهٽ ڪري ڇڏيو آهي. صالوءَ ڪانسواءِ هو ٻي ڪا به ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن.”

“...”

“وري اسپتال وٺي وڃڻ جي مخالفت ڪيائون؟”

“ڪڏهن ۾ وڃي پون.”

“...”

“سائين، ڇوڪريءَ کي صالوءَ جيڪو ماريو آهي. توبهه!!”

“بڪ نه ڪر سوڍي.” خيرالنساءَ رهڙ ڏنس.

علي رضا حيرانيءَ مان پڇيو، “ڇا، ڇا صالو رحمت کي ماريو آهي؟”

“ابا، پنيءَ تي ڪي نشان هيس. منا چيو ته صالوءَ جنات کي ماريو آهي.”

“جنات کي ماريو آهي ته رحمت جي پنيءَ تي نشان ڇو ٿيا؟”

“ابا، رحمت يتيم هجي ته کڻي زور زبردستي ڪريون يا ڇا به. پر هاڻي جڏهن سندس ماءُ ۽ پيءُ هيڏن ڪَرَن سان جيئرا ويٺا آهن ته اسان جو نڪو اچي نڪو وڃي.”

خيرالنساءَ ڏک ۽ ڪاوڙ مان چيو ته علي رضا به ماٺ ڪري ٻاهر نڪتو.

*

علي رضا جيپ ٻاهر ڪڍي ته بکر چيو.

“ڪيڏانهن سائين؟”

“بس هتي ئي زمين تان چڪر هڻي ٿو موٽان.”

“شڪار به ڪنداءُ ڇا؟” جيپ ۾ پيل بندوق ڏسي بکر پڇيو.

“ڏسون ٿا.”

“شڪار ڪرڻ وڃو ته رمضان ۽ الله جڙئي کي سڏيان.”

“ها، ڀلي سڏ ڪرين.”

رمضان ۽ الله جڙيو آيا ته علي رضا جيپ اسٽارٽ ڪئي.

“سائين هاڻي اڳوڻي جهڙو شڪار ڪونهي. اوهان ته ڪڏهن گهڻو نٿا ڪريو.”

“ها يار رمضان، مان ته ڪيترا پيرا تتر آڻي هتي ڇڏيا به هئا. انهن جي ڪا خبر چار؟”

“سائين، هاڻي گهڻائي شڪاري پيدا ٿيا آهن!!”

“ڪير، ڪير؟”

“اهي ئي سائين، ڪمون، شيدو ۽ پريو.”

“هتي اسان جي زمين ڏانهن به اچن ٿا ڇا؟”

“نه سائين نه. ايڏي طاقت ڪانه اٿن باقي هونئن شڪار گهڻو ٿا ڪن.”

“مان ڪڏهن کان شڪار ڪرڻ بند ڪيو آهي، خبر ته آهي نه اوهان کي؟”

“ها سائين، اوهان ته صفا ڪونه ٿا ڪريو پر وڏو سائين به گهڻو شڪار ڪونه ڪندو هو. نه ئي شاهنواز خان ٿو ايترو شڪار ڪري. جيئن هي ٿا انڌ ۾ شڪار ڪن.”

“ڏسندوسانَ.”

“سائين، سائين ايڏي گاڏي نه ڦيراءِ.” رمضان خوف مان رڙ ڪئي.

“ڇو، ڇو نه ڦيرايان ايڏانهن گاڏي؟”

“سائين، ان پاسي لاءِ صالوءَ چوايو آهي ته چلو ٿو ڪيان ايڏانهن ڪو مال ڪي به نه پهرائي.”

علي رضا مُشڪي ايڏانهن ئي جيپ ڦيرائي ته الله جڙئي ۽ رمضان جا مُنهن ڊپ مان هيڊا ٿي ويا.

“سائين، ائين نه ڪريو. جنات سان مقابلو چڱي ڳالهه ڪانهي. صالوءَ واڙ هڻي ڇيو آهي ته ايڏانهن جيڪو به ايندو. اهو چار ٿي ويندو.”

“ها يار رمضان، چڱي ڳالهه ناهي. پر يار آئون اهو ڏسڻ ٿو چاهيان ته ڪيئن ٿا چار ٿيون؟ باقي جي اوهين ڏڄو ٿا، هلڻ نٿا چاهيو ته ڀلي جيپ مان لهو. اوهان کي موڪل آهي.”

“نه سائين، اسين تو کي هيڪلو ڪونه ڇڏينداسين.”

جيپ ٿورو اڳيان سُري ته اڳيان ڊنگرن جي گول دائري وانگر واڙ لڳل هئي. وچ ۾ دونهين دُکي رهي هئي ۽ دونهين جي اڳيان صالو اکيون بند ڪيو ڪجهه پڙهي رهيو هو. علي رضا جيپ جو ايڪسليٽر دٻايو. آواز تي صالوءَ اکيون کوليون. سامهون علي رضا کي ڏسي گهٻرائجي ڪپڙا ڇَنڊي اٿيو.

“آءُ سائين آءُ.”

“صالو، رمضان وارا چون ٿا ته جيڪو به واڙ جي اندر ايندو اهو چار ٿي ويندو؟”

صالو ڦِڪو ٿيندي واڙ کي ڏنل ڪڙهه هٽائي چيو، “نه سائين، ڪجهه ڪونهي. اچو اچو ڀلي ڪري آيا.”

علي رضا جيپ کي واڙ جي اندر ڪاهي آيو ته رمضان ۽ الله جڙئي کان ڇرڪ نڪري ويا. جيپ اچي صالوءَ جي پر ۾ بيٺي.

“صالو، آئون تو سان ڪجهه ڳالهائڻ ٿو چاهيان.”

“حاضر سائين.” صالوءَ هٿ ٻڌندي چيو.

“پر صالو، مون سان گڏجي هل اوطاق ڏي. واڙ ڇڏ.”

“حاضر سائين.” “پر، هو اتي ئي بيٺو رهيو.

“حاضر سائين ڇا، چڙهه جيپ ۾.”

رمضان ۽ الله جڙيو جيپ ۾ پٺيان ويٺا. صالو، علي رضا سان گڏ اڳيان ويٺو.

“مون ٻڌو آهي صالو ته تون بندوقن جا مُنهن ٻڌندو آهين.”

“ها سائين، صالوءَ جون ٻڌل بندوقون ياعمر ڪونه ڇٽن.” صالوءَ کان اڳ رمضان چيو.

“ها صالو، رمضان ٺيڪ ٿو چوي؟”

“بس سائين...”

“بس ڇا، غلط يا صحيح؟”

“سائين، اها ڳالهه اڄوڪي ڪالهوڪي ناهي. اها ته پُشتين کان وٺي آهي.”

“ته اوهان بندوقون ٻڌو ٿا؟”

“جي هئو سائين.”

“تون به ٻڌين ٿو؟”

“جي هئو سائين، آئون به ٻڌان ٿو.”

“ڪيئن ٿو بندوقن جا منهن ٻڌين؟”

“اسان کي اِزن مليل آهي نه سائين، اهو پڙهي جنهن به بندوق کي چاهيون ان جو منهن ٻڌي ٿا سگهون.”

“پوءِ اها بندوق نه ڇُٽندي؟”

“جي هئو سائين، اها نه ڇٽندي.”

“پوءِ منهنجي بندوق به تون ٻڌ. پوءِ ڏسون ٿا ڇٽي ٿي يا نه؟”

“نه سائين.”

“ڇو نه؟”

“ڪهڙي ضرورت آهي!!”

“بس، ايئن ئي پوڳ مشادي لاءِ.”

“پوڳ، مشادو. نه سائين.” صالو صفا آهستي چيو.

“نهيو پوڳ، مشادو نه. هل شرط ٿا هڻون.”

“شرط ڪهڙو سائين. مان ته اوهان سان بينش (بحث) ئي نٿو ڪريان.”

“ٻيو سائين، هي صالوءَ وارا اهڙو به تائيث بنائيندا آهن جيڪو ڪنهن وٽ به هوندو ته ان تي بندوق اثر نه ڪندي.” رمضان چيو.

“پوءِ ڀلي بندوق ڇٽي وڃي؟” علي سوال ڪيو.

“جي هئو سائين، ڀلي ڇٽي وڃي پر ان جو نشانو

صحيح نہ بيهندو.”

رمضان، صالوءَ کان بہ متي جذباتي پي لڳو.

“هئو صالو، رمضان صحيح ٿو چوي؟”

“جي هئو سائين.”

“پوءِ تہ مونکي بہ اهڙو تعويذ بنائي ڏي.”

ان تي وني صالوءَ ٺهڪ ڏنو تہ رمضان ۽ الله جڙئي جا ٺهڪ بہ شامل ٿي ويا. علي رضا حيراني مان پڇيو،

“چو ڀلا، کلو ڇو ٿا. ان ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟”

“سائين، کلون ان ڪري ٿا تہ متان اوهان بہ وڏي سائين وانگيان ڪريو!!” صالوءَ جواب ڏنو.

“بابا ڇا ڪيو هو؟”

“وڏي سائين، منهنجي پيءُ کي چيو هو تہ مونکي اهڙو تائيت ٺاهي ڏي.”

“پوءِ بابا کي اهڙو تعويذ مليو؟”

“ٻڌ تہ سائين. وڏي سائين بابا کي چيو اهڙو تائيت بنائي ڏي تہ بابا چيس، ’آئون مشڪين آهيان.‘-” صالوءَ کلندي چيو.

“ان ۾ مسڪينيءَ جو ڪهڙو سوال هو؟”

“سائين ٻڌ تہ سهي. مشڪيني ائين جو، اهڙي تائيت لاءِ جيڪي بہ هلندڙ هٿيار آهن. مثال بندوق، ريفل (رائفل)، پستول، ڪلاشن (ڪلاشنڪوف) ۽ انهن جون گوليون (ڪارتوس) مطلب تہ انهن جا دارو ٿا کپن. سو بابا ويچارو مشڪين (مسڪين) ڪٿان آڻي؟ سو، وڏي سائينءَ کي چيائين، ’اهي سڀ آڻي ڏيو تہ تائيت بنائي ڏيانوَ؟‘ وڏي سائين اهي سڀ دارو بابا کي آڻي ڏنا.”

صالوءَ ٿورو ساهي کڻي ٽڪ ڳوري تہ علي رضا اتاولائي مان پڇيو،

“پوءِ؟”

“مزي جي ڳالهہ تہ هاڻي آهي جڏهن بابا تائيت بنائي تيار ڪري آڻي وڏي سائينءَ کي ڏنو ۽ چيائين تہ سائين هي تائيت اوهان سان گڏ هوندو تہ اهي سڀ هٿيار اوهان تي اثر نہ ڪندا. تنهن تي خبر اٿوَ وڏي سائين ڇا چيو؟”

“ها، ڇا چيو؟”

“وڏي سائينءَ بابا کي چيو تہ پهرين تون پاڻ اهو تائيت پائي بيهہ تہ مان توتي بندوق ڇوڙيان! پوءِ ڏسان ٿو تہ بندوق ڇٽي ٿي يا نہ؟ يا نشانو بيهي ٿو يا نہ؟” صالوءَ کلي چيو.

اهو ٻڌي علي رضا جو ٺهڪ نڪري ويو. رمضان ۽ الله جڙيو بہ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

علي رضا کلندي چيو، “صحيح تہ آهي اهو صالو، واقعي جي تعويذ تي ايڏو اعتماد ۽ ڀروسو هوس تہ پهرين پاڻ ٻڌي ها نہ. پوءِ ڇا ٿيو؟”

صالوءَ انهرو ٿي چيو،

“پوءِ سائين، بابا چيو، ’نہ سائين، اوهان ڪڪڙ کي اهو تائيت ٻڌي ان تي بندوق ڇوڙيو‘- ان تي سيني ويٺلن چيو، ’چاچا، جيسو سهي ٿو چوي.‘- پوءِ وڏي سائينءَ ڪڪڙ کي اهو تائيت ٻڌايو ۽ ان تي بندوق ڇوڙيائين. گوليون هٽي هٽي هچ ٿي پيو پر ڪڪڙ کي ذرو بہ نہ ٿيو. وڏي سائينءَ بہ بس نہ ڪئي. هٽي هٽي بيهي رهيو. پڇاڙيءَ ۾ ڪڪڙ جا ڪنپ ڪسي ويا پر رت جو هڪڙو ٽيپو بہ نہ ڳڙيو.”

رمضان ۽ الله جڙيو، صالوءَ جي ڳالهين تي حيرت زده هئا.

علي رضا چيو، “ڪيئن نہ لڳو هوندو ڪڪڙ کي؟ بابا جو نشانو تہ دنگ هو.”

“سائين، ڪڪڙ کي تائيت ٻڌل هو نہ!!” رمضان فخر مان چيو. جڻ جيسو رمضان جو پيءُ هو.

“ان ڳالهہ جو ڪو شاهد ڪو گواهہ؟”

“جي هئو سائين، هڪڙو ٿوري. ڪئين.”

“مثال ڪير ڪير؟”

“سائين مرهيات حاجي شهمير، مرهيات وڏيرو فقير محمد، اوهان وارو ڪمدار مرهيات ڪانديرو ۽ مرهيات...”

“صالو، سيئي مرهيات پيو ڳڻائين. انهن کان ڪير پڇا ڪندو. سواءِ منڪر نڪير جي. ڪنهن جيئري جو بہ تہ نالو ٻڌاءِ نہ؟” علي رضا کلي چيو.

رمضان ۽ الله جڙئي جا ٺهڪ ائين اتيا ڄڻ ڦوڪٽا ڦاٽا هجن. صالو ٿورو ڦڪو ٿيو.

“سائين، ڳالهہ بہ تہ پراڻي آهي نہ.”

علي رضا، جيپ اوطاق اڳيان بيهاري لٿو تہ سيئي جيپ مان لٿا. اوطاق ۾ اندر اچي علي رضا چيو،

“صالو تون ويهہ.”

صالو تڪڙ مان ويهي رهيو تہ علي رضا چيو،

“رمضان، چانهہ تيار ڪرائي کڻي آءُ. الله جڙيا، پاڻي پيار. صالو، تون نهي ويهہ.”

صالو، جيڪو ائين وينو هو ڄڻ اٿڻ وارو هجي. سو نهي وينو تہ علي رضا چيو، “نهيو صالو، اها تو واري پيءُ واري ڳالهہ نهيو پراڻي آهي ۽ مان بہ اهڙي تعويذ لاءِ نٿو چوانءِ. باقي بندوقون تہ تون بہ ٻڌين ٿو نہ؟”

“هئو سائين.”

“پوءِ منهنجي بندوق ٻڌ. مان توکي سامهون ڪونہ بيهاريندس. بلڪ ڪڪڙ اڳيان ٻڌندس.”

“سائين، مان هاڻي اهڙن ڪمن ۾ هٿ ئي ڪونہ وجهان.”

الله جڙيو پاڻي کڻي آيو تہ علي رضا چيس،

“الله جڙيا، صالو ٿو چوي تہ بندوقون ٻڌڻ وارن ڪمن ۾ هاڻي هو هٿ ڪونہ ٿو وجهي. اها ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي؟”

“الائي ائين ڪيئن ٿو چوي. نہ تہ صالو بندوقون ٻڌندو تہ آهي.”

رمضان چانهن کڻي آيو تہ علي رضا چيو، “رمضان، صالو منهنجي بندوق نٿو ٻڌي.”

“صالو، سائينءَ جي بندوق تہ کڻي رونشي ۽ مزي لاءِ ٻڌ. پر سائين کي اهو تائيت ضرور بنائي ڏي. جنهن جي ٻڌڻ سان بندوقون اثر ڪونہ ٿيون ڪن. جيڏا وڏا ماڻهو، تيڏيون وڏيون دشمنيون. سو سائين کي اهو تائيت ضرور بنائي ڏجين.”

“...”

“ٻڌ صالو، مان بابا وانگيان تنهنجو تعويذ توکي ٻڌڻ لاءِ ڪونہ چوندس. پلي تون اهو تعويذ ڪڪڙ کي ٻڌ ۽ اهو تون ڏک واري فاصلي تي رک مان گهڻا فائر بہ نہ ڪندس. بس هڪ يا ٻہ ڪندس. ٿيون بہ نہ- پوءِ جي هي ڪڪڙ کي نہ لڳا تہ هيءَ بندوق بہ تنهنجي ۽ ٻيو انعام بہ ڌار.”

“نہ سائين، آئون نڪو بندوق ٻڌان نہ ئي اهڙو تائيت ٿو بنايان.”

“ائين کڻي شرط ٻڌ.”

“نہ سائين شرط ٻرط ڪهڙو؟”

رمضان ۽ الله جڙيو ٻئي حيراني مان صالوءَ کي تَڪڻ لڳا جيڪو ويچارو ٻٽيو علي رضا جي اڳيان وينو هو. صالوءَ چانهن پاڻي پيتو تہ علي رضا چيس،

“صالو، ڀلا هي حساب- منڊ ڪامڻ ڇا آهن؟”

صالوءَ ۾ ڄڻ ساهہ پئجي ويو. ڦڙتي مان چيائين،

“سائين اهو تہ سڀ اوِ، نبيءَ جي وقت کان وني هليو اچي. وڏن وڏن اوليائن بہ ان کي مڃيو آهي. باقي جنات جو تہ قرآن پاڪ ۾ بہ ذڪر آهي ۽ رب تعاليٰ جل جلالهہ تہ قرآن مجيد ۾ انسانن سان گڏ ئي جنن سان بہ مخاطب ٿيو آهي. بلڪ انسانن کان بہ اڳ هو جنات سان مخاطب آهي. قرآن شريف ۾ تہ جتي ڪٿي ’الجن والانس‘ آيل آهي.”

جوش ۾ صالو پنهنجي ٻولي وساري عربي ٻولي وانگيان سنڌي ۾ بہ ’ح‘ ۽ وڏي ’ق‘ جا اچار ڪڍڻ لڳو. رمضان ۽ الله جڙيو، صالوءَ جي ڇڙڪائي تي وري مرعوب ٿي ڪنڌ هاڪار ۾ ڌوڻڻ لڳا.

صالو وري چيو، “سائين منڊ ۽ جادو تہ اسان جي نبي سڳوري تي بہ دشمنن ڪيا هئا.”

“اهو تہ سڀ سچ پر هاڻي اهڙا جادوگر ڪٿي؟ هاڻي تہ ٽڪي پئسي لاءِ ٿو هرڪو پنهنجو منهن ڪارو ڪري.”

“نہ سائين، هاڻي بہ اهڙا جادوگر آهن.”

الله جڙئي چيو تہ رمضان بہ پنهنجو گراف متي ڪرڻ چاهيو.

“سائين، صالو پاڻ بہ وڏو جادوگر مانڊي آهي.”

رمضان جي لفظن تي صالو ڪاوڙجي پيو، “چو ڙي رمون، يڪي پيو ڇاڙي هٽين. مان ڪونہ آهيان مانڊي ٻانڊي.”

رمضان کي اڌ نالي سڏجڻ سان ڪاوڙ لڳي. چڙي چيائين،

“چو ڀلا، منڊ ڪونہ ڪندو آهين؟ تو پاڻ ئي تہ مونکي چيو هو صديق جي مرڻ تي تہ، هن کي اها سزا تو ڏني آهي. سندس نافرماني تي. ۽ تو اهو بہ چيو هو، ڪيس ’وير مُٺِ‘ هنئين اٿم ۽ واقعي بہ ويچارو صديق رت جون الٽيون ڪري مري ويو.”

“صديق کي تہ جگر جي ڪينسر هئي. مان ئي تہ ڪيس شهر وٺي ويو هوس. ٽيسٽن مان پتو پيو تہ ڪينسر اٿس. ڊاڪٽرن بہ تصديق ڪئي تہ جگر جي ڪينسر اٿس. وير مُٺ وري ڪهڙي؟” علي رضا چيو.

رمضان ڊڄي علي رضا اڳيان هٿ ٻڌڻ لڳو.

“سائين الله اوهان کي وڏي ڄمار ڏي. اوهان ئي تہ اسان سيني مسڪينن جا آسرا آهيو. پر خدا جو نالو اٿوَ صالوءَ کي متان شانڪاريو (للڪاريو) اٿوَ. صالو وڏي بلا آهي.”

علي رضا، رمضان جي ڳالهہ کي نظرانداز ڪري صالوءَ ۾ نهاريو. جيڪو رمضان واريءَ ڳالهہ تي ڦونڊ ۾ پريل هو.

“صالو، ڀلا اهو تہ ٻڌاءِ، پوري جي ڏيئن کي مارڻ جو ٺيڪو توکي مليو آهي؟”

“توبهہ ڪر سائين الله کان. مان ڇو ماريندس؟”

“توبهہ چاچي، پهرين ويچاري نيامت کي ماريئي. هاڻي وري رحمت جي پٺيان پيو آهين؟”

“سائين، پوري جي وڏي نياڻي تي جنات ۽ حساب هو ۽ هن تي بہ ساڳيو ئي حساب آهي.”

“حساب ڪهڙو؟ ونڊ، ڪٽ يا جوڙ. ڪهڙو؟”

“سائين تون سگهو ماڻهو آهين. توکي ڇا چئون پر نياڻيءَ تي وڏو اثر آهي جنات جو.”

“تون بہ تہ جِن ڪيندو آهين پوءِ ڇو نٿو جن ڪڍين. مارين ڇو ٿو؟”

“ڪوشش تہ پيو ڪريان. پر سائين جن بہ هڪڙا هندو آهن ۽ ٻيا مسلمان. هڪڙا چيو مڃين ٿا ۽ ٻيا نٿا مڃين.”

“جيڪي نٿا مڃين انهن کي ڇا ٿو ڪرين؟”

“انهن کي قبضي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان.” صالوءَ نهايت اطمينان سان جواب ڏنو.

“ان ڪوشش دوران پلي ماڻهو مري وڃي؟”

“حياتي تہ سائين، رب جي هٿ ۾ آهي نہ.”

“پر تون، ايستائين ڪنهن جي بہ جِند نٿو ڇڏين جيستائين مريض مري نٿو وڃي.”

“نہ سائين، منهنجي ڪائي روڪ ٽوڪ ناهي. هر ڪو پنهنجو مرضيءَ وارو آهي.”

“مرضيءَ وارو ڪيئن آهي؟ هر ڪو تون، جو يڪو ڏتن ۾ آسرن ۾ ويهاري ويٺو هوندو آهين. تانجو ماٿو مري وڃي؟”

“ڪهڙا آسرا سائين، مان ته اجا هڙان وڙان محنت ڪندو آهيان. جنات جي ڏچن ۾ پوندو آهيان.”

“ها سائين، صالو جڏهن به چلو ڪيندو آهي تڏهن پاڻ به بيمار ٿي پوندو آهي.” رمضان، صالوءَ جو وڪيل بڻجي ويو.

“نيامت ۾ ڪهڙو جنّ هو. هندو يا مسلمان؟”

“سائين، ان سان ته وڏو ڪم هو. جنات جو حساب به هوس ته جادو ۾ مند ۾ هٿاس.”

“رڳي حرامپائي آهي تنهنجي. نيامت ويچاريءَ کي ته سائي هئي. سائيءَ جو ته علاج به آهي. تو رڳو ويچارن کي آسرن ۾ رکيو.”

“نه سائين، مون آسرن ۾ رکيو ئي ڪونه. مان ته ان ڇوڪريءَ لاءِ آيس به نٿي. زور زبردستيءَ سان مونکي وٺي آيا. پهرين هڪڙو ماٿو موڪليونَ، مان ڪونه آيس. ٻيو ماٿو موڪليونَ، مان نه آيس. پڇاڙيءَ ۾ پورو پاڻ روئندو آيو ۽ اچي پيرن-مرشدن جا پلو وڌائين، تڏهن آيس. اچي ڏٺم ته ڇوڪريءَ سان دنگ لڳا پيا هئا. ڪنڌ ۾ نهاريم ته هڪڙو وڏو تائيٽ ڪيس پيل هو. پڇا ٿي پڌايائون ته ڪنهن فقير ڏنو آهي. ان تائيٽ جي ابتي اثر سان ڇوڪريءَ جي حالت بگڙي. مان ته وري به ڪاوڙجي هليو آيس. الائي ڪهڙن ڪهڙن فقيرن کان ابتا سبتا تائيٽ ڪرائي ڇوڪريءَ کي ختم ڪيائون. پوءِ به وري وچ ۾ منهنجو نالو ورتائون.”

“صالو، نيامت کي ته يڪو تو ئي چندو-ڦيٽو ڪيو هو. ٻيا وري ڪهڙا فقير هئا؟” رمضان مس ڳالهايو ته صالو چڙي پيو.

“توکي ڙي ڪهڙي خبر. تائيٽ ته مون ڏنا هئا جيڪي ڇوڪريءَ کي پڌل هئا.” دڙڪي سان رمضان ٿورو هيسيو پر وري به علي رضا جي پل تي ڳالهايائين،

“پر پوءِ به جڏهن ڪان تو چندو-ڦيٽو شروع ڪيو هو تڏهن ته نيامت هلي ڦري پئي. تو واري پاڙهيتي ڪان پوءِ ڪرندي ويئي.”

“ها صالو، اها ڳالهه احمد به مون سان ڪئي هئي ته...” علي رضا چيو.

“سائين، احمد کي ته چڙيو. اهو ته آهيئي ٻي پير. باقي شروع ۾ جڏهن مون مور مبارڪ تي ويهي چلو ڪيئي تائيٽ ڏنو هو ته مون پوري کي صاف صاف سختي ۾ تاڪيد سان چيو هو ته تائيٽ سومر جي ڏينهن پڌجوس ۽ اهو ڏينهن هو خميس جو ۽ رات جمعي جي هئي. پوري ڇا ڪيو جو ويندي ساڻ ڇوڪريءَ کي تائيٽ پڌي ڇڏيائين.”

“اڙي، نيا ڳو پورو!!”

رمضان ۽ الله جڙئي جي وات مان هڪ ئي وقت ڏک ۾ ٻپ مان اهي لفظ نڪتا.

“پوءِ ڇا ٿيو؟”

“سائين، اها جمعي جي رات هئي نه. سو جنات بگڙي پئي.”

“جنات بگڙي پيئي يا تون بگڙي پئين؟”

“نه سائين، مان ڇو بگڙندس؟”

“پوءِ تو وري بيمار نيامت کي لنين سان ماريو ۽ هاڻي وري رحمت سان به اهو حشر ڪيو اٿئي؟”

“اهو ته سائين جنات کي ماريو هوم.”

“ها سائين، جنات کي ماريو آهي.” رمضان تصديق ڪرڻ ضروري سمجهي.

“جنات کي ماريو هيئي ته پوءِ ڇوڪريءَ جي جسم تي نشان ڇو ٿيا؟”

“...”

“هيڏي صالو، هڪڙي ته ويچارن جي ڏيءَ ماريئي هاڻي مسڪينن کي بخش ڪر ۽ موڪل ڏين ته ڇوڪريءَ کي علاج لاءِ شهر وٺي وڃن.”

“منهنجي ته سائين اڄ به موڪل اٿن ڪلهه به موڪل هين.”

“چالاڪي ڇڏ صالو، سڃاڻان تو توکي. حرامي آهين وڏو نمبر ون. هڪڙن سان هڪڙيون ڳالهيون ڪرين ٻين سان ٻيون.”

“ڪهڙي حرامپائي ڪئي اٿم سائين. آئون پاڻ مشڪين آهيان. پنهنجو ست ڦٽائي هنن جي سٽائي تو ڪريان. اها آهي منهنجي حرامپائي؟”

“هيڏي صالو، مان آهيان اوهان جو سنگتي. باقي هيئن جيئن مون سان سوال جواب ڪيا اٿئي ائين ادا وڏي سان پلجي به نه ڪجين.”

صالو، رمضان ۽ الله جڙيو نڪ تان آگر گهمائي توبهه ڪرڻ لڳا.

“توبهه زاري، توکي الله حياتي ڏي. سچي به هير، جيئن صالوءَ توسان ابتو سبتو ڳالهايو آهي تيئن جي شاهنواز خان سان ڳالهائي ته...”

“زاري سائين گيسي. مان ته شاهنواز خان جي نظرن تي چڙهندو ئي ڪونه آهيان. سگهن سان ڪمزورن جو ڪهڙو ميل ڪهڙو مقابلو.”

“ها صالو، واقعي به ادا وڏي جي نظرن تي چڙهجين به نه. تنهنجن سيني اڏنگن ڪمن جون رپورٽون ادا کي مليل آهن.”

“سائين، اسان غريب سهي ڪل آهيون.”

“نات ڇڏ صالو، ٻڌاءِ ان ڏنڌي مان گهڻو ڪمائين؟”

“ڪمائي ڪهڙي سائين. آهي ڇا انهن وٽ جو ڏيندا.”

“غريب آهن پئسو ڪونهي وٽن. پر مال ته اٿن. هينئر به پوري ڪيترو مال ڪپايو آهي.”

“وڪيئن هوندي. مونکي ڪهڙي خبر؟”

“توکي ڇو خبر ڪونهي؟”

“سائين، وڏي پير جو سُنهن مونکي ڪا خبر ڪانهي.”

“قسم نه کڻ صالو، ڪڏهن تو ڪارو ٻڪر ڪيائين، ڪڏهن اڇو ٻڪر. اهو سڀ ڇا آهي؟”

“اهو ته سائين، جيڪو پڙهائي ڪندي نظر ۾ ايندو آهي اهو ڪيائيندا آهيون.”

“پوءِ وري ڪٽين ۽ ڪائين به پاڻ؟”

“...”

“تهيو پلاءِ، هي غريب آهن. پر تون ته جتي ڪٿي ويندو آهين. مڙيئي گهڻو ڪمائين؟”

“مڙيئي گذر سفر ٿئي پيو.”

“پوءِ به ڪيترو؟”

“ڪڏهن ته هزار ٻه هزار به مليو وڃن. ڪڏهن ته ٽڪو به نه. بس.”

“باقي ٻيو ڪم ڌنڌو ڪونه ڪرين. ان ئي پن پنان تي پيو هلين؟”

“پهرين ته اوهان جون ٻنيون تي ڪيم. پوءِ وڏي سائيءَ جي وڃڻ ڪان پوءِ اوهان جو ٻنيون ڇڏيم.”

“اسان جون ٻنيون ڇو ڇڏيئي؟”

“سائين، شاهنواز خان ڊوڙائي ڪڍيو.”

“ادا، ڪهڙو ڊوڙائي ڪڍيئي. مونکي سچي خبر آهي توکي مڙيئي اوليائي ڪرڻ جو شوق ٿيو هو نه.”

“شوق ڪهڙو سائين، اهو ته اوچتو اِزن مليو هو نه....”

“اوچتو ڪيئن؟”

“سائين، مور مبارڪ جي مزار تي ويٺو هوس ته اتان اشارو مليم ته وڃي چندو-ڦيٽو ڪر. پوءِ سائين...”

“ها سائين، صالوءَ کي مور مبارڪ تان اشارو مليو هو.” رمضان وچ ۾ ٽپو ڏنو.

“توکي ڇا آهي رمضان؟”

“سائين سچي ڳالهه ٿو ڪريان.”

“ماٺ ڪر ڳامون سچار. ادا شاهنواز اڳيان مڙيئي اها سچائي نه ڏيڪارجين.”

رمضان ڪليو ته صالوءَ به مُشڪي چيو،

“سائين، تون اسان جون سڀ سهين ٿو. حال پائي آهين. تڏهن تا اسين به توتي هجون ڪريون. هجدار آهيون توتي. باقي سائين شاهنواز خان جي اڳيان اسان جي ڪڙ انڌي آهي. اتي اسان جي توتڙي بند.”

صالوءَ ڳالهه پوري ڪئي ته سڀيئي کل ۾ ٻڏي ويا.

وري صالو چيو، “شاهنواز خان ته وڏي سائين کان به وڌيڪ سگهو ۽ تکو آهي. تون سائين منو آهين ماکيءَ مصري کان به.”

“پر يار صالو، هڪ ڳالهه تان پاڻ وڙهي پونداسين.”

“الله نه ڪري سائين. ڪهڙي ڳالهه؟”

“هشياري ڇڏ صالو. احمد توتي چڙيل آهي ڏاڍو. قهر به ته ايڏو ئي ڪيو اٿئي غريب سان. پورو ته آهي صفا چريو. زبان آهي تنهنجي. جيئن تو تون چوين، اهوئي ٿو هو ڳالهائي. هينئر وڃي چوينس، ’ڇوڪريءَ کي بيماري آهي. علاج ڪرايوس.‘ اسين به سياڻي وڃون پيا ۽ ڇوڪريءَ کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويندا سين.”

“پلي پلي سائين، مان هينئر ئي وڃي ٿو پوري کي چوان.” صالو اٿندي چيو.

*

“بابا، سياڻي علي رضا وارا شهر ٿا وڃن. مان به رحمت کي وٺي ٿو وڃان؟”

“صالوءَ جي موڪل ڪانسواءِ مان رحمت کي وک به گهر کان ٻاهر ڪڍڻ نه ڏيندس.”

“وک ڪٿي ڪٿي ٿي، جو ٻاهر رکڻ نه ڏيندين.”

احمد ڏک ۾ ٽوڪ مان مُشڪيو ته سندس اکين مان لڙڪ ڪري پيا.

پوري ۾ منا جي اکين مان به لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا. رحمت بي وسيءَ واري حالت ۾ اکيون بند ڪيو پيئي هئي. پوري روئيندي چيو،

“احمد، تو سدائين جنات لاءِ گهٽ وڌ ڳالهائي گهر جو ٻڙ ٻٽياد ختم ڪرڻ جي پويان آهين. هاڻي هن کي ڪيڏانهن تو شهرن ۾ رولڻ وڃين؟”

“هئو ابا، پٺين سچ ٿو چوي. هاڻي هن ڇُڪيءَ ماءُ ۾ رهيو ڇا آهي.”

رحمت ڪنجهيو ته ٽنهي جو ڌيان ايڏانهن ويو. رحمت جي جسم ۾ هلڪي لرزش آئي ته منا رڙ ڪئي، “احمد جا پيءُ، ڊوڙ، صالوءَ کي وٺي آءُ.”

پورو گهبرائجي اٿيو ته احمد ڪيس ٻانهن کان جهلي چيو،

“ويهه بابا ويهه. صالوءَ کي آئون تو وٺي اچان.”

پوري سَٽَ ڏيئي ٻانهن ڇڏائي چيو،

“ڇڏ پاڙيا، خبر اٿم تون صالوءَ کي آٽيندين. هاڻي ته الائي هو اچي کي نه اچي. تو واري علي رضا به ٻڌو اٿم ته گهڻو ڳالهايو اٿس. وڃي ڏسان ٿو الله ڪري ته اچي.”

پورو ٻاهر نڪري ويو. منا، رحمت کي ٿورو مٿي ڪري پنهنجي سيني جي سهاري وهاريو ته ڪيس هڏڪي شروع ٿي ويئي. منا روئيندي رڙ ڪئي،

“ابا احمد، مست پير جي خاڪ ته ڪٿي ڏينم.”

“ڪٿي آهي امان؟”

رحمت جي حالت ڏسي احمد گھٻرائجي اٿيو. ڪيس به هن مهل اهو خاڪ وارو سهارو جبل لڳو.

“جلدي ڪر ابا، مٿي تاڪ تي پيالي ۾ رکي آهي.”

احمد هڪدم تاڪ تان خاڪ واري پيالي ماءُ کي ڪڍي ڏني.

“ابا ٿورو پاڻي به آڻ؟”

احمد تڪڙو مٽ مان پاڻيءَ جو گلاس ڀري آيو. مِنا خاڪ جو ذرو رحمت جي وات ۾ وجهي مٿان ڍُڪ پاڻيءَ جو پياري ٻاڏايو، “اي مِنا مست پير، رحمت کي شفا ڏي چڱي ڀلي ڪرينس ته اچي تنهنجي در تان ٻوهاري ڪڍي، تنهنجي روضي تي پڙ وجهي...”

رحمت جي هڏڪيءَ ۾ تيزي اچي ويئي. پورو، صالوءَ کي ڊوڙائيندو وٺي آيو. صالوءَ کي ڏسي احمد ڪمري کان ٻاهر نڪري بيٺو.

صالوءَ ايندي ساڻ تڪڙ مان چيو،

“ادي مِنا، مرشد مست پير جي خاڪ ته ڏي.”

“ادا هير (هينئر) پياري اٿم.”

“ٿورو ترسو، خاڪ جو اثر ڏسون. باقي آهي اوهان جي مٿان وڏي سختي.”

“اها ته اکين سان پيئي ڏسجي.” پوري هيٺائيءَ مان چيو.

“ادي مِنا، جيجي خيرالنساءِ ٿي اچي.” سوڍيءَ اندر اچي چيو.

صالو ۽ پورو تڪڙو تڪڙو گهر کان ٻاهر نڪتا.

جيپ اچي گهر جي در تي بيٺي. خيرالنساءَ، گهر ۾ آئي ته مِنا اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي ته خيرالنساءَ جي اکين ۾ به لڙڪ تري آيا.

“الله رحم ڪندو ڀيڻ، باقي هيئن نندڙي اڳيان روئي سندس هانءُ نه ڦاڙ.” خيرالنساءَ ويجهو اچي ڏٺو ته رحمت جي حالت تمام خراب هئي. هوءَ اٿي، “سوڍي، عليءَ کي چئو ته ويجهو ڪو حڪيم يا ڊاڪٽر هجي ته وٺي اچيس. نياڻي شهر نيڻ جهڙي ناهي.”

سوڍي ڊوڙي ٻاهر نڪتي.

“ادي مرشد، جي خاڪ پياري اٿئون. صالو ٿو چوي ته ٿورو ترسو خاڪ اثر ڏيکاريندي. ضرور فائدو ٿيندو.”

مِنا ڳالهائي بس ڪيو ته خيرالنساءَ ڪاوڙ مان ڳاڙهي ٿي ويئي.

“ان ماڻهوءَ اوهان جا تڏا ئي ڪڍي ڇڏيا آهن. پر اجا ان مان ڍاپيا ناهيو؟ انصاف آهن اوهان جا به. ٻچن تي به قياس نٿو اچيوَ. اوهان جهڙن مائٽن کان ته يتيم هجي ها ته چڱو. مان اڄ رات ئي وڃان ٿي. باقي علي هتي آهي. هينئر رحمت ڪٽڻ جهڙي ناهي، سو مان ڇڏي ٿي وڃانس سياڻي ٿائين الله ڪندو ته حالت بهتر ٿيندس ته علي ۽ احمد هتي آهن اهي شهر وٺي ويندس. هاڻي وڏيڪ مان ٻيو ڪو به انڪار نه ٻڌندس.”

خيرالنساءَ جي آواز تي رحمت ائين اکيون کولي بند ڪيون ڄڻ سندس ٿورا پي مڃيائين. خيرالنساءَ جي وڃڻ شرط صالو ۽ پورو گهر ۾ گهڙيا،

“جيجيءَ ڇا چيو، ڇو تڪڙو هلي ويئي؟” پوري گهر ۾ گهڙنديئي پڇيو ته مِنا روئي چيو،

“رحمت لاءِ آئي هئي. چيائين ته شهر ٿي وٺي وڃانس. پر سندس حالت ڏسي چيائين ته مان هينئر ئي ٿي شهر وڃان. علي رضا کي هتي ٿي ڇڏيو وڃان. سياڻي جي رحمت جي حالت سڌري ۽ هوءَ گاڏيءَ ۾ ويهڻ جهڙي ٿي ته علي رضا ۽ احمد سان گڏ شهر موڪلجان”

“هون...”

پوري خار ۽ ڪاوڙ مان چيو. ته صالو به اجرڪ ڪلهي تي رکي چيو،

“ادا پورا، منهنجي پاران موڪل اٿوَ. منهنجي ڪا به زور زبردستي ڪانهي. اڳ ئي علي رضا خان اوهان تان، مونکي سيني جي سامهون ڪتن سان گڏ ڪارايو آهي. سو هاڻي مونکي جُتا ڪونهن ڪائڻا. مان هلان ٿو.”

اجا صالو گهر کان ٻاهر مس نڪتو ته پوري ڪيس ڊوڙ ڪري جهليندي چيو، “ادا صالو، واسطو اٿئي مرشد جو. هاڻي هن ٽيم (ٽائيم) تي مونکي هيڪلو نه ڇڏ. وارو ڪر ادا، ڦيٽا وجهينس.”

پورو، رحمت جي حالت تي گھٻرايل هو. صالو ويهي ڦيٽا وجهڻ لڳو. احمد در تي ويهي بيوسيءَ مان پيڻ کي ڏسندو رهيو.

⁕

“احمد، چاچا پورو هونئن ئي رحمت کي اسپتال ڪٽڻ جي موڪل ڪونه ڏيندو پاڻ هيئن ٿا ڪريون جو زبردستي ٿا رحمت کي اسپتال ڪٽائي هلون.”

“پر علي، رحمت هاڻي اسپتال ڪٽڻ جهڙي ڪانهي. ڊاڪٽر هتي اَٽجي ته اها ٻي ڳالهه آهي.”

“پوءِ نيڪ آهي. تون گهر هل. مان شهر ٿو وڃان. ڪوشش اهائي ڪندس ته رات جو ئي ڊاڪٽر وٺي اچان. پر يار پنڌ به ڏاڍو پرانهون آهي.”

“سچ به اهي پنڌ ئي ته آهن جن جي ڪري آئون به رحمت کي شهر نيڻ جو پوتو نٿو ٻانيان ۽ اهي پنڌ ئي ته آهن جن مونکان ڀيرين هڪڙي ڀيڻ کسي ۽ هاڻي...”

هو اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.

“مونکي رڳو اهو ڏک آهي ته نياموءَ جي پيري به مان شهر ۾ هوس ۽ هاڻي به دير سان آيو آهيان. ٽڪي واري نوڪري جي ڪري مون موتين جهڙي ڀيڻ وڃائي.”

احمد پاڻ کي جهلي نه سگهيو. ۽ رڙيون ڪري روئڻ لڳو. احمد کي هيئن روئندي ڪڏهن به علي رضا نه ڏٺو هو. سو پريشان ٿي ڪيس ڀاڪر پائي چيائين، “يار احمد، ڪمال ٿو ڪرين. رحمت کي الله وڏي ڄمار ڏيندو. هانءُ نه هار.”

“نه علي، رحمت ۾ بچڻ جو آسرو ڪونهي.” احمد روئڻ لڳو.

“ڏس احمد، ائين ته يار تون پاڻ به بيمار ٿي پوندين. ڪاڏو نٿو ڪائين. ننڊ به نٿو ڪرين. پاڻ کي سنڀال يار. الله ۾ وڏا آسرا وڏيون اميدون آهن. مان بس، هاڻي ئي وڃان ٿو...”

عليءَ هڪدم جيپ اسٽارٽ ڪئي ۽ تيز اسپيڊ سان اڏائيندو روانو ٿيو. احمد رڳو جيپ جي اٿاريل دوساڙي کي ڏسندو رهيو.

⁕

“امان، ادا علي آيو آهي.”

“سڏ ڪرينس. مهرو، عليءَ کي وٺي آءُ.”

مهرو ڪمري کان ٻاهر نڪتي ۽ تڪڙوئي موٽي آئي.

“امان، ادا علي هليو ويو.”

“مون سان ڳالهايائين به نه. منهن به نه ڏيکاريائين!!”

“امان، ادا علي ڏاڍو پريشان هو. بس، وڏي ادا سان ڪجهه ڳالهائي نڪري ويو.”

“شاهنواز ڪي سڏي آءُ؟”

مهرالنساءَ ڪمري کان ٻاهر نڪتي ته خيرالنساءِ وسوسن ۾ پئجي ويئي.

“الائي ڇا آهي؟ ڪهڙي ڳالهه ٿي آهي. الله سائين ويچاريءَ نياڻيءَ جو خير ڪري. معصومڙي کي الله سائين بچائي. الائي ڇا ٿيو! علي ايڏو تڪڙو آيو ۽ هلي به ويو؟”

“جي امان.” شاهنواز خان ڪمري ۾ ايندي چيو.

“ابا، عليءَ جون خبرون ڏي. تڪڙو آيو، تڪڙو ئي هليو ويو؟”

“امان، چيائين ته پوري واريءَ نياڻي جي حالت صحيح ناهي. سو ڊاڪٽر لاءِ آيو هو.”

“ها ابا، آئون ڏسي آئي آهيانس. نياڻي ويچاريءَ جي حالت ڏاڍي خراب آهي. بس الله ۾ آسرو آهي. علي ڪهڙو ڊاڪٽر وٺي ويندو؟”

“امان، مون پنهنجي دوست ڊاڪٽر حميد کي فون ڪيو آهي. ساڻس ويندو. مون عليءَ کي به چيو آهي ته دوائون ۽ ٻيو ضروري سامان ڪٽي وڃي. عليءَ جيڪا حالت ٻڌائي آهي ان مان لڳي ٿو ته ايمبولينس به ڪٽي وڃڻي پوندي.”

“هائو ابا، الله درجا ڏيندو اوهان ٻنهي ڀائرن کي.”

“امان جهالت جي به حد ٿيندي آهي. پر اسان وارا همراهه ته ليڪا ئي لتاڙي ويا آهن. منهنجي ته دل ئي هاڻي اوڏانهن وڃڻ لاءِ ڪين ٿي چوي.”

“ها ابا، علي اڻ ورچ آهي. الله سوڀون ڏيس. ويچاري نياڻيءَ کي الله شفا ڏِي. چڱو ڀلو ڪريس. ڏاڍي سٺي ڇوڪري آهي.”

“امان، نيامت به ته پوري جي ڌيءَ هئي نه؟”

“هائو ابا، تو کي به نيامو ياد آهي؟”

“ڇو نه امان!”

“ابا، تون ايڏانهن گهٽو ڪونه ويندو آهين نه؟”

“پر جڏهن به ويندو هوس. ضرور پنهنجيءَ ماءُ سان گڏجي ايندي هئي. چوندي هئي، وڏي ادا لاءِ ماني آئون پچائيندس. نيامت ڏاڍي سٺي ۽ سگهڙ ڇوڪري هئي.”

“هيءَ به ان کان گهٽ ڪانهي ابا.”

“هن کي مون ڏٺو ڪونهي. الله رحم ڪندو امان.”

شاهنواز بيٺي پئي ڳالهايو ته خيرالنساءَ چيس،

“ابا، ويهه هتي منهنجي ڀر ۾.”

خيرالنساءَ پلنگ تي سِرڪي ڪيس وهڻ لاءِ جاءِ ڏني ته شاهنواز چيو،

“مان به امان، ٻاهر نڪرڻ وارو هوس. اوهان جي سڏ تي آيو آهيان.”

وري هيڏي هوڏي نهاري چوڻ لڳو،

“مهرو ڪٿي آهي؟”

“مهرو، او مهرو!!” هن مهروءَ کي سڏيو.

مهرالنساءَ قلم ۽ ڪاپي هٿ ۾ ڪٽي آئي.

“ها مهرو، ڇا ڪپئي ڇا ٿي گهرائين؟”

شاهنواز خان مشڪي ماءُ ۾ نهاري چيو. جيڪا پڻ مشڪي رهي هئي. مهرو ڪلندي ڪيس سامانن جي لسٽ ڏني.

“اڙي، هي ڇا. هي سڀ ڪجهه آڻڻو آهي؟”

شاهنواز خان لسٽ ڏسي يوڳ مان رڙ ڪئي. ته خيرالنساءَ چيو،

“مهروءَ کي ته آهن ڪچرا گڏ ڪرڻا.”

“ادا به بس، سڀ امان جي اڳيان ڳالهائيندو.”

“نٿي گهرايان ڪجهه به. نٿو ڪپي ڪجهه، نهيو.” هن ڏمر منجهان شاهنواز خان جي هٿ مان سامانن واري لسٽ کسيندي چيو.

هوءَ ڪمري کان ٻاهر ٿي نڪتي ته شاهنواز خان ڊوڙ ڪري ڪائنس لسٽ کسي. ته هوءَ وري به وٺانس ڦرڻ لڳي. خيرالنساءَ جڙتو ڪاوڙ ۾ چيو،

“نهيو امان مهرو، نهيو. ڀاءُ کي تنگ ڪري رنجاءِ نه.”

شاهنواز خان لسٽ ڪٽي ڪلندو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو.

⁕

علي رضا خان، ڊاڪٽر کي مريض جي سڄي صورتحال ٻڌائي ته ڊاڪٽر چيس، “اها صورتحال بلڪل به

ٺيڪ ناهي. ان لاءِ ايمبولينس ڪاهڻي پوندي.“

”ٺيڪ آهي، جيڪا اوهان جي مرضي.“

ڊاڪٽر، پاڻ سان هيپاٽائٽس بابت سڀ دوائون، ڊرپس ۽ ٻيو ضروري سامان ايمبولينس ۾ ڪنيو. علي رضا پنهنجي جيپ ۾ هليو. اتي پهتا ته عجيب لقاءُ هو. پورو ۽ احمد منهن مٿو پٽي رهيا هئا. اندر گهر ۾ ماين جو روڄ راڙو متل هو. گاڏيون اڳ پوءِ اچي پوري جي گهر اڳيان بيٺيون. علي رضا جيپ مان لهي سڌو احمد وٽ آيو. احمد کيس ڀاڪر پائي روئيندي چيو،

”ادا علي، رحمت به ڇڏي ويئي.“

عليءَ جو هانءُ به ڄڻ مُٺِ ۾ اچي ويو. رحمت جو معصوم چهرو سندس سامهون ڦيريون پائڻ لڳو ۽ هن جي اکين ۾ به ڳوڙها تري آيا.

”احمد، رحمت سان وڏو ظلم، وڏو هاڃو ٿيو آهي.“

احمد کي ڪو هوش نه رهيو. پٽ تي ڪِرڻ لڳو ته علي رضا گهٻرائجي کيس جهلڻ چاهيو. پر هو سندس جهلڻ کان اڳ زمين تي ڪري پيو. سيئي احمد ڏانهن ڊوڙيا.

”اڙي، احمد بيهوش ٿي ويو آهي.“

”هڪڙي ئي ته ڀيڻ بچي هئي ويچاري جي.“

”ڪيڏو پيار هوندو هو ياءُ ۽ ڀيڻ ۾- وسند ته ياءُ لڳندو ئي ڪونه اٿن. ڄڻ اوپرو.“

علي رضا هڪدم ايمبولينس ۾ ويٺل ڊاڪٽر کي وٺي آيو. جنهن ڏسنديئي چيو،

”ٽينشن جي ڪري آهي. ڏک، ڪاوڙ ۽ ٻيوسي. هن کي سڪون ۽ خاموشي جي ضرورت آهي. کيس هڪدم هن ڏک ۽ گوڙ واري ماحول مان ڪڍائي پنهنجي جاءِ تي وٺي هلو.“

علي رضا خان هڪدم ماڻهن کي چيو، ”اڙي احمد کي ڪڍي گاڏي ۾ وجهو.“

سيني ماڻهن گڏجي ڪڍي احمد کي ايمبولينس ۾ ليٽايو ته پورو منهن مٿو پٽيندو، دانهون ڪندو آيو.

”ابور ڙي، گهوڙا ڙي، هي وري ڪهڙو نئون حشر، نئون قهر پيو ٿئي مونسان...“

”چاچا ڏک جي ڪري بيهوش ٿي ويو آهي. هتي گوڙ ۽ گرمي آهي. سو، مان پنهنجي جاءِ تي نيانس پيو. مون سان ڊاڪٽر به آهي. هينئر ٿو هوش ۾ آڻيس. الله خيرُ ڪندو. تون فڪر نه ڪر.“ علي رضا کيس دلاسو ڏيندي چيو.

پورو رڙيون ڪري چوڻ لڳو، ”ڪوپ ٿي ويو مونسان. قهر ٿي ويو. منهنجي لاڪيڻي پٽ تي جنات مارو ڪيو آهي.“

علي رضا ماڻهن کي اک جي اشاري سان پوري کي وٺي وڃڻ جو چئي پاڻ اچي جيپ ۾ ويٺو ۽ جيپ سندس جاءِ ڏانهن رواني ٿي. سندس پويان ايمبولسن به رواني ٿي. پورو پار ڪڍي روئڻ لڳو.

”ابور، منهنجي احمد کي الائي ڪيڏانهن پيا وٺي وڃن. صالو، او صالو.“

هو صالو کي سڏ ڪرڻ لڳو. صالو ماڻهن جي وچ مان ڦٽڙات ڏيئي اتي پوري وٽ آيو.

”جي ادا پورا، هوش ڪر. هوش ڪر ادا.“

”ادا صالو، منهنجي احمد کي مرشد مور مبارڪ جي خاڪ پيارينس، ڦيٽا وجهينس.“

پورو به ڏُرڪي رهيو هو. صالو مٿائنس پاڻي ڇُٽي ڦيٽا وجهڻ لڳو.

*

هتي علي رضا جي جاءِ تي احمد کي ڊرپ لڳل هئي ۽ هو آهستي آهستي اکيون کولي رهيو هو. ■

# ج.ع.منگهاڻي جا نکور غزل

افق ڪان ڏور نرالا ڪي خواب ڳوليان پئي
اکين جي لاءِ مسلسل عذاب ڳوليان پئي

گهري ٿو رنگ رتا مونکان پيچرا جوڀن
سجهن ٿا جيڪي سي رائج نصاب پئي

اڌوري آس تمنا سدا ڇو ساڻ رهي
سوال ساهه جا آهن جواب ڳوليان پئي

ورهه جي رات جون آهن هزار تعبيرون
وڏي ڪا سار، نوان اضطراب ڳوليان پئي

ڪٿي سي روشنيون تن آشنا ڪٿي آهن
گسن ۾ نيڻ ڌري آفتاب ڳوليان پئي

اڀالا جام نچن، ميڪدي ۾ ويرانيون
سجائي پياس اکين ۾ سراب ڳوليان پئي

سپرد جنهن کي ڪيم راز ۽ گناهه سيئي
سڄاڻ سات اهي احتساب ڳوليان پئي

قرار ڪين قبولين دل جون بي تابيون
علاج لاءِ نئون انقلاب ڳوليان پئي

الائي ڪهڙي قيامت جي آهي ڏهنائي
غزل حيات جا داخلا حساب ڳوليان پئي

وڪن جي وير ڪي هر بار آءٌ ڇاڇولي
عذاب خيز درد جو سدِباب ڳوليان پئي

ٻُڏان ها ڪين مگر، سمنڊ هو سڏيو مونکي
گداز خواب ٿيا غرقِ آب ڳوليان پئي

ڪيم جا چونڊ اها ساک تي وڏو دوکو
ملي جي ڪاش وري انتخاب ڳوليان پئي

وفا شعار هو جيڪو وفا شڪن نڪتو
ٽٽا ڪٿي ها ثاقب شهاب ڳوليان پئي

اجاڻ پنڌ ۾ هو دشت ڪوئي پوشيده
اداس روح لئه ويتر عقاب ڳوليان پئي

ڪلي پوي ته ڪٿي مات جو ڪو دروازو
وڃي پوي جو امالڪ رباب ڳوليان پئي

اڙي ڪلال، او موکي ڪو سڏ ته اونايو
اجهايو اڄ ازل جي شراب ڳوليان پئي

زماني ساز اکيون ڪين ٿيون جهڪن ڪنهن کان
هميشه ڏاڍ کي مان بي نقاب ڳوليان پئي

رسيلا رنگ ڪيا بادلن جو ٻُرجن سان
سمورا رنگ اهي بي حجاب ڳوليان پئي

وجود منجهه ڪئين ڳڻ ۽ خوبيون هونديون
رڳو گناهه ته ناهن ثواب ڳوليان پئي

جواز ڪونه ضروري هيو جدائي جو
ڪنارا مات ۾ آهن حباب ڳوليان پئي

خطيب سنڌ جو آهي ڪٿي جئيم سائين
رڳون رباب ٿين سي خطاب ڳوليان پئي
اداس رات اماوس جي ٻُوٽ ڪاري آ
ڪٿي پرين تون ڪٿي ماهتاب ڳوليان پئي

ڀٽائي گهوٽ، جئيم سائين يا ته قادربخش
مثالي جيءَ اهي لاجواب ڳوليان پئي

لکي ٿي سنڌ جي تاريخ ڪهڙي ورقن ۾
وڙول آهه وڏي ۽ ڪتاب ڳوليان پئي

مليو ’منگهاڻي‘ هو گمنام راهرو جيڪو
سو همسفر بي انتساب ڳوليان پئي.

*

ڌار پنهنجو مٿا مزاج هيو
ڪين ويري ڪو سامراج هيو

جو به سوچيو هيئه سمورو ئي
ذهن تنهنجي جو اختراج هيو

تون ڏسين ها ته لوح ۾ توسان
نانءَ منهنجي جو اندراج هيو

لفظ منهنجا ڀلي هيا ڪؤڙا
تو ته ڇاتو ٿي احتجاج هيو

هي جو سمتن ۾ اتفاق نه هو
سو جدائيءَ ڪٿيو خراج هيو

مثل پاڻي ۽ باهه ساڻ گڏيل
پاڻ ٻنهي جو امتزاج هيو

پيار جو انت ٿيو انا جي هٿان
ٻيو ڪٿي ڪو اڳيان رواج هيو

درد جي تو ڏنو ته ڇا ٿي پيو
هونءَ به مون وٽ ڏکن جو ڏاج هيو

مان ته هن جي هيس سدا هن جي
وچ-ڪٽورو رهيل سماج هيو

بس اڪيلي اڪيلي مان آهيان
۽ مقابل سڄو سماج هيو

منهنجي ڳولا جو دنگ آهي ڪٿي
سو ڪٿي جيڪو هم مزاج هيو

خود ڪفيلي سدا هئي در تي
ڪين چاهت ۾ تخت و تاج هيو

هانءَ سُٽڪو ڏنو ته موٽي وڃان
ڪين سورن جو ٻيو علاج هيو

شاهہؒ سمجهيم ته ايئن ئي سمجهيم
ڄڻ ته دنيا تي منهنجو راڄ هيو

پيار واٽئي جو ڄڻ دڪان هيو
۽ وچوڙو ’منگهاڻي‘ وياج هيو. ■



# تخليق جو جمال ۽ جنون...



تاج بلوچ

**’سوجهرو‘** ساٿي ۽ سنڌي فڪشن ۾ نرالي حيثيت رکندڙ ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مترجم رفيق سومرو 6 مارچ 2014 تي، حيدرآباد جي هڪ خانگي اسپتال ۾ 58 سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويو. هو حيدرآباد ۾، ڪمشنر انڪم ٽئڪس جي عهدي تي فائز هو.

رفيق، سکر ۾ مئي 1956ع ۾ جنم ورتو. ننڍپڻ ۾ ئي سندس والد گذاري ويو. ۽ هو يتيميءَ جي سنگلاخ سفر جو راهي بڻيو. نيٺ بيوسي ۽ غربت جي تاريڪين کي چيريندي، هن ڏاڍي بهادريءَ سان مشڪل مسافتون طئي ڪيون. ۽ مقابلي جو امتحان پاس ڪري، انڪم ٽئڪس آفيسر بڻيو. هن جي زندگي ۾ بهار آئي. پر ويهين صدي جي پوئين ڏيڍ ڏهاڪي ۾ مٿس فالج جو حملو ٿيو. هن بيماريءَ جو مڙسيءَ سان مقابلو ڪيو. ان وچ ۾ هن جو نوجوان پٽ اوچتو گذاري ويو. ۽ ٻيون مشڪلون به آڏو آيون. گذريل ڪجھ مهينا اڳ، بيمار رفيق جي اڳهي اهليه، جيڪا هن جي سارسنڀار جو اڪيلو سهارو هئي، اها به گذاري ويئي. رفيق تنها ٿي پيو. ۽ نيٺ وڃي پنهنجي شريڪ سفر سان مليو.

رفيق جيتوڻيڪ بيماريءَ سبب لکڻ گهٽائي ڇڏيو هو. پر انجي باوجود، هو فرينچ ۽ انگريزي ادب جي شاهڪارن جا ترجما ڪيا. جيڪي ’سوجهرو‘ ۾ شايع ٿيا.

هن جي ادبي سفر جي شروعات پڻ ’سوجهرو‘ جي پهرين دور ۾ ئي لکڻ سان ٿي. ۽ سندس ڪيئي ڪهاڻيون شايع ٿيون. ابتدائي دور ۾ هن همعصر ادبي عهد جي مقبول ڪهاڻيڪارن جو اسلوب اختيار ڪيو. پر بنھ ٿوري وقت اندر، وسيع مطالعي ۽ تجربي سان، هن پنهنجي اسٽائل قائم ڪري ورتي. جديد ۽ قديم فڪشن ۾ رفيق جو مطالعو عميق ۽ ڇرڪائيندڙ هو. هن جون لکتون، تجريديت ۽ شعور جي وهڪري جي پرسيپشن جو اعليٰ نمونو هيون. ’ڪتاب جي هڪ صدي‘ فرينچ ناويلا جي طرز تي، هن جو آتم ڪٿائي ناول آهي. جيڪو هن طويل عرصي تائين قسطن ۾ لکيو، جن مان ڪجھ قسطون سوجهرو ۾ به شايع ٿيون. ۽ ڪجھ سال اڳ، اهو ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو. ۽ پذيرائي ماڻي.

رفيق جو سنڌي ادبي سنگت سان گهرو لاڳاپو رهيو. هنجو تنقيدي اظهار هڪ پڙهيل ڪڙهيل نوجوان جيان سگهارو ۽ سيبتو هو. ڇپن تي مرڪن جا گلاب پکيڙيندڙ نوجوان، ادبي حلقن ۾ ترت ڏاڍو مانُ ۽ شهرت ماڻي. شائستگي ۽ اعليٰ ظرفي هن جي سڃاڻپ هئي.

رفيق، شعور جي وهڪري ۾ ڪيئي جاندار تخليقون ڏنيون. ’انسان جي ڳولا‘ ۽ ’مٽيءَ سندو مامرو‘ هن جا ڇپيل ڪتاب آهن. لاعلميءَ واري ٻوڏار ۽ بي حسي جي هن دور ۾ سنڌي فڪشن جڏهن وڏيڪ عروج ماڻيو ته رفيق سومرو هڪ اتساھ طور، نئين پيڙهي جي رهنمائي ڪندو.

> **موٽيا سين جڏهن لحد ۾ لاهي رفيق کي**
> **تخليق جي جُنون جو هڪ دور ڇڻ پُنو**
> **ڪاغذ قلم جو درد ڪان سينو ڏري پيو**
> **اظهار جي فُسون جو هڪ دور ڇڻ پُنو. ■**

# نالو ئي رفيق هو...



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**” ڦيٿي ۽/ قسمت جي/ چڪر ۾، وڏو فرق آهي.“** *(رفيق سومرو)*

فطرت انسان کي قلعي جي پٿ جيئن تراشيو آهي. انسان زندگيءَ ۾ المين جا ڏک برداشت ڪري ٿو. پر مسلسل ڏک ڪيس ڏاهي وجهن ٿا. رفيق سومرو ڦوھ جوانيءَ ۾ ارڏو ۽ بيباڪ هو. هڪ سگهارو ليکڪ، ايڏو پڙهيل جو هن سان جنهن ڳالهايو ان پرايو. پر الميِن هن کي نهوڙي وڌو. انسان جڏهن بي وس ٿي ويندو آهي ته پاڻ کي انڻ ڏنل حوالي ڪندو آهي. رفيق به هٿيار ڦٽا ڪيا پر نتيجو اهو نڪتو جو موت ان بي هٿيار ماڻهوءَ تي قابض ٿي ويو.

موت غم جو دوست ۽ خوشيءَ جو دشمن آهي. موت فطري طرح خوش انسان کان ٿاھ ڪائي ٿو. خوشيون حياتيءَ کي ڏکهو ڪن ٿيون ۽ درد انت جو در کولن ٿا.

”منهنجو دوست رفيق دنيا مان موڪلائي ويو.“ لکندي قلم تي اعتبار نه ٿو اچي. اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ان جي عمر ايڏي پڪي نه هئي جو موت ڪيس پٽر هٽي لاهي وٺي. فصل ۽ ميوي جي مند هوندي آهي، موت جي ڪا مند نه آهي. پر جيسين موت تي يقين نه اچي هو منهنجي دل ۾ جيئرو آهي. هو منهنجي تصور ۾ ڳالهائي ٿو. سوچي ٿو. هوٽل جي ڪارنر ۾ چانھ جو ڍُڪ ڀري مرڪي ٿو. هڪ خوبصورت جوان جنهن جي منهن ۾ جذبن جو رت ڇوليون هڻي ٿو. هن وٽ خواب آهن، ڪجھ ڪري ڏيکارڻ جون حسرتون آهن.

هن ون يونٽ ڪانپوءِ واري ٿهيءَ جي اڳواڻي ڪئي. سندس سڀ کان خوبصورت ڪهاڻيون ستر واري ڏهاڪي ۾ ’سوجهرو‘ ۾ ڇپيون. هو جنهن تيزيءَ سان اُڀري سامهون آيو ان تيزيءَ سان پسمنظر ۾ هليو ويو. هو چوندو هو، ’مون کي نظر لڳي آهي. مون تي تعويذ ٿيا آهن.‘ منهنجو به عقيدو آهي، جي نظر ۽ تعويذ اثر انگيز آهن ته انهن جو سڀ کان پهريون شڪار منهنجو دوست ئي ٿيو هوندو.

’انسان جي ڳولا‘ هن جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي. جيڪو 1978ع ۾ شايع ٿيو. رفيق جون ابتدائي ڪهاڻيون امرجليل کان متاثر آهن. پر پوءِ هن پنهنجي انفراديت ڳولهي لڌي. هن وٽ پنهنجو انداز آهي. پنهنجو اسلوب آهي. رفيق سومرو حقيقتنگار اديب آهي. هن پنهنجي آسپاس ٿيندڙ واقعن کي پنهنجي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هن هڪ صوبيدار جي خودڪشيءَ تي ڪهاڻي لکي هئي. صوبيدار جا مائٽ هن سان وڙهڻ آيا هيا. هن اهڙا ڪيترائي واقعا سچائيءَ سان بيان ڪيا آهن.

هن جو ٻيو ڪتاب ’پيار جي هڪ صدي‘ 2011ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ ناويلا ’انساني تماشو‘ ڪهاڻيون، خط تنقيد ۽ تاثرات شامل آهن. سندس ناويلا پنهنجي ئي زندگيءَ متعلق آهي. ان ناويلا جو مک ڪردار هن جي امڙ آهي. ناويلا پڙهڻ سان دل پرجي اچي ٿي. پر ان ۾ حوصلو سمايل آهي ته انسان پنهنجي تقدير جو مالڪ پاڻ آهي. الميا مقدر يا تقدير جو حصو نه آهن. رفيق ننڍي هوندي پيءُ جي پاڇي کان محروم ٿي ويو. هن جي ماءُ هڪ عظيم عورت هئي. مون زندگيءَ ۾ اهڙي حوصلي واريون عورتون گهٽ ڏٺيون آهن. مون رفيق جي امڙ کي ڪڏهن مايوس نه ڏٺو. هو امڙ جي دعائن جي صلي ۾ ئي وڏو آفيسر ٿيو.

اهو 1978ع وارو دور هو جڏهن رفيق ڪراچيءَ کان سکر موٽيو. ڪراچيءَ ۾ هو سوويت يونين جي سفارتخاني ۾ قائم ڪيل سنڌي سيڪشن ۾ ڪم ڪندو هو. جنرل ضيا جي ڏينهن ۾ اهو سيڪشن ختم ڪيو ويو ته هو سکر موٽيو. سکر اچي هن ادبي سرگرمين ۾ حصو ورتو. سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندو هو. مون کي اڄ به اهو سوچي حيرت ٿئي ٿي ته رفيق جڏهن سکر آيو ته اسان جا ڪجھ وڏا اديب هن کان ڊنل هوندا هيا ته شايد ڪيس انور پيرزادي يا ڪاڀي ڏر ڪراچيءَ کان انڪري موڪليو آهي ته جيئن سکر وڃي ادبي سنگت تي قبضو ڪري



سگهي. مون کي ذاتي طرح خبر آهي تہ رفيق جو اهڙو ڪو بہ ارادو نہ هو.

رفيق منهنجو هم عمر هو. ٻنهي جي پيدائش جو سال ساڳيو آهي. پرائمري اسڪول کان هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني تائين مون هن کي ڏنو پر ويجهڙائپ ستر واري ڏهاڪي ۾ ٿي. ادل سومرو ۽ اياز گل ساڳي قافلي جا همسفر هيا.

مون کان اهي پڪنڪ پارٽيون ڪڏهن وسري نہ ٿيون سگهن جيڪي اسان سنڌ جي آستان، ساڌٻيلي، بکر ۽ ابل واهہ تي ڪيون. انهن پارٽين جو سرواڻ عبدالرحمان پٺو هو. جنهن ۾ رفيق، ادل ۽ مون کانسواءِ ٻيا دوست شريڪ ٿيندا هئا.

رفيق جو وڇوڙو ادب جو وڏو هاڃيڪار آهي. هڪ وڏي مطالعي واري اديب جو وڇوڙو وڏو المناڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ لکيل پڙهيل اديبن جو تعداد اٽي ۾ لوڻ برابر آهي. ■



# سِرجي تان سُور...

فضل قلباڻي

اسان ٻئي هم عمر بہ نہ هياسون. ۽ مائٽ بہ نہ. هو عمر ۾ مونکان پنج سال ننڍو هو. اسان پاڙيسري بہ نہ هياسين. هو سنڌو نديءَ جي هڪ پار رهندو هو ۽ مان وري ٻئي پار. ان جي باوجود هو منهنجو جاني دوست هو. سنڌو ندي اسان جي دلين ۾ سَنڌاوڇهي نہ سگهي هئي. اڄ رفيق سومري لاءِ لفظ 'هو' لکندي منهنجي هٿ جون آڱريون ڪَنبن ٿيون. هي سٽون لکندي لفظ لکجن ئي نہ پيا. سڄي حياتي جنهن لاءِ 'آهي' لکجي ٿو. اهو هڪ پل ۾، 'هو' ٿي وڃي ٿو. زمان حال کي زمان ماضي ۾ بدلجندي دير ئي نہ ٿي لڳي.

اسانجو ملاپ سکر شهر جي اسلاميہ ڪاليج ۾ ٿيو هو. مان معاشيات ۾ ايم.اي ڪري رهيو هوس ۽ رفيق انگريزي ادب ۾. ڳالهہ اڳتي وڌندي رهي. ڪجهہ نوان دوست مليا. ائين اسانجو 'پنجڪڙو' جڙي پيو- رفيق سومرو، ادل سومرو، اياز گل ۽ رسول ميمڻ. سنڌي ادبي سنگت جي سکر برانچ جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ پنهنجيون ڪَچيون ڦِڪيون لکڻيون کڻي ايندا هياسين. اسان خوشنصيب هياسين جو گڏجاڻين ۾ ادب جا وڏا نانءُ، سائين رشيد ڀٽي، فتاح ملڪ، شيخ اياز ۽ تنوير عباسي شريڪ ٿيندا هئا. رفيق ان زماني ۾ ئي پنهنجي ڪهاڻين مان لڳندو هو تہ اڳتي هلي وڏو ڪهاڻيڪار ٿيندو. ۽ ائين ئي ٿيو. هُن سنڌي ادب کي فڪشن جا ٽي خوبصورت ڪتاب ڏنا، 'انسان جو ڳولا'، 'مٽي سنڌوءَ مامرو' ۽ 'پيار جي هڪ ٻي صدي'.

رفيق ۽ مون وٽ ڌار ڌار سائيڪلون هيون. مون واري سائيڪل روز صبح شام روهڙي کان سکر جا پنڌ ڪري ڪري جهوني ٿي چڪي هئي، جڏهن تہ رفيق واري سائيڪل بهتر حالت ۾ هئي.

ڪاليج واري زماني ۾ رفيق ڏاڍو سهڻو نوجوان هو - سندس گلابي ڳلن تي ڪئين ڇوڪريون عاشق هيون. اسين پَل روزانو ٻہ ٻہ پيرا شيوَ ڪيون. پاڻ تي پريوفمن جون پيٽيون پيٽيون. پر مجال آ جو ڪنهن ڇوڪريءَ جي اسان ۾ اک بہ ٻُڏي هجي. ڇوڪريون نہ رڳو رفيق جون عاشق هيون. پر ان لاءِ نوان نوان سوئيٽر اُڻي ڪيس تحفي ۾ موڪليندي‌ون هيون. اسين ساڙس حسد ڪندا هئاسين تہ ڪلي چوندو هو، 'سڙو پُٽ سڙو.'

1978 ۽ 1979ع جي زماني مونکي، ادل ۽ رفيق کي شوق ڪنيو تہ وفاقي حڪومت جي جي چَٽاپيٽيءَ واري امتحان (C.S.S) ۾ شرڪت ڪري قسمت آزمائجي.

ان وقت مان، ادل ۽ رفيق ٽئي ماستر هياسين. بس رات ڏينهن محنت ڪي لڳي وياسين. شاليمار سئنيما جي پرسان معصوم شاهہ لائبريري اسانجو ٻيو گهر هوندو هو. ان جو لائبريري سائين غلام مرتضيٰ شاهہ موسوي اسان لاءِ فرشتو ثابت ٿيو. ڏاڍو تعاون ڪندو هو. اڄ ڪاٿي اهڙا مانجهي مڙد. ڪافي ڪلاڪ پڙهي پوءِ وقفو ڪرڻ لاءِ سائيڪل تي چڙهي گهنٽا گهر پرسان مهراڻ مرڪز ۾ هوٽل، 'ٿامي شيئر' تي شامي ڪباب ۽ چانهہ پيئندا هياسين. ان وقت جا بيرا، 'شَمُسو' ۽ 'صديق' اڄ بہ ياد آهن. اهڙا هِري ويا هيا جو اسانجون شڪليون ڏسندي ئي بنا آرڊر وٺڻ جي شامي ڪباب ۽ چانهہ جا ٽي ڪوپ اچي سامهون رکندا هئا.

روزاني جي انهيءَ ڊِرل دوران هڪ دفعي رفيق مان واري پراڻي سائيڪل جي ڏنڊي تي ويٺو هو ۽ مون پئي هلائي. جيئن ئي معصوم شاهہ مناري واري وڏي لاهيءَ تان لهندي سائيڪل فُل اسپيڊ ۾ هلي رهي هئي تہ اوچتو بريڪ فيل ٿي پيا.

منهنجي رفيق رڙ مٿان رڙ پئي ڪئي، 'وارو ڪر. سائيڪل بي قابو ٿي وئي آهي. پنهنجن پيرن سان روڪڻ جي ڪوشش ڪر.' ۽ هو پيو ڏکي تہ ائين ڪرڻ سان مٿان سندس پيرن ۾ موڙو نہ پئجي وڃي. تان جو سائيڪل ان ڊگهي لاهيءَ جي تَري ۾ حسيني بوڪ ڊِپو جي پِٽ ۾ وڃي لڳي. اها ڳالهہ ياد ڪري رفيق سدائين کِلندو هو.

مان مقابلي جو امتحان پاس ڪري ٽريننگ جي چڪرن ۾ لڳي ويس. اسانجي ملاقاتن ۾ وڏي وِٿي پئجي ويئي. رفيق، مايوس ٿي گهر واريءَ ۽ ننڍڙن ٻَارن کي وٺي، قسمت آزمائڻ ڪراچيءَ هليو ويو. ڪورنگي جي هڪ ڪمري واري ڪچي ڪوارٽر ۾ مسواڙ تي رهندو هو. ان زماني جو احوال ٻڌائيندي چوندو هو، 'منهنجي قسمت ۾ تبديلي شايد لکيل ئي ڪانهي.'

صبح جو چئين وڳي ٻن ڪلاڪن لاءِ سرڪاري نلڪي جو پاڻي ايندو آهي. ٻين سوين ماڻهن جيان مان بہ گهر وارن سوڌو بالٽيون ۽ ديڳڙا کڻي نلڪي سامهون لائين ۾ لڳندا آهيون. ڪجهہ ماڻهو تہ پنهنجي اڻپوري ننڊ اُتي پوري ڪندا آهن.

مايوسيءَ سان تہ رفيق جي اصل پوندي ئي ڪانہ هُئي. سندرو ٻڌي هڪ دفعو وري قسمت آزمائڻ C.S.S جي امتحان ۾ شريڪ ٿيو.

هن دفعي قسمت سندس ڀرپور ساٿ ڏنو. تمام سٺن نمبرن ۾ پاس ٿيو. ڪيس انڪم ٽيڪس گروپ مليو. ائين 1984ع کانپوءِ هن سک جو ساهہ کنيو. پر ڪنهن کي ڪهڙي خبر تہ سندس قسمت ۾ اڳتي اجان ڪهڙيون آزمائشون انتظار ۾ هيون. 1994ع وارو سال هن لاءِ نياڳو ثابت ٿيو. جڏهن سندس سهڻو شهزادن جهڙو 23 سالن جو نوجوان پٽ نديم اوچتو فوت ٿي ويو. ٿوري ئي عرصي ۾ پَوٽي جو صدمو نہ سهندي رفيق جي امڙ بہ هلي وئي الله ڏانهن. انهن ڏکن اسان واري يار کي پَڃي وڌو.

ٻاهران ڏاڍو پر اندر ۾ پَڃي، پُري اصل پُرزا پُرزا ٿي ويو هو. اڪيلي ۾ مون سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ دلين جا احوال ڪندو هو. اندر اوتيندو هو.

اهڙي ڪيفيت ۾ ڀٽائيؒ جو هي بيت ڏاڍو پڙهندو هو،

**تَپي ڪَندين ڪَوهہ، ڏُونگر ڏُکوين ڪي**
**تو جي پهڻ پپ جا، تہ لِڱ منهنجا لوهہ،**
**ڪنهنجو ڪونهي ڏوهہ، امر مونسان ائين ڪيو.**

قسمت جا قَهر اِتي بہ ماٺ ڪري نہ ويٺا. ٻہ وڏا گهريلو / معاشرتي ڌَڪ بہ کو سندس انتظار ۾ ويٺا هئا. انهن کانسواءِ سندس موت کان صرف چار مهينا اڳ سندس زندگيءَ جي ساٿي، گهر واري بہ سندس ساٿ ڇڏي الله سائينءَ ڏي هلي وئي. سُورن مٿان سُور... وَڍن مَٿان وَڍَ.

ان کانپوءِ اَپاهج ۽ بيجان رفيق سومرو، رات ۽ ڏينهن بستري تي نِستو ليٽيو پيو هوندو هو ۽ ڪمري جي ڇَت ۾ گهوري گهوري الائي ڪنهن کي ڳولهيندو هو. ڪيڏانهن ويئي انڪم ٽيڪس جي ڪمشنري تہ ڪيڏانهن ويون سَڀُ ڳالهيون. رَهي نَامُ رَبُ جو، باقي سَڀ فنا.

مونکي رفيق سومري جي سڄي زندگي، ننڍپڻ جي يتيميءَ کان وٺي آخر تائين، لطيفؒ جي هن بيت جي تشريح لڳندي آهي،

**سِرجي تان سُورَ، سَامائي تان سُکَ ويا**
**اِهي ٻَئي پُورَ، نِماڻائيءَ نصيب ٿيا. ■**

# بودلڪ ڪافرستاني...



شيام ڪمار

ڪيس وڌيڪ آٿت ۽ دلجاءِ ڏيندي فرانس جي جل ڦٽاڪو قسم جي چنچل، چلولي ۽ حسين دانشور ۽ اديبه 'فرانسوس ساگان' (Francoise Sagan) جو هيءُ مقولو ٻڌايو هو،

"جهڙي ريت 'نيو آرليئنس' شهر اندر رهواسي ڪنهن جي موت تي 'مهڪندا' آهن ۽ ان افسوس ناڪ واقعي کي شاندار نموني محفلون سجائي ملهائيندا آهن. ڳانا بجانا، ڪل خوشي، ناچ ۽ شراب نوشي جو اهتمام ڪندا آهن تهڙيءَ ريت 'ٽنڊڙ' ناتن کي به وڏي چاهه ۽ چوچ سان ملهائڻ جڳائي. جيئن 'ٻاهه' جي ذخيره اندوزي ڪونه ٿي ڪري سگهجي تيئن 'محبت' کي به ڪفل ۽ ڪنجي ۾ بند نٿو ڪري سگهجي. محبت پاڻيءَ جيان وهائڻ ۽ ورهائڻ جهڙي شيءِ آهي."

هڪ لڳا جادوگر بودلڪ جي شوَ جهڙي اڏيت ۽ اڻ وسهندڙ شڪتي جو مشاهدو ڪري هيئينيون تاريخي جملو، بي ساختگي ۾ ادا ڪيو هو:

"BadLak is an unstaibale personified cupid of perfumed gardens of the world."

پر، ندورو سمهُ سندس حيرت انگيز شڪتي کي سمنڊ اندر تيزي سان پوئتي موٽندڙ لهرن جيان چٽي رهيو هو- اهو الميو ڏسندڙ اکين ۽ ٻڌندڙ ڪنن کي صاف ڏيکاري ۽ سٽائجي رهيو هو.

پر، هتي ٻيهر جادوگر يادن مان ٻاهر نڪري آيو. سندس چوڻ هو ته هينئر بودلڪ جي پيٽ جي اشتها ۾ سمنڊ جي وڌندڙ لهر کان به ڪئين ڀيرا وڌيڪ اضافو ٿي چڪو آهي. هن ان صورتحال جي تصوير ڪشي هيئنئين انگريزي جملي ذريعي ڪئي،

"Now he has become a voracious wolf at the table."

هڪ دفعي جادوگر ترنگ ۾ اچي ڦاٽ ڪاڻو: "گذريل صدي جي جي هڪ ڀڳڻي ۽ ڏتاريندڙ لمحي دوران اوچتو بودلڪ جو مڪاميلو فرهنگ ايران ڪوئٽا جي ڊائريڪٽر مس ماهه جبين طباطبائي سان ٿيو. 'ٻاٿرن' جي اصطلاح ۾ هوءَ 'سراپا حسن' هئي. سندس سيمابي ذات اندر چمڪندڙ وڄ جو وڪڙ، آسمان ڏانهن اُڏندڙ ٻاهه جو اُلو، ساموندي طوفان جو گرفت ۾ وٺندڙ عقل چرخ ڪندڙ لقاءُ ۽ علم ادب آرٽ ذهانت جي اهڙي ڪاڻ جنهن اندر جڻ ورجينيا وولف، ميرابائي، سيمين بهيماني، قرة العين طاهره، سيفيو، روزا اڪسمبرنگ، آنسو ڊورا ڊنڪن يڪجا ٿي ويون هيون. بس- اکيون چار ٿيون ۽ اکئر لغڙ اُڏند ڪٽولن وانگر، اُڀ جي اڻ ڇاتل اونهاين تائين بنا جهل پل اُڏرندا رهندا هئا. ٻنهي جي ڏور مضبوط ۽ سيٽيل هئي. جڻ شوَ جي ڏنش واري ڏور جو حصو هئي. پيچ پوندا رهيا، وڇڙندا رهيا، ٽڪرائيندا رهيا پر ڪوئي ڪنهن کي 'ڪاٽا' ڪونه ڪري سگهيو. بودلڪ مطابق، 'ماهه جبين جي ڇهري پنيان ڪيس 'افروڊائٽي' جو ڳنڀير ۽ پوتر ۽ پراسرار مکڙو نظر آيو هو.'"

هن وڌيڪ ٻڌايو هو، 'هوءَ تازي جهرڻي جيان هئي. ان اندر نهاريندي نه صرف پنهنجو عڪس پسي سگهبو هو بلڪ ان ۾ سمايل سرور سان پياس به متجيو ويندي هئي. بلڪ اها اُڃ ايستائين قائم رهندي هئي جيستائين ٻنهي جي سنڌ سنڌ مان نڪاءَ نه نڪرندا هئا ۽ سيسرائيون نه اُڀرنديون هيون.'

اسان ٽنهي جڻن ڪوئٽا اندر عيسائيت ۽ هندومت جهڙي ٽمورتي (Trinity) وجود ۾ آندي هئي. هر ڏسندڙ اک ۽ سوچيندڙ ذهن ان لپائيندڙ تثليث تي ريس ڪندو هو.

جنهن مهل غير روايتي گڏجاڻين اندر ماهه جبين 'سيمين بهيماني' جي 'اُمارو' جي زمين ۾ سرجيل هيئين نظم پنهنجي الوهي سريلي سر ۽ لهجي ۾ آلاپيندي هئي ته ائين محسوس ٿيندو هو جڻ 'وقت' بيهجي ويو هو. ۽ ويدڪ شاعرا 'غوصه' ۽ ديوي 'اُوشا' گڏجي ڪوپوتر اشلوڪ آلاپينديون هجن، ۽ سندن مڌر آواز جو پڙلاءُ سنڌو ۽ گنگا جي لهرن تان هوريان هوريان ترڪندو ڪنن اندر ڪو آفاقي نغمو اوتيندو هجي:

من چون شراب ناب بمينائے روزگار
مستی ده و لطيف و فرح بخش و خوشگوار
رنگم برنگ لالۂ خود روئی دشتها
بوهم چوں بسوئے وحشی گلهائے کوهسار

ان ڪانپوءِ ڪڏهن عمر خيام جي امر ۽ مست مدام رباعي جهونگاريندي اسان کي وڌيڪ مست، بي دم ۽ بي خود بڻائي ڇڏيندي هئي:

اين يک دو روزه عمر گذشت
چوں آب به جوئبار چوں باده بدشت
هرگز غم دو مرا ياد نه گذشت
روزی که نيامده و روزی که گذشت

يا

"جن سان ملي زندگي سان عشق ٿي وڃي سي ماڻهو
توهان شايد نه ڏٺا هوندا، پر هوندا ضرور آهن."

هڪ ڏينهن اوچتو، ڪنهن بدسوٽي گهڙي دوران، ايراني شاعر بهزاد شيرازي جي طلسم ۽ طلب ۾ سرشار ٻڌجي، هيءُ شعلو ۽ شبنم ائين الوپ ٿي وئي جيئن ڪانٽس اڳ فيلسوف 'نطشي' ۽ جرمن مفڪر 'پال ري' جي مشترڪ نوجوان خوبصورت دوست- ۽ محبوب روسي دانشور حسينه 'لو اينڊرياس' 'سلومي' مشهور آسٽريائي شاعر 'رلڪي' جي محبت ۾ منڌجي سندن 'تثليثي اسٽڊي سرڪل' کي ويران ۽ ويڳاڻو ڪري فرار جي راهه اختيار ڪئي هئي.

دراصل عورت هڪ ڳجهارت جيان آهي. مذهب ۽ رياست جا مڙيوئي قاعدا قانون ڪيس سمجهڻ کان قاصر رهندا آيا آهن. بلڪ سندس تشريح به غلط ڪندا رهندا آهن.

اجان جادوگر جي ترنگ واري ڪيفيت برقرار هئي. ارڙهين صدي جي عظيم برطانوي ايڪٽر، ڊاڪٽر جانسن جي ڳهاٽي يار ۽ شيڪسپيئر جي ڊرامن جي 'امر' اداڪار 'ڊيوڊ گيرڪ' ۽ سندس محبوبه زال 'ايوامايا' جي 'بي اولاد' جوڙي جو مُنڊُ سندن حيات تائين، سدابهار پهاڪي جيان، قائم رهيو هو. ۽ هتڙي بودلڪ وٽ 'اولاد سان' يا 'بي اولاد' رهڻ واري اهڙي مُنڊَ يا جادو جو ڪوهن تائين پرو ڪونهي.

'گيرڪ' عورت جي منديندڙ حسن، جنسي ڪشش ۽ لپائيندڙ منفرد ادا، ناز نخري کان وڌيڪ سندس صاف سُٿري ذهانت، شفاف روح، دلربائي انداز ۽ حاضر جوابي کي اوليت ڏيندو نظر اچي ٿو ۽ سندس چوائي، 'اهي انمول خوبيون وقت جي هر ناخوشگواري ۽ فنا کان محفوظ رهي امرتا ماڻينديون آهن.' پر، بودلڪ جو فلسفو ان سوچ جي بلڪل ابتڙ رهيو- ۽ ٿي سگهي ٿو 'ماهه جبين' جي 'فرار' جو نڪتو به ان فڪر ۾ پوشيده هجي."

ساڳي ڪيفيت ۾ مٿو ڪنهندي جادوگر کي هڪ ٻي ڳالهه ياد اچي وئي هئي،

"هڪ ڀيري ايڊمرل لارڊ نيلسن پنهنجي معشوقه 'ايما' کي پنهنجي پيار جو يقين ڏيارينڊي لکيو هو، 'جيڪڏهن پنجاهه خوبصورت ڪنواريون چوڪريون رات جي گهري اونڌهه ۾ 'بي لباسي' واري حالت ۾ منهنجي ڪمري اندر 'خود سپردگي' جي حالت اندر موجود ڪري ڏنيون وڃن ته آئون مٿائن هڪ نهار به نه وجهندس.' پر، جيڪڏهن بودلڪ جي روشن ڪمري اندر ساڳيو عمل ورجايو وڃي ته سندس 'ڪرم' نيلسن کان يقيني طور مختلف هوندو چو جو هو نه صرف 'چيمپئين' بودلڪ ڪافرستاني رهيو هو بلڪ سندس وجود اندر راڄا اندر جو بسيرو به آهي. ۽ صبح جو نيرن مهل ارڙهن انڊن جو آمليٽ کائڻ به جڻ سندس ذات ۽ سياءُ جو لازمي جُز بڻجي ويو آهي."

جادوگر راوي آهي ته هڪ ڀيري بودلڪ نهايت خوشگوار موڊ ۾ هوءَ پنهنجي دلچسپ سوين جو داستان سٽائيندي اوچتو سندس اکين اندر عجب قسم جي هڪ پراسرار چمڪ پيدا ٿي هئي ۽ سندس آواز ويجهڙائپ بجاءِ ڪوهه ندا تان هوا جي لهرن تي ايندو محسوس ٿي رهيو هو. منهنجي بار بار پڇڻ تي آخر هن ٿورڙو شرمائيندي انڪشاف ڪيو،

"پيارا جادوگر، فطرت جي لامحدود نعمتن ۾ جيڪڏهن 'جنس' جو مادي وجود ڪونه هجي ها ته هيءَ دنيا نرڪ کان به بدتر ۽ رهڻ جي قابل بلڪل ڪين هجي ها. منهنجي خيال ۾ سُرڳ اندر به سندس مادي وجود ڏکونهي ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو دنيا جي تخليقي عمل کان وٺي اڄ تائين جيڪي به مهان پرش پيدا ٿيا آهن انهن جي اڪثريت ڪڏهن به جنت جي خواهشمند ۽ طلبگار ڪونه رهي آهي."

هن ڪجهه ساعتون ساهي پٽيندي ۽ ڪجهه سوچيندي ٻيهر چوڻ شروع ڪيو.

”جاودگر جي، توکي چڱيءَ طور سُڌ آهي ته متوالي البيلي نار منهنجي وجود جي سڀ کان وڏي ڪمزوري ۽ اڻ ٽٽ ۽ اڻ مٽ جزي ۽ انگ جيان رهي آهي. سندس هر ڪنڊ ۽ گوشي ۾ ڄڻ هڪ ڪائنات وسيل رهي ٿي. ۽ انهن اندر اُهي اسرار ۽ خوشيون آهن جيڪي فطرت يا مادي وجو دجي ٻئي ڪنهن به دلڪش ۽ حسين منظر ۽ ڏِکَ مان حاصل ٿيڻ يا نظر اچڻ محال آهن.“

هن ڳالهه جاري رکندي چيو.

”يار، ڪجهه ورهيه اڳ جي ڳالهه آهي جو ڪنهن ڪم سانگي ڪراچي وڃڻ جو اتفاق ٿيو- ۽ صدر جي پيراڊائز هوٽل ۾ ترسيو هئس. ان وقت ’گرمي جي شدت‘ به بيحال ڪيو هئم ۽ انڪري ’شبنم‘ جي تلاش به مقصد هو. پر، قدرت جي ڪرشمي سبب منهنجي عقابي نظرن آڏو ٻرندڙ ’اگر‘، وهندڙ ’لاوا‘ ۽ آسمان ڏانهن ڇپيون ڪيندڙ ’شعلو‘ هو. مان هوٽل اندر ان سامري، هوشربائي حسن ڪي ڏسي بي سُڌ ٿي ويس. ڄڻ هيٺيون هيٺ مٿيون مٿي ٿي ويم. هوءَ ترڪمان، آرمينيائي ۽ قزاق نسل جو ڪوهه قافي ’پري نما‘ مرڪب وجود هو، ان ڪارڻ منجهس هوشربائي حسن، ٻرندڙ باهه ۽ مثالي چنچلتا چلڪي رهي هئي. عورت ۾ موجود ’نرالو پڻ‘ سندس لاءِ شوق کي اُڀارڻ ۽ ان کي تيز تر ڪرڻ لاءِ ’سامان‘ ۽ ’سمئي‘ ٻئي پيدا ڪرڻ ۾ ڪا ويرم ڪونه وجهندو آهي. ۽ خلوت ۽ پوشيدگي ۾ جذبن جي وهڪ جهرٽي جيان هوندي آهي. ۽ ان سان قربت ڪارڻ محبت کي هڪ وڏيڪ انوکائي، صحت ۽ مهم جوياڻو احساس به ملندو آهي.“

ان کان گهڻو اڳ ۾، هڪ پيري بودلڪ بدلجندڙ ’روين‘ ۽ ’طريقي ڪار‘ کي justify ڪرڻ لاءِ ’برشي باردو‘ (Brigitte Bardot) جي ’نکور سوچ‘ جو مثال ڏيندي ٻڌايو هو: جاودگر جي، هڪ ڏينهن ’يڪ رنگي‘ ۽ ’يڪ رُخي‘ کان بيزار ٿي ڪري ’باردو‘ پنهنجي مڙس ’راجر وئدم‘ کي چيو هو:

“It’s funny. She said suddenly. We do things backward. Couples who have lived together too long invent games to excite each other. We did that, earlier, at the beginning.”

ان گهري عميق ۽ انگڙ ونگڙ اسرارن سان ٽمٽار وادي جو سفر حاتم طائي جي طلسماتي سوالن وانگر مختلف، اهنجو، جادو واري اثرن سان ڀرپور ۽ مهم جو ياڻه هو- ان جو مزو، لذت، سواد ۽ خوشي بي مثل ۽ لاثاني هئي. انساني روح کي نواڻ ۽ نرواڻ سان روشناس ڪرائڻ ۽ ڪيس آسمان جي اڻ ڄاتل گهراين کان واقف ڪرائڻ وارو اهو ’ابتي گهوڙي‘ ڊوڙائڻ وارو عمل انمول ۽ بي بدل هو. هوءَ ان روحاني عمل جي وجد آفرين اثر جي جادوءَ هيٺ ڄڻ بيخود ٿي وئي ۽ ان خماري حالت ۾ پنهنجي سريلي آواز ۾ جهونگارڻ لڳي:

”چڪا چڪا ٻُوم ٻُوم
سمن، سارا ڪُوم ڪُوم.“

مون آڏو انهن مبهم ٻولن جو ڪو مفهوم نه هوندي به اِهي سر، لئه ۽ تال جي نغمگي ۾ روح ۽ جسم جي سيني تارن کي ڇيڙڻ لاءِ ڪافي هئا. بس مان به، بي ساختگي ۾، انهن جي ٿاپ تي سنگت ڪندي جهونگارڻ لڳم:

”منهنجا مَنَ جُهوم جَهوم
جسم ۽ جان چُوم چُوم.“

تنگ ڳلين مان لنگهڻ مهل هڪ عجيب طرح جي پراسراريت، جادو ۽ مهم جوئي جو احساس اتپن ٿيندو آهي. مون محسوس ڪيو آهي ته پيار ڪرڻ مهل پالتو جانور، پکي ۽ جيت جٽيان ڄڻ ان جي احترام ۾ خاموش ٿي ويندا آهن.

منڙي رس مان حاصل ٿيندڙ لذت بجاءِ ڪوڙي ڏُکَ جي سرڪي وڌيڪ روح افزا، ڪتڪتائي ڪندڙ ۽ الوهيت جي احساس سان ٽمٽار هوندي آهي. جهونجهڪڙي جي سونهري ۽ روپيلي ڏُتَ اندر وڪوڙيل دل بهار وادي کان وڌيڪ روحاني خوشي ۽ محويت (abandonment)، ’امرتا جي ماٿري‘ (deathless valley) جي ڪوجنا ۽ سير منجهان حاصل ٿئي ٿي. هرڪيولس، سرمد، شمس تبريز، منصور حلاج، بيدل، بيڪس جهڙا عظيم انسان انهيءَ ئي ماٿري جا مسافر رهيا هئا.

ان اونداهي، ديده زيب ۽ پراسرار ماٿري جي طلسماتي رڳن ۽ پيچرن جي دنيا جي جن ٻين ڀهڳٽن ذهنن ۽ عالمن نهايت شوق ۽ رغبت سان خاڪ ڇڪي هئي انهن ۾ آسڪروائلڊ، آرٿر رامبو، پال ورلين، ارسطو، آندري ييد، سمرسيٽ ماهم، ڪرسٽوفراشروود، يوڪيو مشليما وغيره ادب ۽ ڏاهپ جي پيچدار وادي اندر اهم جڳهه والارين ٿا.

هوءَ نه صرف هڪ عورت هئي بلڪ ’اڻ گهڙيل قوت (Animal energy) ۾ ٻُڌل فن جو هڪ نادر شاهڪار به هئي. ائين لڳو هئم ته خدا ’اٽڃاڻ‘ مرد لاءِ ’حوا‘ کي تخليق ڪيو هو. پر، هن ڪامڻي، سراپا سونهن کي پسي ائين ڀاسيو هئم ڄڻ هن جي تخليق شيطان جي فنڪارانا هٿن ۽ تخليقي ذهن جو نتيجو هئي.

هوءَ مڪمل Physical ۽ غير معمولي طور Emotional عورت هئي. سندس شخصيت اندر وهندڙ جهرٽي جهڙي جهان ۽ بي ساختگي هئي. دل جو آڪيو دماغي سوچ کان وڌيڪ قوي هوندو آهي. فرانسيسي شاعر ’لمرتائين‘، شايد اهڙُ مڪاميلو پسيندي، ڪيڏو نه قيمتي جواهر پارو آچيو آهي:

”اي وقت جا شهنشاهه! ڪاش، تنهنجي اُڏام بيهجي وڃي— .“O Time, arrest your flight

محبت جي ڪسيل ڏور تي ترڪندا ٿي وياسون، ينيوري پنهنجي ڪوپي مان ٻاهر اچي. ۽ پر پکيڙڻ لڳي. محبت جي انتها پنهنجي روح ۽ باطن جي ڳجهين گهراين کي گهوٽي پيش ڪرڻ ۾ ئي لڪل ۽ موجود رهي ٿي. صرف جسماني بي لباسي ۾ ڪونه هوندي آهي. هوءَ اهڙي جنتي گل وانگر هئي جنهن کي صرف سوم رس وسيلي ئي ريج ڏئي سگهجي ٿو. جنهن کي شاخ تان ٽوڙڻ ڄڻ غير مقدس عمل هو. Aphrodite ۽ Adonis سندس ذات تي ريس ڪندا نظر آيم.

هن ’خودتسڪيني‘ عمل کي ’گڏيل تسڪيني‘ عمل ۾ بدلائي ڪيس ڄڻ شاعراٽي پوشاڪ پهرائي هئي.

*

بودلڪ هينئر به پنهنجي محور ۽ مقام تي قائم آهي. پر، مون کي ياد آهي ته جادوگر جي ’ڪائناتي تاري‘ جي آرزو جو روپ اختيار ڪرڻ جي آرزو ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي هئي. ڇو جو هو هڪ سٺو انسان ۽ انڪري هو پاڻ کي يارباش قسم جي عورت جي تيز ۽ چيندڙ سگن کان بلڪل ڪونه بچائي سگهيو. ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ ’جوهر يا مادو ازل کان قائم آهي.‘ جهڙن عنوانن تي اڪثر سوچيندو رهندو هو. سندس چوڻ مطابق، ”-’عدم وجود‘ مان ’وجود‘ جي تخليق؟ ’عبث.‘-“

سبب cause کان سواءِ ڪا شيءِ تخليق نٿي ڪري سگهجي. مادي کي نه ناهي سگهجي ٿو، ۽ نه ئي ان جو خاتمو آڻي سگهجي ٿو. ڪائنات ازل کان قائم آهي ۽ سندس انت ڪونه ٿي سگهندو وغيره.

اهڙيءَ ريت هو مُرادن ۽ آشائن جا گل چونڊيندو رهيو ۽ بهار جي قصن کي ورجائيندو رهيو ۽ ان سان گڏو گڏ خوشبو واسيل فضائن اندر پنهنجي ليڙون ليڙون لبادي جي رفوگري به ڪندو رهيو.

هڪ ڏينهن اوچتو جادوگر زندگي کي موت جي اونداهين چڪر ۾ ڏسندي درديلي رڙ ڪئي:

”گل ڇٽندا آهن
چنڊ جهڪو ٿي لهندو آهي
هيءُ بدن، هيءُ حرم ۽ هيءُ خدا پاڪ
ڇو بڻايو ويو آهي هيءُ قصر خاڪ؟“ ■



## وائي

## خاڪي جاني

مونکان پُڇيو مُنهنجي مَن
گهاري سگهندين هيڪل؟
ماضي مُور نه وسري ٿو
اُجرا اجرا دل درپن
گهاري سگهندين هيڪل؟
ڏينهن سَڄو خيال رهيا گڏ
رات به ساٿ ڏنو سپنن
گهاري سگهندين هيڪل؟
جذبا جيءُ ۾ ٻار جيان
هر دم، پل پل ٿا سُڏڪن
گهاري سگهندين هيڪل؟
هُو به نه آيو ته نه آيو
دل جا در کوليا دردن
گهاري سگهندين هيڪل؟
خاڪي کان جاني وڇڙيو
ورتو ويڳاڻين سوچن
گهاري سگهندين هيڪل؟ ■

# اسٽيل جا پنج گلاس...



**دراصل** گلاسن جي ارتقاء انسان جي ارتقا آهي. ڪو وقت هيو انسان ڪڪ پن ڍڪي جانورن جيان نهر مان نوڙي پاڻي پيئندو هيو. پوءِ هن ٻڪ پري پيتو ۽ گرڙي ڪئي. گرڙي ڪرڻ سان ڪيس صفائيءَ جو خيال آيو. جڏهن وهنجندو هيو ته نهر جي چيڪي مٽيءَ بدن کي هٽندو هيو. هن کي چيڪي مٽيءَ جي اهميت جي خبر پئي هن چيڪي مٽيءَ جو گهر ٺاهيو ۽ چيڪي مٽيءَ جو گلاس ٺاهي جيئن پاڻي پيئڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهو رجي ويو. هن سمجهيو شايد خدا ناراض آهي. خدا ناراض ٿيندو آهي ته سج گرهڻ ٿيندي آهي. چنڊ گرهڻ ٿيندي آهي. زلزلا ايندا آهن. آنڌيون ايندیون آهن. آسمان ۾ وڄ چمڪندي آهي. گجگوڙ ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن حد کان وڌيڪ ناراض ٿئي ته مٽيءَ جا گلاس پاڻي پرڻ سان رجي ويندا آهن.

پروميٿيس کي انسانن جي پيڙائن تي رحم آيو. هن ديوتائن جي باهه چورائي انسانن حوالي ڪئي. سزا طور پروميٿيس کي پٿر سان ٻڌي ڳجهون ڇڏيون ويون جيڪي هن جو جيرو ڪائينديون هيون ۽ سندس جيرو وري ڄمندو هيو. هزارين سالن ڪانپوءِ انسانن کي خبر پئي ته جيري کي ٻيهر ڄمڻ جي شڪتي آهي. سائنسدانن انسان جو بيمار جيرو ڪڍي، اندر نئين جيري پيدا ڪرڻ جي صلاحيت حاصل ڪري ورتي آهي. انسانن کي پروميٿيس جي بخشيل باهه جتي گهر ساڙيا اتي رنڌڻن ۾ ٻه دونهيون دڪائيون ۽ اهڙي آوي ايجاد ٿي جنهن ۾ چيڪي مٽيءَ جا ڪچا گلاس پڪا ٿي ويا. اهو ٺڪر جي گلاسن جو دور هيو جيڪو وقت جي لحاظ کان ترقي يافتا دور هيو. اهي جڏهن ٺڪر جي گلاس ۾ پاڻي پيئندا هئا ته سجدو ڪري رب جا ٿورا مڃيندا هيا. سمجهندا هيا ته خدا راضي آهي جنهن ٺڪر جا گلاس عطا ڪيا.

اهو سوچي انهن عبادت ڪئي. رب سامهون ٻيهندي ڪين اوگهڙ محسوس ٿي. وڻن جا فصل عام ٿيا. ڪپهه لٿي، انهن ڪپڙا پاتا. سوم رس ڳولهي لڌو ويو ته هڪ شخص ٺڪر جي گلاس مان ڍُڪ پريندي چيو، ”اسان ان هستيءَ کي وساري وينا آهيون جنهن باهه، ڪڪ ڪانا ۽ ٺڪر جا گلاس عطا ڪيا. اچو ته ان کي راضي ڪيون ۽ سوم رس جا پريل گلاس آڇيون.“

ماڻهن کي ان شخص جي ڳالهه ايڏي ته وڻي جو سندس وار، پروون، ڏاڙهي ۽ مڇون ڪوڙائي اوتار جو درجو ڏئي، ڪيس نرڙ تي عقيدت جو تلڪ هڻي عبادتگاهه ۾ ويهاريائون. عقيدتمند ٺڪر جي گلاس ۾ سوم رس وجهي ڀڳوان اڳيان رکي هليا ويندا هئا ۽ اوتار رات جي وقت اندر وڃي اهي پي ڇڏيندو هو ۽ ڏينهن جو ننڊ ڪري خوابن ۾ مذهب جي تبليغ ڪندو هيو. تن ڏينهن ڪنهن ڪاٺ جو گلاس ايجاد ڪري هر ڪنهن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. اهو زمانو ڪاٺ جو دور هيو. ان ٻيلي جي مختلف وڻن جي ڪاٺ مان اهڙا گلاس ايجاد ڪيا جن ۾ پاڻي پيئڻ سان مختلف بيمارين ۾ ورتل مريض صحتياب ٿيڻ لڳا. هر ڪاٺ جي گلاس جو پنهنجو اثر هيو. ائين هر شهر ۽ واهڻ ۾ ويڄ ظاهر ٿيا، جيڪي مريضن کان حال وٺي سندس بيماريءَ جي نسبت سان ڪيس ڪاٺ جو گلاس ڏئي تاڪيد ڪندا هيا، ’رات جو گلاس ۾ پاڻي وجهي رکجانءِ ۽ نيراني پيئجانءِ.‘

اهي ڪاٺ جا گلاس جيڪي ٺڪر جي گلاسن کان مضبوط ۽ چٽساليءَ ڪري وڻندڙ هيا، انهن جو دنيا تي سٺو اثر نه پيو. ڪاٺ جي اهميت جو اندازو ائين ٿيو جو اهڙو ڪاٺ ايجاد ٿيو جيڪو ڳٽ جيان ماڻهوءَ جي ڳچيءَ ۾ وجهي غلام بنائي سوگهو ڪري ڪيس احڪامن تي عمل لاءِ چيو ويو. اهو غلاميءَ جو دور هيو. ماڻهو سالن جا سال ڪاٺ ۾ پيل هوندا هيا ۽ انهن کي جڏهن اڃ لڳندي هئي ته ڪين زبردستي ڪاٺ جي گلاس ۾ پاڻي پيئاريو ويندو هو. غلامن کي ڪاٺ کان ايڏي ته نفرت هئي جو هڪ غلام اٿي احتجاج ڪيو، ’اهو ظلم آهي. اسان ڪاٺ جي گلاسن کان نفرت ڪيون ٿا ڇو جو ڪاٺ اسان کي غلام بڻايو آهي.‘

ماڻهن ۾ نفرت ڦهلجي وئي ۽ انهن بغاوت جو اعلان ڪيو. ڪاٺ جا گلاس ساڙي باهه جي عبادت ڪئي وئي. اهو زرتشت جو دور هيو.

هونئن ته لوهه زرتشت کان پهريون لڌو ويو هو، پر لوهه جا گلاس ڪامياب نه ويا، پاڻي پيئڻ ڪانپوءِ انهن تي ڪٽ چڙهي ويندي هئي. اها دنيا جي بدنصيبي آهي جو لوهه جا گلاس پاڻي پيئڻ جي ڪم نه آيا ۽ لوهرن روزگار ختم ٿيندو ڏسي لوهه مان تير ۽ تلوارون ٺاهيا. جنهن ڪري جنگيون لڳيون. ماڻهو مُئا ۽ نفرتون وڌيون. ڪنهن

هڪ ننڍي قد واري شخص جنهن جا ڪن وڏا هيا، ان جلدي ٻڌو ۽ لبيڪ چئي عجلت مان پڇيو، ”اهو ڪٿي آهي؟ ڪيئن آهي؟“

”اهو ضرور ڀاڳيوان آهي.“ ڪنهن چيو.

”ڀاڳيوان مان ڇا مطلب؟“ ڪنهن سوال ڪيو.

”اهو ڏاتار آهي جيڪو ڏئي ٿو، ان ڀاڳيوان جيان جيڪو ڪنهن شيءِ کي ڀاڱا ڪري انصاف سان ورهائي ڏئي ٿو.“

انهن آويءَ ۾ بچائي ڀاڳيوان جي ٺڪر جي مورتي ٺاهي. انهن ٺڪر جي مورتيءَ مٿان ڇت جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪنهن اعتراض ڪيو. ”ڇت ڇو ٿا ٺاهيو؟ ڀاڳيوان ته ٻين جي ڇتين جي حفاظت ڪندو آهي.“



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

ڪنهن ڪيس سمجهايو، ”اهو ڀاڳيوان پاڻ نه، پر ڀاڳيوان جي مورتي آهي. اصل ڀاڳيوان عرش ۾ آهي. طوفانن ۾ آهي. زلزلن ۾ آهي. وڄ ۾ آهي. بيماري ۽ موت ۾ آهي.“

سياڻي هنرمند لوهه ۾ ٻيا ڌاتو ملائي ان کي پائيدار بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. اها ڪوشش ڪامياب ته نه وئي پر لوهه جا گلاس روپ بدلائي ٽامي ۽ پتل ۾ تبديل ٿي ويا.

عيسيٰ جي اچڻ کان پندرهن سؤ سال پهريون سپارٽا جا ماڻهو پتل ۽ ٽامي جا گلاس استعمال ڪندا هيا. جيڪي ٽامي جا گلاس استعمال ڪندا هيا. انهن اعتراض ڪيو، ’جڏهن ملڪ ۾ اشتراڪيت آهي ته جنرلن کي پتل جي ۽ سپاهين کي ٽامي جي گلاسن ۾ ڇو ڏنو وڃي ٿو؟‘

انهن جي اهڙي احتجاج تي ڪين گرفتار ڪيو ويو. جن جيل مان ڀڄي پنهنجي الڳ فوج ٺاهي. جڏهن بحر مردار وٽ سپارٽين ۽ ايرانين ۾ جنگ لڳي ته سپارٽا جي ان باغي فوج ايرانين جو ساٿ ڏنو ۽ سپارٽا کي شڪست آئي. ايرانين سپارٽا جي باغي فوج جي سپهه سالار کي سونو گلاس انعام ۾ ڏنو. جيڪو ڏسي سپارٽا جا فوجي دنگ رهجي ويا. انهن ان کان اڳ سونو گلاس نه ڏٺو هيو. گلاس جي سونهن ۽ چمڪ ڏسي انهن ايراني حڪمران کي عرض ڪيو، ’اهڙا گلاس فوج جي سڀني سپاهين کي ڏنا وڃن.‘

ايرانين انهن کي سمجهايو.

”اهو ممڪن نه آهي. انعام ۾ ڪجهه سون جا ۽ باقي پتل جا گلاس ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.“

سپارٽا جي باغي فوجين ۾ پتل ۽ سون جا گلاس ورهايا ويا. سپارٽا جي فوجي اشتراڪيت ۾ هر شخص فوجي هوندو هيو. هر ملڪيت حڪومت جي هوندي هئي. ماڻهو گهرن ۾ نه پچائيندا هيا پر ڪاڏي وقت هڪ نغارو وڄائي اعلان ڪيو ويندو هو، ’ڪاڏو تيار آهي، سڀ ميس ۾ اچن.‘

سڀ شخص هر ويلي ميس ۾ ويندا هيا ۽ ٻارن سميت گڏجي کائيندا هيا. جڏهن ميس ۾ ڪجهه فوجي سون جي گلاسن ۽ باقي پتل جي گلاسن ۾ پي رهيا هيا ته هڪ فوجي جنهن جي ٻانهن ڪٽيل هئي، ان اعتراض ڪيو، ’اها اشتراڪيت جي توهين آهي. ايرانين اهڙا گلاس ورهائي، اسان سپارٽين کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.‘

هن جي ڳالهه تي هڪ فوجي جنرل ٺهڪ ڏيندي چيو، ”اشتراڪيت جو اهو مطلب نه آهي ته جيڪڏهن تنهنجي هڪ ٻانهن ڪٽيل آهي ته سڀني جون ٻانهون ڪٽيل هجن.“

ان بحث دوران هڪ مصلحت پسند سپاهي اٿي بيٺو ۽ ان موقعي تي مناسبت سان چيو، ”شڪر ڪيو ٽامي جي گلاس مان جان ڇٽي.“

ان جي اهڙي جملي تي سڀ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا ۽ سپارٽا هڪ دفعو وري فوجي بغاوت کان بچي ويو.

سون جا گلاس عام نه ٿي سگهيا پر چانديءَ جي گلاسن جو اهڙو دور آيو جيڪو ڪڏهن ختم نه ٿيو. ڪو وقت هيو جڏهن چاندي عزت جيان سستي هوندي هئي ۽ ان جو قدر نه هو، چون ٿا بازارون چانديءَ سان ڀريل هونديون هيون ۽ ماڻهو خريد ڪري نه ڪري پئسو ائين بچائيندا هيا جيئن عزت بچائيندا هجن. اهو مغلن جو دور هيو، جڏهن حڪمران هٿن سان ٽوپيون ٺاهي پيٽ گذر ڪندا هيا ۽ هروڀرو ٻڪ مرڻ جي ڪوشش ڪندا هيا ڇو جو حڪمران ڪاريگر نه هيا ۽ اهي ڏنگيون ڦڏيون غلط سبيل ٽوپيون بازار ۾ وڪڻ وارو ڪو به نه هيو.

هڪ حڪمران ڪوهه ڪوٽايا جيئن ڪيس شڪست اچي ته فوج سميت ڪوهن ۾ ٽپو ڏئي جان بچائي سگهجي.

ٻئي حڪمران وڻ پوکايا جيئن دشمن جون فوجون ڳولهينديون پويان اچن ته ٻيلي ۾ لڪي انهن جي نظرن کان اوجهل رهي سگهجي.

اڄ ڏينهن تائين دنيا سون جي دور کان محروم رهي آهي ڇو جو اهڙي دور اچڻ سان محروميون وڌي وينديون.

ماڻهو هڪ ٻئي تي حسد ڪندا ۽ پالڻهار کي دانهن ڏيندا، ”يارب، هن وٽ سون جا پنج گلاس، مان وٽ سون جا ٻه گلاس. اهو ڪٿان جو انصاف آهي؟“

اهوئي سبب آهي جو اڄڪلهه ڪاغذ جو دور آهي. ڪاغذ جا گلاس پلي رود تي اڇلائي ڇڏيو. نه پڇندا، نه ڪير ڪٽندو. جڏهن مان ننڍو هيس تڏهن به ڪاغذ جا گلاس هيا. ايوب جي دور ۾ مارشلا هڄڻ ڪري ڪاغذ جي ڪتابن تي ته بندش هئي پر ڪاغذ جي گلاسن تي نه هئي. اهوئي سبب آهي جو ڪاغذ جا گلاس ڪتابن جيان عام نه هيا. تن ڏينهن ٻئريج رود تي هڪ بازيگر جنهن جا وار ڪلهن تائين لڙڪندا هيا ۽ مضبوط جسم وارو هيو، پنهنجي زال سان گڏ ڪرتب ڏيکاريندو هيو. هڪ وڏو مجموعو چوڌاري مڙيل هوندو هيو ۽ وچ تي ٽيبل رکيل هوندي هئي جنهن تي ڊرم ۾ هيٺان ٻجيءَ وارو نلڪو لڳل هوندو هيو. ان ۾ ٿڌي چانهه پيل هوندي هئي ۽ پاسي سان ڪاغذ جا گلاس رکيل هوندا هيا. اهو زال کي ڏوليءَ ۾ ورهاري وارن سان ٻڌي مٿي ڪٽندو هيو. ان جي زال پالو هٿ ۾ جهليندي هئي ۽ اهو بازيگر پالي تي سينو رکي زور ڏئي ان کي ڇبو ڪري ڇڏيندو هيو. ڪرتب ڏيکاريندي بازيگر چوڌاري بيٺل ماڻهن کي زال جو تعارف ڪرائيندي چوندو هيو،

”اي مجموعي ۾ بيٺل جوانو، هن عورت جي عمر پنجاهه سال آهي. اها منهنجي ماءُ آهي. هن جي صحت ڏسي دوکو نه کائجو. ان جي صحت پويان هڪ راز آهي. ڪاڏي نه وڃجو ڇو جو مان توهان کي اهڙو راز ٻڌائڻ وارو آهيان.“

ماڻهو اهو راز ڄاڻڻ لاءِ پنهنجين جاين تي ڄمي بيهي رهندا هيا ۽ پوءِ اهو وري ڪرتب ڏيکاريندو هو. هڪ ڊگهي تلوار ڪٽي وات ۾ وجهي هيٺ لاهيندو هو ۽ باهه جي گولي تي ابتاسبتا ٽپا ڏيندو هو. اهو هر ڪرتب ڪانپوءِ ڊرم وٽ وڃي نلڪي مان ڪاغذ جي گلاس ۾ ٿڌي چانهه ڀري پيئندو هو. جڏهن سڀ ڪرتب ڏيکاري پورا ڪندو هو ته ٿڌي چانهه ڪاغذ جي گلاس ۾ ڀري هجوم کي مخاطب ٿيندو هو،

”منهنجي ۽ منهنجيءَ ماءُ جي صحت جو راز هيءَ ٿڌي چانهه آهي. هيءَ ٿڌي انڪري آهي جو هيءَ عام چانهه نه آهي پر خاص جڙي ٻوٽيءَ مان ٺهيل آهي. جنهن جي پيئڻ سان توهان جي صحت برقرار رهندي ۽ سڀ بيماريون ختم ٿي وينديون. هڪ دفعو ضرور آزمائيندا. هن جي قيمت آهي چار آنا... چار آنا.“

ماڻهو سندس ڳالهين جي سحر ۾ ڦاسي پوندا هيا. ڏسندي ئي ڏسندي ان جي چانهه وڪامي ويندي هئي. ماڻهو چانهه پئي ڪاغذ جا گلاس گهر کڻي ويندا هئا ۽ گهرن ۾ اهي گلاس ايستائين استعمال ٿيندا هيا جيستائين ڏنگا ڦڏا ٿي ميرا نه ٿي وڃن. مون به هڪ دفعي ان کان چانهه وٺي پيتي هئي. اها عام چانهه جهڙي هئي، جنهن کي ٿڌي رکڻ جو سبب شايد اهو هيو ته بازيگر ڪاٽين ۽ چيٽن جي جهنجهٽ کان بچڻ لاءِ ان کي ٿڌي حالت ۾ رکيو هو. چانهه پيئڻ ڪانپوءِ مان ان ڪاغذ جي گلاس کي سانڀي رکندو هوس. اهو اڇي رنگ جو خوبصورت گلاس هو جنهن تي ڪارٽون ٺهيل هئا. روز رات جو ان ۾ ڪير پيئندو هيس. هڪ دفعي اهو ننڍي ڀاءُ چورايو. مون کي ان رات شيشي جي گلاس ۾ ڪير پيئڻو پيو. جڏهن ننڍي ڀاءُ کي لڪي ڪاغذ جي گلاس ۾ ڪير پيئندي ڏٺم ته ٻنهي ۾ ويڙهه شروع ٿي وئي. ان ويڙهه جو نتيجو اهو نڪتو جو شيشي جو گلاس ڀڄي پيو ۽ ڪاغذ جو گلاس لتاڙجي ڪنهن ڪم جو نه رهيو. *(هلنڊڙ)*




# ماءُ

## انور شيخ

بسنت رت جي شروعات هئي. ٿر جي ڏورانهين هنڌ تي پٽُن جي پر ۾ ٻه ٽي چونئرا ٺهيل هيا. انساني ارتقا جي ٻي مرحلي ۾ جوڙيل اهي پناهه جا پڪا سنڌ جي هن حصي ۾ پنهنجي رهاڪن جي اکين جيان خشڪ، خالي ۽ ڏرا ڏئي ويل لڳي رهيا هئا. ڳوٺ جي چونئرن مان زندگي غائب هئي. پکن جا کي مالڪ امداد جي تلاش ۾ نڪري چڪا هئا ته کي ڪجهه عرصي لاءِ مرڳو ٽپڙ ئي ڪٽي لڏي ويا هئا سواءِ هڪ ٻن چونئرن جي جتي زندگي ڪنهن ڪنهن مهل هڪ سڏڪي جي صورت ۾ پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياري رهي هئي.

هڪ چونئري جي پر ۾ نبل ناسي رنگ جي ڪُتي ٻن ننڍڙن ڪمزور گلرن جي اڳيان خالي ٿڻَ حوالي ڪيون ويني هئي. ناسي ڪتي جي زبان ٻاهر نڪتل هئي جيڪا آهستي آهستي حرڪت ڪري رهي هئي. ننڍڙا گلر ور ور ماءُ جي ٿڻن کي چيچاڙي رهيا هئا. ناڪاميءَ کان پوءِ ٻئي گلر ڪنڌ واريءَ تي رکي سمهي ٿي پيا. ناسي ڪُتي ڪنڌ ورائي گلرن کي پئي ڏٺو. ۽ وري چونئرن جي درن ڏي پئي نهاريو. اميد ۽ نراسائيءَ جو اهو سلسلو ڪافي وقت کان جاري هيو.

علائقي ۾ ڏڪر جو ڏهڪاءُ جانورن توڙي انسانن تي پنهنجي طاقت ۽ توانائيءَ سان حملا آور هيو. ڪمزور ناسي ڪُتي آهسته آهسته اٿي چونئري جي در تي آئي. منڊي در کان اندر ڪيائين. چونئري جي اندر پٽ تي ڦاٿل پراڻي رلهيءَ مٿان ڪونج چئن مهينن جي پٽ سانوڻ کي هنج ۾ ڪنيو پنهنجا ٻئي اُرهَ واري سان هن جي وات ۾ ڏيئي، اُرهن کي زورَ ڏئي رهي هئي. ڪونج جي هٿن توڙي جو اُرهن کي مهٽي، مهٽي زخمي ڪري وڌو هيو. پر اهڙي ڊوهه ڊوهان جي نتيجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايترو ٿيڃ مس پئي نڪتو جيڪو مشڪل سان سانوڻ جي وات کي آلو پئي ڪري سگهيو. سانوڻ جي حياتيءَ لاءِ جيترو ٿيڃ ضروري هيو ان لاءِ ڪونج جا اُرهه خالي هئا. ڪونج جو مڙس ڪجهه ڏينهن کان امداد جي ڳولها ۾ ويل هو.

ڏڪر جي عذاب واري هن ماحول ۾ هر ڪو پنهنجي جان جيارڻ جي جستجوءَ ۾ هيو. بک ۽ پَيَو ماڻهوءَ جي احساسن کي قتل ڪري ڇڏيو هيو. ٿر ۾ فقط ڦٽڪي رهي هئي جبلت. جبلت جيڪا جيئڻ جي جستجوءَ ۾ هر اهو عمل ڪري رهي هئي جيڪو حرام، حلال، جائز، ناجائز ، رحم ۽ اصولن کان عاري هيو. نه ڪو آدرش هيو نه ئي ڪوئي احساس.

ناسي ڪتي ڪونج جي اکين ۾ نهاريو ڄڻ چوندي هجيس، ”اي آدم ذات، اي اشرف المخلوقات جي پڳ پاتل تُمندار، مون، سدائين اپرو سپرو گرنهه کائي سدائين تنهنجي چونئري جي چونڪي پئي ڏني آهي. اڄ منهنجا ٻچا بک وگهي مري رهيا آهن، عقل جي علمبردار نسل سان ناتو آهي تنهنجو. منهنجون منٿون ۽ رڙيون ته پونڪون ٻٽبيون، تون ته آواز جي راڻي آهين هر طرح جا سُرَ تو ۾ سمايل آهن. صبح جو اٿي جڏهن تون آيتون پڙهندي آهين، جڏهن رزق جي ذميدار جي واڪاڻ ڪندي آلاپ اچاريندي آهين ته تنهنجو مَدُرُ، پاڪ ۽ نج آواز ٻڌي منهنجو ڪنڌ به احترام ۾ جهڪي ويندو آهي. تون انسان آهين ڪجهه ڪر. آيتون اُچار، ڪو گيت ڳاءِ، رزق ڏيندڙ کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪجهه ته ڪر.“

ڪونج جنهن جي پُٽَ جي منهن تي موت لامارا ڏئي رهيو هو. ان جا چپ خشڪ هئا. ۽ ساٽائي ايتري جو روئڻ به هاڻي بند ٿي چڪو هيس. ڪيترن ڏينهن جي بک ڪونج جي جسم کي هيٺو ڪرڻ سان گڏ ان جي وجود مان ٿيڃ سُڪائي ڇڏي هئي. روزيءَ جي اٽاٽ اندر ۽ ٻاهر ساڳي هئي.

ناسي ڪتي ۽ ڪونج جي اکين ۾ وحشت، پئو، غصو ۽ غم ساڳي ئي مقدار ۾ موجود هئا. ٻئي مائرون ساڳيو ئي درد سيني ۾ سمايون هڪ ٻئي جي اکين ۾ نهاري رهيون هيون. هڪ جي اکين ۾ اميد ۽ التجا هئي ته ٻئي جو انساني ذهن ڪنهن سوچ کي سِٽي رهيو هو. سوچ، جيڪا ڪربناڪ هئي. ظالم هئي. احسان فراموش. ۽ خود غرض هئي. پر اها سوچ جيئڻ جي جبلت جي اصولن تي پوري ۽ پختي هئي. ڪونج ٻار کي پاسي تي رکي ڪبي هٿ کي پلئو ۾ لڪائي ناسي ڪُتي ڏانهن اڳتي وڌايو. ڪتي جلدي بند ٿيل لڪل هٿ ڏانهن ڪنهن آسري تحت وڌي ته ٻئي هٿ سان ڪونج پڪي سر ناسي ڪُتيءَ جي مٿي ۾ وهائي ڪڍي. ڪمزور ناسي ڪتي هلڪي چيڪ سان چونئري منجهه

ڪري پئي. ٻه ٽي ٻيا ڏڪ لڳڻ کان پوءِ ناسي ڪتي جنهن شئي جي تلاش ۾ چونئري اندر آئي هئي اها پاڻ ٻڏجي وئي.

ڪونج جي ٻڪايل ڪمزور وجود ۾ اڻ لکي توانائي اچي وئي. هُن اٿي جلدي جلدي وڏي ڪاتي ڪٽي ناسي ڪُتي جون ٻوٽيون ڪٽڻ شروع ڪيون. ٻاهه ٻاري ناسي ڪُتي جو گوشت پچائڻ لڳي. ٻار ڏي نهاريائين، جنهن جي وجود ۾ ساهه اڃا سُريو پئي. ڪونج ڪچي، پڪي گوشت جون ٻوٽيون کائڻ لڳي. اُن دوران هِڪَ پل لاءِ به هن جي ذهن ۾ اهو خيال نه آيو ته هو ڇا کائي رهي آهي. هن جي پوري سَرير ۾ اها سوچ سمايل هئي ته هوءَ جلد کان جلد پنهنجي وجود ۾ ان توانائي کي پيدا ڪري جنهن سان هُن جو سانوڻ بچي سگهي. هراسيل، ديوانگيءَ واري ان ڪيفيت ۾ هوءَ جلدي، جلدي کائي به رهي هئي ته پُٽ کي هنج ۾ جهلي اُرهن کي ٻالڪ جي وات ۾ وجهي زورَ به ڏئي رهي هئي. ڪافي دير اها ڪشمڪش ۽ ذهني پيڙا هلندي رهي. انساني جسم ڪا مشين ته نه آهي، جو هڪ طرف کان ڪا جنس وجهو ۽ ٻئي طرف کان ٻي صورت ۾ اها نڪري. ڪونج خدا ته نه هئي جو چوي، 'ٿيءُ' ۽ 'ٿي پوي'. هوءَ بلاشڪ تخليڪار هئي. پر هئي ته انسان نه!! جيڪو ڪجهه الله جي هٿ ۾ آهي اهو انسان جي وس ۾ ٿورو ئي آهي!! الله جا پنهنجا اصول آهن. ۽ انسان جا پنهنجا ارمان. بندو منشا ته ڪري سگهي ٿو پر مڃتا ته مالڪ جي هٿ ۾ آهي نه.

ڪافي دير جي ڪوشش ڪان پوءِ ٿڃ اُرهن مان اٿليو ته ننڍڙي سانوڻ جو ساهه ڪيرَ ڦُڙي جي ڇپن سان لڳڻ کان اڳ ماءُ کان ناراض ٿي نڪري ويو. ائين ئي جيئن ڪونج پاڻ پنهنجي ماءُ کان ڪا شئي نه ملڻ ڪري چونئري مان نڪري روئيندي پِٽُن تي پڄي ويندي هئي. ننڍڙو معصوم سانوڻ به ڪيترو عرصو روئيندو رهيو هو پر ماءُ کان موٽ نه ملڻ ڪري هن جو روح به رُسي پِٽُن تي چڙهي ويو.

سانوڻ جي ننڍڙي معصوم دل ۽ دماغ شايد اهو سوچي سگهڻ جي صلاحيت نه رکندو هجي ته جنهن انساني تخليڪار هُن کي جنم ڏنو. اها هڪ ٽري، بيوس، ٻڪايل ۽ اجاري عورت هئي. جنهن وٽ خوابن، گيتن، التجائن، خواهشن ۽ ارمانن کان سواءِ ڪجهه به نه هو. ڪونج سانوڻ کي ڏسندي رهي. ڳوڙهن جو بوندون سانوڻ جي وسڪاري جيان سانوڻ جي منهن تي وسنديون رهيون، هر ڳوڙهو معصوم سانوڻ کان ڄڻ معذرت ڪري رهيو هو.

ناسي ڪتي جي منڊي چونئري جي در وٽ پيل هئي، اکيون ائين کليل هيس ڄڻ ڪنهن جي اوني ۾ اٽڪيل هجن!! ڪونج ننڍڙي سانوڻ جو لاش سيني سان لڳائي ٻاهر نڪتي ته ٻه ننڍڙا ڪمزور گلر آهستي آهستي ٽيڙ ڪائيندا هلندي چونئري جي در پرسان اچي بيٺا. ٻنهي گلرن ڪونج ڏي ائين نهاريو ڄڻ پڇندا هجنس، "اسان جي ماءُ ڪاٿي آهي، اسان کي ڏاڍي بک لڳي آ."

ڪونج ڪمزور ٽيڙ ڪائيندڙ گلرن جي اکين ۾ ڏٺو. ۽ پوءِ ننڍڙي سانوڻ جي لاش کي هيٺ رکي در وٽ ويهي ٻنهي گلرن کي پنهنجي ٻنهي اُرهَن سان لڳائي ڇڏيو. در ڏانهن نهاريائين ته ناسي ڪُتيءَ جون اوني ۾ اٽڪيل اکيون ڄڻ اطمينان ڪندي بند ٿي ويون. ■

# ساڏ...



منظور ڪوهيار

دادن جي ٽڪريءَ تي پنگ جو پيالو هٽي، ڪڇيون گاريون ڏيندي ۽ وٺندي جڏهن جوا ڪيڏي رهيو هيو ته اوچتو نارو پئنچ آيو ۽ اوڏڪي ۾ٻڌايائينس، "ادا سوڍا، تڏا ٻا مرتي گيلاهي." پيءَ جي مرڻ جو ٻڌي ، هٿ مان تاس جا پتا ڇڏائي وچي پٽ پيس. مٺ جيترا ڪتيل روپئي روپئي جا مروڙيل سروڙيل نوٽ به ڪٽڻ وسري ويس. تيزيءَ سان ڪانهن جي ٿهيل اوڏڪن پڪن ڏانهن ٻرانگهون هنيائين ، سرڪي (پڪي) ۾ گهڙيو ته پيٽس ۽ جوٽس ، ٻين عورتن جي ياڪرن ۾ پار ڪدي روئي رهيون هيون. پٺهنس رامن خوف وچان ڪروندڙو ٿيو سُسيو ويٺو هيو. مکي هرچند پئنچن سان گڏ ڪچ ۾ ڪيسري پٽڪو ڪيون ويٺو هيو. ٻتيءَ جي جهيٽي روشنيءَ ۾ مکي ۽ پئنچن جون ٽاندي جهڙيون اکيون ۽ ڪنن جون سونيون ڪيوٽيون پئي چمڪيون. ڪاوڙ ۾ مکيءَ جو هڪ هٿ وڏي اچي سندس پڳڙيءَ ۾ پيو، "هائوڙي سوپا، تنهنجي ڪا ادا. پٺهين ته ايترو به ناهي سکيو، ته جنهن جا پيئر مردا آهن ، اهي پڳا ناهن پائيندا." مکي سندس پڳڙي لاهي سرڪيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ اڇلي ۽ پوءِ پنهنجي پڳ ان جي مٿان رکيائين . آهستي آهتي ڪنڊ ۾ پڳن، پٽڪين ۽ انگوڇن جو ڍير لڳي ويو.

"واڏڻ ڪٽي لاش ڪڇي ڇڏيو بابا، نه ته صبح سان وڏو ٿي ويندو." مکي اوڏڪو سونسو ڪندي رڙ ڪئي. وزيري پئنچ نئين واڻ جي نوڙي ڪدي لاش ڪڇي، اهو ٽڪرو ڪوڏر سان ڪپي لاش جي سرانديءَ ڪري رکيو.

"نارو، ڪاڏي ڪاڏي ماڻهو مڪا ٿو؟" مکيءَ نارو پئنچ کان پڇيو.

"مکي، باڊه وارن جيپڙوتن ڏي، مديجي وارن گڏاهين ڏي، ڳيريلي وارن گڙگتن ڏي." نارو ءَ وراڻيو.

"اڙي لاڙڪاڻي وارن ڪروڙن ڏي به ماڻهو ڪيو، ڏوڪريءَ وارن ڏيواتن کي به ٻڌايو. ڪنديارِي وارن ڪليهن ڏي به مُنجو ... پيٽان سوپو ساڏ هو، ڪو جهڙو تهڙو هو ڇا؟"

"جي مکي." ائين چئي نارو سرڪي مان ٻاهر نڪري ويو.

"هائو مکي، چئين سچ ٿو. سوپو مور هو مور. وڏي مڃتا هئي سوپي جي بابا. اوڏ ته ڇڏيو، گوچا (مسلمان) به فيصلن ۾ امين وارينداهيس." ائين چئي هڪ همراه روئڻ ۾ اچي ڇٽڪيو.

"پائي، ڪو جهڙو تهڙو ساڏ هو ڇا؟ پيڙهياتو هو پيڙها تو اڙي ادا اڄ هرچند اڪيلو ٿي پيو." مکي هرچند جو هيانءُ پرجي آيو ، نڙيءَ ۾ ڪانگهارو اٽڪي پيس. هن زور سان ڪدي ٻاهر اڇليو ، ڪانگهارو نڙيءَ مان نڪتو ته ڪنڌيءَ جي ڪانن کي چنبڙي پيو.

"بس پائي، جنهن جو هتي به گپ ته، اُتي به." ٻي

ڪراڙي اوڏ ٽڌو ساهه ڪٽي گوڏ جي پلئه سان نڪ جو ريشو اُگهندي چيو.

"کهڙي بات ڪجي سوپي ساڏ جي پائي. آنڌي مانجهي ، ٽڌي ڪوسي، مَرُ جيءُ ۾ جاڏي هڪليس ته گوهي نه ڪندو. ڪچهري ۾ چوندو ٻه اکر، پر نبيري وارا. اوڏڪي ڪَل جو لال هو پائي. تڏهن ته پڳوان گهر پري ڇڏيس. اهڙا پلا گڏه جو ڪنهن جي سرڪي ۾ نه، اهڙي سيبتي ننهن جو ويڙها ڳولهه ته نه لبي. پر پٽنهس ۾ اها مٽيا ڪونه. بس ڏٽي اڳنان مت ڏيندس." وزيري پئنچ جي اها ڊيگهه، سوڍي کي ائين لڳي ڄڻ لوسي گڏهه بي مهلي هينگ ڪئي هجي. هن اندر ۾ ڪَٿ ڪائيندي چيو، "وزيرا، جي پيءُ مئل نه هجي ها، ته اڄ پٽڪو ڏوڙ ۾ روليانءِ ها. پوءِ جيڪي ٿئي ها ڏٺو وڃي ها."

هوا جي جهوٽي تي اچي چادر جو پلئه ورَ ورَ لاش مٿان ڪڇي پئي ويو، جنهن کي ماڻهن هر هر ٺاهي پئي وڌو . سوڍي پيءَ جي لاش کي اچرج وچان پئي ڏٺو. ڄڻ ڪيس يقين ئي نه پئي آيو، ته واقعي سندس پيءَ مري ويو آهي يا ڌرتيءَ تي نئون سنئون ٿيو ڇهند ڪيون ستو پيو آهي. هن پڪ ڪرڻ خاطر، جيئن ئي پيءَ جي لاش مٿان چادر هٽائي ته پٺهس جون ٻوٽيل اکيون ۽ بند ٽيل ساهه ڪيس جهنجهوڙي وڌو. بي اختيار 'بابا، بابا.' چوندي سندس بي رخين اکين مان پاڻي ائين ٻنپ ڏئي ٻاهر آيو، ڄڻ ڪوهه ڪوٽيندي، ٻر ۾ ڪوڏر جو لپو لڳي ويو هجي.

"بس منهنجا لال بس، اڙي بس." مکي هر چند ڪٽي سيني سان لاتس، هڏڪين ۽ سڏڪن ۾ مکي کي ننڍڙي ٻار جيان چنبڙي پيو.

"هين پيٽان گاڙا (گڏهه) رنن وانگر ٿو روئين؟ اڙي مڙس ٿيءُ. اڳتي زندگيءَ جو بار ڪيئن ڍوئيندي؟" آرام سان سمجهائيندي، مکي تڏي تي ويهاريس.

رات جي پيٽ ۾ الائي ڪٿان ڪٿان اوڏڪو راڄ 'ڄام پور' ۾ ڪهي آيو، جن سوپي جون ڳالهيون ۽ ڳڻ ڳائيندي ساري رات اکين ۾ ڪاٽي ڇڏي.

ماڻهو بيهي هٿ مٿي ڪري، ايڏي گهري، ٻه هٿ موڪري، پنج هٿ ڊگهي قبر تيار ٿي وئي. ڪچڙي منجهند جو سوپو سينگارجي گهران ٽٽري (ارٿي) تي ڍونڊڪارن ۽ اوچنگارن ۾ ڪڍيو ته مکي ماڻهن کي جهليو، "پائي نه روئو، پنهنجي ڌرتي ماتا ڏي ٿووڃي ، متان ماتا ڪاوڙجي ڪيس پيڙي نه."

سوپي جو لاش ڏاڍي ڌيرج ۽ آهستگيءَ سان قبر ۾ رکيل نئين رلهيءَ تي لاٿو ويو. مٿان چادر جهلي مٿي آهستي آهستي ريڙهي وئي ۽ پوءِ ڌرتي ڪيس ائين ڍڪي ڇڏيو، جيئن ماءُ پنهنجي ٻار کي ڪپڙي جي پلئه سان ڍڪي ڇڏيندي آهي.

امر لٿ ڪانپوءِ ڪانڌين ڪانڌپو ڪائي بس ڪيو، ته

سوڍي کي مٿن وهنجاري سنهجاري، ٿاهي ٽڪي وٺي وچ تڏي تي ويهاريو. مکي پئنچن ۽ چڱن مڙسن کيس راڄ اڳيان ور ڏئي نئين پڳ ٻڌائي. هرچند مکيءَ جي حيثيت سان کيس نصيحت ڪئي ، ”پُٽ سوڍا، تونجو پيءُ اوڏان ويو، جاڏي سڀ کو ويندو آ. اڄ گهر جو وڏو تون آ. راڄ ۾ اُٺي ويٺي تو کي ڪرڻي آ. هاڻي تون اهو ناهين جو ٻاراڻيون ڪرين ۽ راڄ سهي.“

سوڍي کي مکيءَ جي نصيحت ائين پئي لڳي، ڄڻ راڄ اڳيان کيس هٿ وٺي ٻڄڙو ڪندو هجي. پيڻيوي راول ، جڏهن اوڏکي رسم مطابق گڏهه جا آٽر آٽي هٿن تي رکيس، ته هن کي ائين لڳو ڄڻ سنئون سڌو چيو هجائينس، ته هاڻي هو ننڍڙو ڪوتڙو ناهي، جيڪو زماني جي بارن کان آجو پستيءَ تي پستي ڏيندو وتي. هاڻي هن کي پڙ گڏهه جيان زماني جا ٻورا ڍوئڻا آهن. ان سمئہ پيءُ جي هڪ هڪ ڳالهه ياد پوندي ويس، ته پٺهنس هوندي کيس ڪنهن ڳالهه جي ڳڻتي ئي ڪونه هئي. هن ته ماءُ مئي به پاڻ کي ڇورو نه سمجهيو هيو، پر هاڻ پاڻ کي ٻي واهو ٿي سمجهيائين. جنهن کي هر ڪنهن واڏائي ڇيو هو، ته هاڻي ڪوئي به ڪونهي جيڪو سندس ڪَئي جا ڏنب پري يا ڇَل ڪپٽ اکين تي رکي. اهڙيون ڳالهيون ذهن تي رکندو ويو ته اکيون پنل لئي جون ٿاريون ٿي ٽمڻ شروع ٿي ويس. جن کي انگوڇي جي پلئہ سان هر هر پئي اُگهيائين.

مکي، پئنچ ۽ راڄ جا ماڻهو ، پنهنجا لٽل پٽڪا، پٽڪيون ، انگوڇا ڇنڊي ڦوڪي مٿن سان ٻڌي ڇڪا. سڄي رات ۽ ڏينهن جي اوجاڳي ۽ ٿڪ ڪري گهر آرام ڪرڻ واسطي موڪلائڻ لاءِ آتا هيا. هن اُٿي ، ويٺل نڙيءَ سان سڄي راڄ کي ڪرٽين جو ٻڌايو، ”پائي، ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ ڪرٽين جو ٻڌو هجيوَ.“ راڄ وارا ڪرٽين واري ايندڙ وار جو حساب آگرين تي ڪندا اُٿي ويا.

ڪرٽين واري ڏينهن تي، جڏهن نياڻين سياڻين ڏاڳي ٻڌل ڪوري دکيءَ مٿان رکيل ماني ڪائي، ٻچايل ٽڪر ۽ جل دان ڪري سوڀي جي قبر طرف اڇلايا، ته براهمڻ شنڪر لال سوڍي کي ٻڌايو، ”پائي، هاڻي تنهنجو برت پورو ٿيو.“

هن اڃا مانيءَ جو گره پڄي گيهه ۽ مٺائي ۾ ٻوڙي وات ۾ پئي وڌو ته مکي پڇيس، ”پائي، ڪرٽيون ته خير سان ٿي ويون، هاڻي سکو ڏاڙ ڪڏهن ڪندين؟“ هن کي لڳو ڄڻ مکي کيس ساهي پٽڻ نه ڏيندو. هو اڃا ويچارن ۾ هيو ته ڪهڙو جواب ڏي، ته مکي لفظن جون وري ٻيون سونٽيون وهائي ڪڍيس، ”سوڍا، هتي گهڻا پٺهين جي وهي وارا وينا ٿي، جنهن کان وٺئي، تنهن کان پڇ ته ڏاڏنهن جيئل جي ڪرٽين جي ٻي ڏينهن تي سوڀو جيءَ چڙهيو ته مٿان پتا جي آتما کي ان ۽ جل جو دان نه ملي . تون ٻڌاءِ، پنهنجي پيءُ جي آتما کي گهڻا ڏينهن ترسائيندي. مهينو اڌ، سال يا سدائين لاءِ؟“

سوڍو سمجهي ويو ته مکي سندس اندر جي گدڙ کي سڃاڻي ورتو آهي، هاڻي کيس سڄي راڄ ۾ ڏنو پئي ڪيائين. سوڍي جنهن سڄي عمر رڍيءَ ۾ گذاري هئي،تنهن مکيءَ کي مند جي ٻڌائڻ ۾ دير ئي نه ڪئي، ”هونهہ بار گڏهه تي چنگهي ڪوتي. مکي، ساڏن جا پٽ ساڌ ٿيندا ڪو تنهنجا يا چورن جا ته نه ٿيندا. هفتي ڪانپوءِ پلي مهاراج گهرائي سکو ڏاڙ ڪريو.“

مکي اهو سوچي کيس ڪا ورندي نه ڏني ته گپ سان نه ڏوئبي آ. جي وارو ڏنو ٿئين، ته لٽ وهائي ڪڍجيس ته پاڻهين سڌو ٿي ويندو. هن مهاراج شنڪر لال سان سس پس ڪري هڪدم صلاح ڪري ورتي. پوءِ مکي هرچند وڏي واڪي ويٺل راڄ کي ٻڌايو، ”ٻڌو هجيو پائي. آرتوار آتوار اٺ، نائون سوموار، ڏهون منگل وار... منگل وار تي سکو ڏاڙ ٿيندي.“

*

سکو ڏاڙي واري ڏينهن تي سوڍي جي سَرڪي ۾ تر ڇٽڻ جيتري جاءِ به ڪونه هئي. جنهن ٻڌو هيو، سو آيو. ڪو سڏ تي ڪو بي سڏيو رونشي خاطر. سرڪيءَ جي اڳڻ تي پپر جي وڻ هيٺان بالڪل وچتي مکي هرچند سوڍو، مهاراج شنڪر لال ۽ ڪجهه پئنچ پلٿيون هنيون وينا هيا. مهاراج شنڪر لال اوڏن جي ڌرمي ڏاڏي ’پاڳيرث‘ جي ڪٿائن سان راڄ ريجهايون ويٺو هيو.

”سائين ڪانن جي نئين مڙهي تيار آ.“ وزيري پئنچ سرڪي ۾ گهڙندي مهاراج شنڪر لال جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو.

”هر شيءِ تيار ڪري رکي اٿو؟ ڪانن جو پڃرو، جل پريل دلو، پرساد ۽ چئومکي واري ٿالهي؟“ مهاراج پڇيو.

”هر شئين تيار آ.“ وزيري پئنچ وراڻيو.

”بس ته پوءِ اُٿو.“ مهاراج شنڪر لال سين کي اُٿڻ جو اشارو ڪيو. مڙهيءَ ۾ گهرڻ کان اڳ، سوڍي ۽ شنڪر لال جدا جدا اشنان ڪري، پنهنجي پنهنجي ڍنگ جا ڪپڙا پهريا. ڪانن جي مڙهيءَ اندر مهاراج شنڪر لال ۽ سوڍو گهريا، باقي سڄوراڄ، مکي ۽ پئنچن سان گڏ ٻاهر بيٺو رهيو.

سوڍو انگوڇي جو گهونگهٽ هنيون ، مهاراج شنڪر لال اڳيان، نئين نويلي ڪنوار جيان ڪنڌ جهڪايون ويٺو هيو. مهاراج منتر ۽ اشلوڪ پئي پڙهيا. سوڍي ائين پئي پاسيو ڄڻ مهاراج کيس هڪ نه سمجهندڙ دنيا ۾ پٽيون ڪنيون پئي ويو. انهيءَ ڪري کيس هڪ عجيب قسم جي آسيس ۽ آنند پئي آيو. جڏهن مهاراج منتر پڙهي پورا ڪيا، ته هن ٻن پتل وارين ٿالهين کي جيڪي مڙهيءَ جي ڪنڌ ۾ رکيل هيون، سوري وچ تي ڪيو. هڪ ٿالهيءَ ۾ ڪوپرو ، ڇونهارا ۽ پرساد پيل هيو. ٻي ٿالهيءَ جي وچ تي اٽي جو چومکو ٻري رهيو هيو. پاسن کان اٽي جا ٻه چاٽا پيا هيا. هن هڪڙو بوتو ڪٽڪ جي اٽي مان ۽ ٻيو مگن جي اٽي مان ٺاهيو. ٻنهي بوتن جي نرڙ تي سندور جو ڳاڙهو ٽڪو ڪدي، پوءِ سوڍي کان پڇڻ لڳو،

”پائي سوڍا مل، تون مري ويل ساڌ سوڀي جي جيءَ چڙهين ٿو؟“

”جي مهراج.“ سوڍي آهستگيءَ سان وراڻيو.

”ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار ڪان پاسو ڪندين؟“

”ها، مهراج.“

”آسري گڻن، پاکنڊ، گهمنڊ، ايمان، ڪروڌ، ڪٺورتا ۽ اگيان جي اوڏو نه ويندين؟“

”نه.“

”هميشہ سچ کي پنهنجو ڌرم سمجهندين؟“

”ها، مهراج.“

”سوڍا جي تون پنهنجي وچن جو پالن نه ڪيو، ته پوءِ تو کي ڪشٽ ڀوڳڻا پوندا. تنهجي پوجيہ پتا جي آتما رلي ويندي. تنهنجي ڪئي جي ڀو ڳنا ، تنهجو ابهم ڀو ڳيندو . تنهنجو پريڻام اهو ٿيندو جو تون اڳلي جنم ۾ ڪتي جي پيٽ ۾ ڪينئين جي صورت ۾ پيدا ٿيندين“

مهاراج شنڪر لال جون ٻي سريون ڳالهيون ٻڌي سوڍي کي هيڪر جوجڪي آئي، ته چئي ڏيس، ”ڪڻ پنهنجو ساڌپو، مان هي ٿو وڃانءِ. اهڙو سون ئي ٻَن، جو ڪن ڇني.“ پر چئي نه سگهيو جو اهو به سوچيائين پئي، ته جيڪو ٻڌندو سو ڪلندو ۽ سڄي عمر ماڻهن کي منهن ڏيکارڻ جهڙو نه رهندو.

مهاراج شنڪرلال ديوين ۽ ديوتائن جون ڪٿائون ٻڌائيندي آخر ۾ سُر سان نصيحت ڪندي چيس، ”سوڍا اڄ ڪانوئي تون سچ جي ٻيڙي تي سوار آن. سچ جي ٻيڙي لڏندي آ ، پر ٻڏندي ڪونهي . ڀڳوان جي پيارن کي ڪٺنائيون پيون ايندون آهن؛ جيڪو ان مان پار پيو، تنهن ڪٽيو.“

مهاراج جون اهڙيون سپاويڪ ۽ وڻندڙ ڳالهيون ٻڌي ، سوڍي جو اندر مانار ۾ اچي ويو. هن پڪو پهه ڪري ڇڏيو ته جي ڪلهو ڏنو آ ته توڙ نپائبي. پر پيءُ جي آتما نه رولبي. نه پاڻ اڳلي جنم ۾ ڪتي جو ڪينئون ٿيندو ۽ نه وري پنهنجي ڪرمن جو ڪڙو ڦل رامن کي کارائيندو.

مهاراج وري اشلوڪ ۽ منتر پڙهندي ٿالهيءَ مان ٻه بوتا ڪٽي مڙهيءَ جي ڪنڊ ۾ رکيل ڪانن جي پڃري ۾ وڌا . پوءِ جڏهن پرساد جي ٿالهيءَ سان گڏ سوڍي کي وٺي مڙهيءَ مان ٻاهر نڪتو ته پرساد ورهائجڻ وقت مهاراج کي اوڏکي راڄ جي هٿن جو گهيرو ٿي ويو، جيڪي ڪانئس پرساد وٺي نه ڄڻ ڦري رهيا هيا؛ گڏو گڏ سوڍي کي واڌايون به ڏئي رهيا هيا:

”واڌايون سوڍا، واڌايون پائي... وا- ڌا- يون.“

واڌاين جي مڌر آوازن تي سوڍو اندران ئي اندران ٻلوان ٿيندو پئي ويو . کيس وشواس ايندو پئي ويو، ته هاڻي هو اڳيون پاڪنڊي ، ٺڳ ۽ چور ناهي رهيو. هاڻي سندس اندر مان هڪ نئين سوڍي جنم ورتو آهي، جيڪو سچو، ڌرمي ۽ ديوتائن جو ماڻهو آهي. هن جو پاڻمرادو ڪنڌ جهڪي ويو هو. نظرون هيٺ زمين ۾ کپي ويس . کميا ۽ ڌيرج سان پئي هليو. هر ننڍي وڏي اڳيان پئي جهڪيو. هن کي ڏسندي مکي هرچند کي ته ڄڻ يقين ئي نه پئي آيو، ته ڪڏهن پاپي شخص جي به ڪا ائين ڪايا پلٽبي آهي.

هفتي اندر نه صرف مکي، پر پئنچ به اچرج ۾ اچي ويا . جڏهن وزيري پئنچ جهڙي مخالف ، جنهن کي اڳ سوڍو ڏٺي نه وڻندو هيو، تنهن به پئنچن جي ڪچهريءَ ۾ سوڍي جي ساراهه پئي ڪئي، ”مان کي هاڻي لڳي ٿو ته سوڍو ، سوڀي جو پٽ آ، نه ته ڀڳوان ٿو ڄاڻي اڳي شڪ هو.“

نارو پئنچ جنهن ويٺي چلم پئي ڇڪي،اوچتو نڙ هٿ مان ڇڏائجي هيٺ ڪري پيس. ”اهو وري ڪيئن؟“ نارو پئنچ پٽ تان نڙ ڪڻندي وزيري کان حيرت مان پڇيو.

”ڪلهه ڪو سوڍي سان وڏيري خان محمد جو ڪمدار خيرو واٽ تي گڏيو ، ته چيائينس هزار سوا ڪانو ڪَڙ ڪدائڻي آ، تنهان اوڏن ۾ ڪهڙو هوشيار آ، جو ڪم جود ۾ ڪرائي ڏي، ته مانجو نالو ڪنيائين...

اچئي ٿي پت؟“

”تون چوين ٿو ته پت اچي ٿي، نه ته تنهنجو نالو وٺندي ته ڪُتڙيون چڙهنديون هيس. اڳي ته تنهنجا ٺهيل ڪم به ڊاهيندو هيو.“ نارو پئنچ عجب مان وراڻيو.

”چڱو ٿيو پائي، پلي پلي پاڻ آئي، سا به نه چئبو پلي.“ مکي سک جو گهرو ساهه کڻندي چيو.

”پر اجا ته پاڻي به ناهي پيتي، مکي. اڳتي ڏسجي ته کهڙا ٿو ڪلياڻ ڪري؟“ نارو ڪي اجا به ڳڻتي هئي، ته سوڍو کهڙي مهل به بلٽ ڪائي سگهي ٿو.

اهو چئوٻول نه صرف چئن چڱن جي ڪچهريءَ ۾، پر ڳوٺ ۾ ممدي عارباڻيءَ جي چانهه جي مانڊڙيءَ تي به لڳو پيو هيو. سندس سيئي ڏٺل وائٺل ۽ جهُٽ حيران هيا، ته سوڍو جيڪو پهرئين درجي جو ڪوڙو، قسمي، جواري، چور، ٺڳ ۽ اوڙي پاڙي جي ننگن جو دشمن هيو، سو ڪيئن ساڌ ٿي ويو؟ جيترا وات اوتريون ڳالهيون هيون، ته اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته ’جوَ ڍيري گڏهه رکپال‘ جڻ ڪنهن کان به صحيح نموني جو ڪوڙو ئي نه پئي لڳو. سيتل جيڪو اِير ڪا جي آنچ ۾ جلي رهيو هيو، تنهن پڙڪو ڪاڏو، ”ماڻهو ڪجهه به چون، پر مان کي ڳالهه دل سان لڳي ئي نٿي ته سوڍو ۽ ساڌ؟ ساڌ ٿيڻ ڪو يوڳ يا مشڪري آ چا؟ مکڻ سيخ پڇائڻو آ، مکڻ سيخ! مڙيئي مکي سکو ڏاڙ جي رشم ڪرائي، گڏهه جي مٿان گهوڙي جا سنج رکايا هن.“

”تون چو ٿو اَرهو ٿئين؟ جنهن کي ڏٺي سمڪ ڏي ته دير ئي ڪانهي.“ شهزادو اوڏ جيڪو سوڍي جي ساڌ ٿيڻ تي سرهو ۽ سنتوش ٿيو وينو هيو، تنهن ورندي ڏنس.

”مان ارهو نٿو ٿيان، پر سچ ٿو چوان. سڄي جڳ کي خبر آ ته ٽيون ورهيه، مانجو گڏه لغڙي چوري ٿي وڃي پار واري قرآني حاجي ڪوڙي کي پهتو. خبر پاڻ کي ٿي ته حاجي ڪوڙي وٽ گڏهه پهتو ته ڄڻ واڳو جي ور چڙهي ويو. گڏهه ته نه موٽيو پر اها خبر پئي، ته چور سوڍو آ. غلامو دايو ۽ ممو ڪنير جهڙا حرامي ڪاٽڪو رُوبڪا بيهاريا مانس ته به نه باسيائين. اڙي، ديوي جي ٿانَ جو قسم پئچائت اڳيان ڏنو مانس، ته به ڏڙڪ ئي نه ٿيس. تون الائي ڇا ٿو ڳالهائين؟“ سيتل سگريٽ دکائي مُٺ تي ڪچ هٽي وري نڙيءَ تي زور ڏنو، ”هيڏي شهزادا، هي سيئي ٻڌني ٿا. ٻه ٽي ڏينهن ٻيا گذرڻ ڏي، جي سوڍو اجا ٻه هٽ وڏيڪ حرامي نه نڪري ته مانجا شهپر مُٺ سان ڪوڙجانءِ.“ مانڊڙيءَ تي وينل سيئي کلڻ لڳا، ته شهزادي جو ماتا وارو چچريل چهرو ويتر پوائتو ٿي ويو. سيتل جي ڳالهه نرڙ تي گهنڊ وجهي چڏيس ۽ هو سوچڻ لڳو، ’جي سوڍو اجا حرامي نڪتو ته پوءِ هن جي نند ته جائي حرام ٿي وئي. هن کي وري پنهنجي جوءِ لاڏڪي پٺيان لڪي لڪي ڪڊ لڳڻو پوندو.‘ هن دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو ته ’هاڻي جي ڪيس ٻئي ڪنهن واهه جي گهير ۾ ٻٽ هٽ اچي يا، ته اوڏڪي رسم ڀيج (طلاق) جو نه سوچيندو. سنئون سڌو ٻروچن وانگر ٻنهي کي ڳيا ڳيا ڪري ڪهاڙي لوڏيندو وڃي ٿاڻي تي پيش پوندو.‘ اهڙو تصور ڪيائين ته ڏڪي ويو. تڙ تڪڙ ۾ ڪوسي چانهه جو ڍُڪ هنيائين ته خيال مٽ ٿي ويس، ته ٻي رُخ سان سوچڻ لڳو، ’لاڏڪي ڪجهه به صَحي، پر سندس سرڪيءَ جي سونهن آ. سڄي راڄ ۾ ڪو سندس پير جي پُنيءَ مَٽُ به ڪونهي، تڏهن ٿو هر ڪو سڙي. سيتل ته اڳ ۾ پنهنجي ڦِنجهي جوءِ سنيالي ۽ پوءِ ٻين ڏي اُچل ڏي.‘

هن جڪون ڪائيندي سيتل کي آخرڪار ٺاهوڪي موٽ ڏني، ”سچ آ ادا، ته ڪتو ڪتي کي ناهي سهندو. هاڻ سوڍو ٿيو آ ساڌ، ته توکي هيانءَ ۾ ڦٽ ٿي پيا آهن.“

”پوءِ رک پلا شرط سياڻي آزمايونس. جي هوندو ساڌ ته اڳيون پويون سچيون ڪندو. نه ته اڳي وانگر قسم ائين رهڙي ويندو. جيئن ٻَرو ٻڪر سگر ڪائي وڃي، ڪيئن ممدا؟“ ممدو جيڪو چانهه کي ململ جي ميرانجهڙي ڪپڙي سان ڇاڻي ڪوپن ۾ وجهي رهيو هيو، سيتل تنهنجو ڏيان ڇڪائيندي چيو.

”ٿي وڃي شهزادا.“ ممدي ٻين ويٺلن گراهڪن کي اک هڻندي، شرارتي انداز سان شهزادي کي ٽيڪر ڏني. شهزادي ٽيڪرن کي سمجهندي به سيتل سان سئو روپين جي شرط لڳائي ڇڏي. چو ته ڪيس اها پڪ ڪرڻي هئي، ته سوڍو واقعي ساڌ ٿي ويو آهي يا اجا ڦند ڦيراٽس. جي اٽس ته پوءِ لاڏڪي سان وري اونئن ئي وهنوار رکي.

صبوح جو سج نه اُڀريو ته سوڍي کي سَرڪي ٻاهران سڏ ٿيو. سوڍو، ’رام نام ست هئي.‘ چوندو ٻاهر نڪتو. ڏٺائين ته سيتل، شهزادو ۽ ممدو بيٺا آهن. هن سيني کي وڏي وجي نوڙت سان هٿ ڏيندي چيو، ’پائي، حڪم؟‘

”حڪم خيرا چا، حوال پوڇ“ سيتل اوڏڪي ۾وراڻيو. سوڍو سمجهي ويو ته ڳالهه ڪا ڏکيرڙي آهي. هن سين کي سڏي اڳڻ ۾ کٽ تي ويهاري پڇيو، ”ڏي ادا حوال، جيءُ.“

”حوال خيرا، چي سوڍا، توکي ياد آ ته مانجو لغڙي گڏهه چوري ٿي ويو هو. توکي شڪ ۾ ساک به ڏني هيم. پر پڳوان ٿو ڄاڻي مانجو دلئون شڪ نه ويو هو. هاڻي جڏهن کان تون ٿيو آ ساڌ، ته تنهنجي زبان تي ايتبار آ. رڳو هڪڙو دفعو ساڌڪي زبان سان چئه ته تونجو چوري ۾ هٿ نه هو ته هي ٻئي جڻا ٻڌن ٿا، ته مان پوري جندگاني شڪ جو لئوظ به نه آڻيندس. توسان گڏياسي، ٻيو مڙيئي خير.“

سوڍي کي ڊِڪر چڙهي ويا. کي گهڙيون ته اندر جي ساڌ ۽ چور جي ڪشمڪش هلي. پر پوءِ مهاراج شنڪر لال جي نصيحت ياد آيس، ته سچ واري جي ٻيڙي لڏندي آهي پر ٻڏندي ڪونهي. نيٺ ڪوڙ جي پئنور ۾ قاتل سندس اندر جو ساڌ ٿاڦوڙا هڻندو اچي سچ جي ساحل تي رسيو.

”گهرجي به خير پائي، مان ڏوهي“ سوڍي شرمساري منجهان ڪنڌ جهڪائي پنهنجو ڏوهه مڃيندي وراڻيو.

”ساڌ، پاڻ نبيريندي يا پئنچائت؟“ سيتل هڪدم سوال ڪيس.

”واڙ مان جيڪو گڏهه وٺئي، سو وجي ڪاهه.“ سوڍي اتي جو اتي پاڻ فيصلو ڪندي چيو ته مٿان ڳالهه وائرجي ۽ بدنامي ٿئي.

سيتل دير ئي نه ڪئي، اهو سوچي ته زبان آ آلو لڪڻ مٿان پوءِ سوڍو ڦري وڃي. ڊِڪي وڃي واڙ مان پلوڙ گڏهه ڪڍي آيو ۽ سوڍي جي هيانو تي مڱ ڏريندو هليو ويو. سوڍي جي زال لَکان، سرڪيءَ جي وٿين مان سڄو تماشو پئي ڏنو ۽ ٻڌو. جڏهن سوڍو سرڪي ۾ اندر آيو ته پڪ خاطر پڇيائينس، ”ڳالهه ڇا هئي؟“ سوڍي ٿڌو ساهه کڻي سڄي ڳالهه، سچي ڪري ٻڌايس. لکان کي پهريون دفعو ويساهه آيو، ته سوڍو سچ به ڳالهائي سگهي ٿو.

ممدي عارباڻيءَ جي مانڊڙيءَ تي ڄڻ ميلو لڳي ويو. جنهن ٻڌو هو، تنهن کي ڏنڊين آڱريون هيون. سيتل ۽ شهزادو خوشيءَ ۾ ڪٽي نٽي ماپيا. اهڙي ڳالهه جو ٻنهي پائرن درشن ۽ ٻيلي ٻڌي ته دير ئي نه ڪيائون، ڊڳ پڄندا اچي سوڍي جي سرڪيءَ ۾ پهتا. هنن کي ڏسندي سوڍي جو هيانءَ ڪاڄي ويو. پر دل ٻڌي مُک تي ساڌڪي مرڪ سجائيندي کين ڪيڪاريائين، ”پائي، جي ڪيانَو.“

”اسان کي خبر پئي آ، ته هاڻي تون سچو ساڌ ٿي ويو آن؟“ ٻيلي اٿندي سوال ڪيس ته پاڻس درشن وري ٽيڪر وارو جواب ڏنس، ”چو نه ٿيندو سچو ساڌ ٻيلا، پت ته نيٺ ٻٽيات تي ويندي آهي يا نه؟“

”جيئن سمجهو پائي“ سوڍي نهٺائيءَ سان جواب ڏنو.

”اسان تڏهن سمجهئون جڏهن اسان کي به پنهنجو حق ڏين.“ ٻيلي هاڻي سنئين سڌي ٻه هٽياڙي ڪري لفظن جي منهائين هنيس.

”ڪهڙو حق پائي؟“ سوڍي سمجهندي به، نه سمجهڻ واري انداز ۾ پڇيس.

”ياد ڪر اُتر، جيڪو دينا داستي ڪائي ويو هئين، ٻيو ڪهڙو؟“ ٻيلي ٿورو تِکو ٿيندي ياد ڏياريس. هونئن ته هن کي سڀ ڪجهه ياد هيو، ته گڏهن جي سوڍي ۾ هن اُتر ڏيڻو ڪيو هيو. پر پوءِ اڳتي هلي اتر کان آڱوٺو ڪڍي ڏنو هيائين. هن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته پري ڏي يا انڪار ڪري. انڪار ڪرڻ لاءِ گنجائش ڪو نه هئي، جو مهاراج سان ٿيل وچن جو پالن پئي ياد آيس. پري ڏيڻ لاءِ اندر جو گهمنڊي سوڍو پٽ لڳو بيٺو هيو، جنهن کي اورانگهڻ ڏکيو پئي لڳس. هن همٿ ڪري گهمنڊ ۽ اهنڪار واري پٽ اورانگهي ته زبان ڏوهه باسي ويني، ”ها، پائي، ياد آيو.“ ائين چئي سرڪيءَ ڏانهن پڳو، پيءَ جي ڪاٺ واري صندوق کولي ٻه هزار روپيا ڳڻي اچي ٻيلي جي هٿ تي رکيائين. گهر وريو ته وري به لکان پُڇ پُڇ ڪيس، جواب ۾ هن پنهنجي چل ڪپٽ جي ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌايس. لکان کي هاڻي سوڍي تي روپئي جو روپيو ويساه ٿي ويو، ته سوڍو اهو ناهي رهيو، جيڪو ڪوڙن جو گهڙيل هوندو هيو. هاڻ جيڪو به پڇبس ته ڏڏڙ ۾ پير نه هڻندو، سنئون سڌو سچ ڳالهائيندو. لکان اها ڳالهه دل ۾ رکي خاموش ٿي وئي.

رات جو لکان گهر جا اوکا پوکا لاهي پنهنجي پٽ رامن کي ٻي کٽ تي سمهاري، سوڍي جي گوڏن کان وِيهي ڪيس زور ڏيڻ لڳي ته سوڍي جي ڏکندڙ لُونءَ لُونءَ ٺرڻ لڳي.

”رامن جا پيءُ توکان هڪڙي ڳالهه پڇان؟“ لکان جي اندر ۾ سانديل سوال ٻاهر نڪتو.

”پڇ؟“

”سچ ته ڳالهائيندي نه؟“

”اڳي توسان ڪوڙ ڳالهايو ٿم ڇا؟“

”اڳي ڪوڙي سوڍي کان پڇندي هيس. هاڻي سچي

ساڌ کان ٿي پڇان.“ سوڍي کان ستي چرڪ نڪري ويو. هن کي اندر ۾ هُٽ ڪُٽ ٿيڻ لڳي، ته هاٽي وري الائي ڪهڙي ڳالهه مُنهن ڪندي؟ مجبوريءَ مان چئي وينو، ”پلي پڇ.“

”رڳو اهو ٿي پڇانءِ ته لاڏڪي تنهنجي پيڻ جان هئي يا سنگتياڻي؟“

سوڍو کي گهڙيون ته گهوماٽن ۾ اچي ويو. هن تائين سمجهيو هيو ته هن وقت تائين لڪان سندس ڪوڙن کي سچ سمجهندي رهي آهي. پر اڄ ڪيس لڳو ته عورت ذات هروڀرو بيوقوف به ناهي، جيئن هو سمجهندو آيو آهي.

”لڪان، مان پاپي هيس. اڳ مان توسان ڪوڙ ڳالهايو هيو.“ سوڍو هاڻ لڪان آڏو پاڻ لڪائي نه سگهيو.

”تون ته مان سان مها پرشَ ڏاڏي مَنشي جي قبر تي هٿ رکي ساک ڪنئي هئي، ته لڪان تنهنجي پيڻ سمان آهي؟“

”ان ڳالهه کي ڇڏ لڪان، جيڪا ٿي سا گذري.“ سوڍي سندس ڪانچڙيءَ کان ڇڪي پر ۾ سمهارڻ چاهيو. پر لڪان کي جڻ باهه جي چر وڪوڙي وئي. پڙڪو ڪائي ڪٽ تان لهي بيني، ”مان به ڏاڏي مَنشي جي قبر تي دل ئي دل ۾ قسم ڪنيو هيو، ۽ وچن ڪيو هيو ته جي اها ڳالهه سچ نڪتي ته مان به پيچ ڪرائڻ ۾ دير نه ڪيندس.“

سوڍو جيئن سمجهائڻ لڳس، تيئن لڪان ڪاڪڙي تي زور ڏيڻ لڳي. سوڍو خاموش ٿي ويو ته متان خواري وڌي يا ڪو نئون بنبال ڪڙو ٿئي، سو خاموش ٿي ڪٽ تي اڪيلو ليٽي پيو. اهو سوچي ته امرت ويلا تائين لڪان ڪجهه ٿڌي ٿي ويندي، ته هو ڪيس ڌيرج ۽ پيار سان سمجهائي ڇڏيندو.

امرت ويلا جو ٻئي اُٿي ڪڙا ٿيا هئا. پر امرت ويلا زهر ويلا ٿي وئي. لڪان ڏاج واري پيتي ۽ رامن کي ڪٽي ٻاهر نڪتي، ته ٻنهي جي وچ ۾ چڪ چڪان ٿي. اوڙي پاڙي ۾ جنهن نه ٻڌو هيو، تنهن کي به خبر پئجي وئي، ته لڪان چوٽي رني وڃي. ويندي ويندي ڪيس ڏمڪيون به ڏيندي وئي ته سياڻڪي سڄ ۾ پئنچائت ڏانهن پيڪا موڪلي هوءَ ساک تي پيچ ڪرائيندي. هن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو، ته ڇا ٿيندو؟ جڏهن پئنچائت ڪانئس ساک پت گهرندي؟ هو سوچڻ لڳو، جي سچ ڳالهائيندو ته سندس هڙ هلي ويندي، جي ڪوڙ ڳالهائيندو ته جنم جنم جو پاپي ٿيندو. پٺهنس رامن سندس ڪيل ڇَل ۽ ڪپٽ جا ڪشٽ ڀوڳيندو. هن کي هاٽي ساڍپي کان نفرت ٿيڻ لڳي. پر ڏڌو ڪير ٽٽي ڪيئن وڃي؟ ڪيئن اهو ساڳيو چور ۽ ٺڳ سوڍو ٿئي، جنهن سان سڀ ڪو سڌو هيو. هن پنهنجي ذهن کي ائين ولوڙيو جيئن ڪير ۾ سيباڻ وجهي چاڏيءَ ۾ ولوڙبو آهي. ٿوري دير ڪانپوءِ سٽ جي ڦٽين جيان ذهن تي ڳالهه تري آيس، ته جنهن ڪيس ساڍپي جو سنگهر وڌو هيو، سوئي لاهي سگهي ٿو. هن پڪو پهه ڪيو ته ڪيئن به ڪري ان جنجال مان جان آجي ڪرائيندو. پوءِ ڪٽي مهاراج آڏو گهرتان ۽ گيسيون ڪرٽيون پونس يا ڏن جي جهجهي دان سان رام ڪرٽو پويس، ته به ڪندو. ان کان اڳ جو اوڙي پاڙي ۾ گهٽي هُو هواءِ ٿي، ماٺهو گڏ ٿي پيچ ڪنس، سوڍو اُٿي ڪڙو ٿيو.

لاڙڪاڻو شهر، ڳوٺ کان پرتي ڪونه هيو. ڪلاڪ سوا جو پنڌ هيو. مهاديو جو مندر ڏٺل هيس، پيءُ سان ڪيئي ڀيرا آيو ويو هيو. مندر ۾ پهتو ته مهاراج شنڪر لال منهن سامهون ٿي ويس. سوڍو مهاراج اڳيان پاڻ ڇڏيندي ائين رنيڻ لڳو، جيئن سوئا ڍڳي ڪير کان وڇڙي وئي هجي.

”ڇا ٿيو ساڌ؟“ مهاراج شنڪر لال حيرت وچان پڇيس.

”مهاراج سائين، تو چيو هو، ته سچ جي ٻيڙي لڏندي آ، پر ٻڏندي ڪونهي. پر مانجي ته سچ هڪڙي ڏيهن ۾ ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي.“ سوڍو ڊنڊڪار ڏئي روئي پيو.

”ڪهڙي ويڌن ٿي وري توسان؟“

”ساڌن جو زمانو ناهي مهاراج، مان چور هيس. ٺڳ هيس ته سيڪو سڌو هيو. جڏهن کان ساڌ ٿيو آن ته هر ڪو ڪڍ پئجي ويو آ. هڪڙو سچ ڳالهايم ته پلو گڏهه واڙ مان نڪري ويو. ٻيو ڳالهايم ته پورا ٻه هزار هليا ويا. ٽيون ڳالهايم ته جوءِ پيچ ڪرائڻ جو وچن ڪري ڇڏي وئي آهي. سياڻڪي سڄ ۾ پئنچائت ۾ ساک به ڪٽائيندي ته منهنجو لاڏڪي سان ڪهڙو وهنوار هيو. هاٽي خبر ناهي ته اڳتي ڇا ٿيندو؟“ سوڍي روئيندي روئيندي مهاراج کي پنهنجا سمورا سور سٽايا.

برهمڻ شنڪر لال سندس اوڏکي لاٿي مان تنگ ٿي چڪو هيو، تنهن ڪاوڙ وچان چيس، ”پائي، مان ته ڪونه چيو هيو مانءِ ته پنهنجي پتا جي جيءَ چڙهه. پر جيڪي اُڪرين ۾ مٿو وجهندا آهن، اهي مُهرين کان ته ناهن ڊڄندا. پاڻ ۾ شڪتي نه پئي سمجهئي، ته ساڌ ڇو پيو ٿئين؟“

سوڍي کي يقين ٿي ويو ته هاٽي روئڻ ۽ دانهن ڪرڻ سان ڪم نه هلندو، ته هن گوڏ جي پلئه مان پئسا ڇوڙي مهاراج شنڪر لال جي اڳيان رکيا، ”مهاراج، هي ٻه هزار روپيا دان جا ٿي. مانجو ڪو ٽِڪو پنجو ڪر. مان گريب جي جان آجي ڪراءِ ساڍپي مان.“

برهمڻ شنڪر لال دان جا پئسا گوڏي هيٺان ڪري ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ هليو ويو. چڱي جهٽ ڪانپوءِ سوڍي کي چوڻ لڳو، ”سوڍا، توکي اها اٽڪل ٿو ٻڌايانءِ، جيڪا ڀڳوان ڪرشن مهاڀارت جي يڌ ۾، دروڻ آچاريه کان جيتڻ لاءِ ارجن ۽ يڌشٽر کي ٻڌائي هئي.“ سوڍو وات ڦاڙي ۽ ڪن سرلا ڪري مهاراج کي غور سان ٻڌو ڻ لڳو.

”تون به ائين ڪر، جيئن يڌ شٽر دروڻ آچاريه اڳيان زور سان رڙ ڪندي چيو هيو، ’اشوٿوما‘ پوءِ صفا آهستي چيو هئائين، ’هاٿي‘ ۽ پوءِ وري ٻوڪٽ ڪري چيو هئائين، ’مري ويو‘. وير دروڻ آچاريه ائين سمجهيو، ته سندس پيارو پٽ اشوٿوما مري ويو آهي. پوءِ ان وير دک وچان هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ يڌ هارائي. ڳالهه سمجهه ۾ آيئه؟“

سوڍي ڪنڌ ڌوڻي، ڳٽڪ ۾ نهڪر ڪئي.

”اڙي ٻوڪ، تون به لڪان کي جيتڻ لاءِ پئنچائت ۾ ساک ڪٽي ڏاڍيان چئه، ’منهنجو لاڏکي سان پيڻ جهڙو.‘ ۽ دل ۾ چئه ’نه‘ ۽ پوءِ وري ڏاڍيان چئه، ’وهنوار هيو.‘ سڀ پئنچائت سمجهندي ته تنهنجو لاڏکي سان پيڻ جهڙو وهنوار هيو. ائين لال به ليندو، پريت به رهجي ايندي. پيٽو، هاٽي ته سمجهه ۾ آيئه نه ڌرمي اٽڪل؟“ مهاراج شنڪر لال مشڪندي سمجهايس.

”اي مهاراج، ڪاٿي ڀڳوان ۽ مهاوير ن جو ديماڪ، ڪاٿي مان غريب اوڏ!! اتي وري ڪو تو جهڙو پڙهيل هجي، جيڪو سچ ۾ ڪوڙ ملائي ۽ ڪوڙ ۾ سچ، ته خبر ئي نه پوي، مهراج سائين مان ته سنئون سڌو سچ ڳالهائڻ ڄاڻان يا سنئون سڌو ڪوڙ. مان سان ڪو اهڙو جڳاڙ ڪر جو اهو ساڍپي جو گنگڻ لهي وڃي، پوءِ سڄي هند سنڌ جي اوڏکي راڄ کي موڪل آ، جو مان کي پڇن. باقي مان ان اٽڪي ٻٽڪي مان نه ڄاڻان.“ مهاراج شنڪر لال کي سندس جٽڪي جواب تي ڏاڍي منيان لڳي. هن خار مان پيڪي پٽيس، ”نڪري وڃ چوانءِ ٿو جٽ جٽ جا پٽ. گڏهه هڪليندڙن کي گڏه وارو عقل هوندو نه؟ جيئن وٺئي تيئن وڃي ڪارو منهن ڪر. پنهجي پتا جي آتما رول يا جنم جنم جو پاپي ٿي، منهنجو ڇا.“

مهاراج شنڪر لال، پئسا مٺ ۾ ڪري اُٿيو ۽ مندر ۾ اندر گهري ڀڳوان شو جي مورتي اڳيان مٿو ٽيڪي پرارٿنا ۾ لڳي ويو. سوڍو به سندس پنيان ڪڍ لڳو آيو ۽ ڪيس چڱي مهل تائين نماڻن نيڻن سان نهاريندو رهيو. ٻي رخي مهاراج پنتي لئوٽو نه هنيو، ته هن کي ائين لڳو جڻ شو ڀڳوان کي سندس خلاف مڃرائيندو هجي. هن شِوَ جي مورتي ڏانهن به نماڻو ٿي ڏٺو، ته ائين محسوس ڪيائين، جڻ ڀڳوان به ڪاوڙ ۾ ترشول کنيون ڪيس گهوري رهيو آهي. هن ڪنڌ ڦيرائي مندر جي پتين تي ٽنگيل ديوين جي چترن ڏانهن به نهاريو، ته اهي به ڪيس دياوان نه لڳيون. هن کي لڳو ته سيئي ڪانئس چڙيا ۽ ڏمرياوينا آهن. جڏن به سندس ڪاوڙ چوٽ چڙهي ته گڏجي سندس ساهه نپوڙي ڇڏيندا. هن جو شرير ڏڪڻ لڳو، ڪنبٽي وڌي ويس. هو مايوسيءَ وچان ٿڙڪندي پوئين پير مندر مان ٻاهر نڪري آيو.

سج لهي ٻڏي رهيو هيو ته بس مان لهي ڳوٺ جي لاڙي تي رسيو. مايوسيءَ وچان گهلبو گهلبو گهر پهتو. هن ڏڪندي ڏڪندي ٻتي ٻاري سرڪيءَ جي ٿوٽيءَ ۾ ٽنگي، ڪٽ تي آهليو ته جڻ لڱن مان ساهه ڇڏائجڻ لڳس.

ٻتيءَ جي روشنيءَ تي اوڙي پاڙي ۾ ڇئوپڇوءَ ٿي وئي، ته سوڍو ساڌ گهر پهچي ويو آهي. مکي هرچند ۽ پئنچن کي اڳيئي ڳُٽتي هئي، جو ڪين لَڪان ۽ سوڍي جي جهيڙي جي خبر پئجي چڪي هئي، تن جو ٻڌو ته سرڪي ۾ ڌوڪي آيا. سوڍي، مکي ۽ پئنچن کي ڏسي اُٿڻ جي ڪئي ته اُٿي نه سگهيو.

”هئي ڀڳوان، سک شانت ته آهي سوڍا ساڌ؟“ مکي سندس ويجهو ايندي رڙ ڪئي.

”ها بس مکي.“ سوڍو صرف ايترو چئي سگهيو.

”بس ڇا، ٻڌاءِ ته سهي ٿيو ڇاهي توکي؟“ مکي هرچند زور ڀريندي چيس ۽ پوءِ سوڍي جي پيشاني تي هٿ رکيائين ته ڪيس ائين لڳو، جڻ جنسي ٽانڊا پئي ٻريا.

”مکي، مان منهن مٿايان ته رامن کي ساڌ نه ڪجو. پل مانجي آتما کي اَن ۽ جَل جو دان نه ملي.“ سوڍي وڏي مشڪل سان، ساهيون ڪٽندي مکي ۽ پئنچن کي وصيت ڪئي.

”خير جي وائي ڪڍ ساڌ، ائين ڇو ٿو چئين. ڌڻي خير ڪندو.“ پئنچن هڪ ٻئي پنيان زور سان رڙ ڪندي چيس، جڻ ڪنهن ٻوڙي سان ڳالهائيندا هجن.

”آج... ساڌان ڇا... و... ڪ... ت ڪو ...نهي.... ادا- آ......ج... سا... ڌا.... ن... ڇا.“ سوڍو اوڏکي ۾ وڏيڪ نه چئي سگهيو، تيز بخار جي ڪري مٿائنس غش چڙهي ويو. ■

# يرغمالي...



حسيب ڪانهيو

مسواڙ جي گهر ۾ ماڻهو بلڪل ائين بسر ڪندو آهي جيئن مغوي. گهر جو مالڪ رڳو مهيني ۾ مسواڙ نه وٺندو آهي پر روز روز ڪنهن نه ڪنهن بهاني گهر ايندو رهندو آهي ۽ پنهنجي ڪلوز سرڪٽ ڪيمرا جهڙيون اکيون گهر جي ڪُند ڪُند ۾ ڦيريندو آهي. گهر جي ڪُند ڪُند ۾ ڦرندڙ سندس اهي اکيون مسواڙي جي بدن ۾ ڪنڊن جيان چڀنديون آهن ۽ ڪيس شدت سان اهو احساس ٿيندو آهي ته هُو جنهن گهر ۾ رهي ٿو، سو گهر ناهي بلڪ ڪنهن ڌاڙيل جو ٽاڪ آهي، جتي هُو ڪنهن مغوي جيان قيد آهي. جيڪڏهن ٻارن جي پڙهائي جي لوڙ نه هجي ها ته غلام حسين ڪڏهن به اهڙي جهنجهٽ ۾ نه پوي ها پر ڇا ڪري جو سوچيو هئائين ته مون وٽ پنهنجن ٻارن کي ڏيڻ جي لاءِ بيو ته ڪجهه به ناهي سواءِ بهتر تعليم جي. ۽ ڳوٺ جي سرڪاري اسڪول جو حال هو ڪونه، سو بس انڪري ٻچا چڪ ۾ ڪري اچي شهر ۾ هڪ مسواڙي گهر وٺي ويٺو. شهر ۾ مسواڙ جي گهر ۾ مغوي جيان رهندي ئي غلام حسين دل ئي دل ۾ اهو ٺهه ڪري ڇڏيو ته دڪان منجهان تورا گهٽا پئسا بچائي ڪري ڪجهه سالن جي اندر ئي، ننڍڙو ئي سهي پر گهر پنهنجو وٺڻو آهي ۽ هن ڌاڙيل جي ٽاڪ جهڙي مسواڙي گهر مان بازياب ٿيڻو آهي. بس پوءِ اهو پڪو پهه اندر ۾ سانڍي هُو روز تورا تورا پئسا بچائيندو ويو ۽ نيٺ پنج ست سالن جي اندر شهر ۾ پلاٽ وٺڻ جهڙو ٿي ويو. شڪر هو جو دڪان تمام بهترين نموني سان هلندو هئس. شام جي وقت گراهڪن جي چڱي خاصي رش ٿي ويندي هئس. غلام حسين کي اها پوري پوري اميد هئي ته پلاٽ وٺڻ کان پوءِ ٻن ٽن سالن جي اندر هُو اتي پنهنجو گهر به ناهي وٺندو. ۽ پوءِ پنهنجي مرضي سان آزاد به رهي سگهندو. غلام حسين جو دڪان شهر کان ٿورو هيٺ پنهنجي اباڻي اسٽاپ تي هو. جتي هُو روزاني صُبح جو ايندو سوير ايندو ۽ رات جو موٽرسائيڪل تي واپس شهر ويندو هو. غلام حسين کي دنيا جا حال ته ساريا پيا هئا سو هو ڪڏهن به پاڻ وٽ ڪا جهجهي رقم نه رکندو هو، بس روز جي موڙي هوندي هئي ڪيسي ۾. هُو سياڻو ماڻهو هو سو پئسا ته گهر ۾ به نه رکندو هو. بئنڪ ۾ اڪائونٽ هئس، بس هر مهيني ان ۾ جمع ڪندو ويندو هو. جيئن جيئن بئنڪ ۾ بيلنس وڌندو ٿي ويو، تيئن تيئن سندس خوشي به وڌندي ٿي وئي. هن کي ائين ٿي محسوس ٿيو جيئن سندس بازيابي جا ڏينهن جاڻ ڪُٺا. پنج ست سالن جي اندر نيٺ جڏهن پلاٽ جيترا پئسا ٿي ويا ۽ هُو آسپاس پلاٽ جون پُڇائون ڪرڻ لڳو.

*

"شرافت مان سمجهو ته خاموشي سان هيٺ لهو."

غلام حسين شريف ماڻهو، سو شرافت مان سمجهي ويو ۽ چپ چاپ موٽرسائيڪل تان هيٺ لهي بيٺو. پنجن ڇهن همراهن مٿس بندوقون تاڻيون. هُو هيٺ لهي بيٺو ته ٽي ڄڻا ڪيس چنبڙي پيا ۽ هڪدم سندس جهڙتي وٺي جيڪو ڪجهه هو سو سڀ ڦري ڇڏيائون. غلام حسين جا هٿ پير ۽ اکيون ٻڌي هڪ ڊگهي گاڏي ۾ اونڌو ڪري ليٽايائون ۽ پاڻ مٿان ڪارن لوين ۾ بندوقون لڪائي مٿس اُڀا ٿي بيٺا. گاڏي موٽ ڪاٽي ۽ تيزي سان هلڻ لڳي.

غلام حسين اونڌي منهن سُتي رڳي رهيو هو. ۽ سوچي رهيو هو، "روز رات جو منهنجا ننڍڙا ٻار، منهنجي گهر واري ۽ پوڙها ماءُ پيءُ منهنجا منتظر هوندا آهن. آئون ويندو آهيان ته ننڍڙو ڪاشي ۽ نيني چنبڙي پوندا آهن. منهنجي مائي منهنجي هٿ مان سامان وٺندي آهي. منهنجا ماءُ پيءُ ڇُلهه تي ويٺي ويٺي 'جي بسم الله' ڪندا آهن. اڄ انهن جو ڇا ٿيندو؟ انهن کي جڏهن منهنجي اغوا جي خبر پوندي ته انهن جي دل تي ڇا گذرندو؟ امان بابا ته روئي روئي چري ٿي ويندي. ۽ منهنجا ٻار، انهن کي ڪير ڪيئن سمجهائيندو؟ انهن کي ته خبر ئي ناهي ته اغوا ڇا ٿيندو آهي؟"

"ڪم ٿي ويو." غلام حسين جي ڪن تي آواز آيو. موبائيل تي ڪنهن کي رڳو ايترو ڳالهايو.

اهو آواز ٻُڌي الائي جو غلام حسين کي اڳ به ٻُڌل ٿي لڳو. هُو سوچڻ لڳو ۽ اهو آواز سُڃاڻڻ لڳو. ان آواز تي سوچيندي سوچيندي هُو جڏهن ڪجهه سامت ۾ آيو ته ڪيس ياد پيو. جن هٿن هن کي پڪڙي گاڏي ۾ اڇلايو هو انهن هٿن جو لمس به ڪيس ڪو اوپرو نه لڳو هو. هُن دير تائين تصورئي تصور ۾ پيرا ڪنيا. پر اهو آواز سندس گراهڪن جي رش ۾ گُم ٿي پئي ويو. انهن هٿن جو لمس به ساڳس روز جام سارن هٿ ملائيندڙن ۽ سامان وٺندڙن ۾ وڃائجي ٿي ويو.

گاڏي هلندي رهي. غلام حسين چاهيو گهٽو ٿي پئي ته هنن کي پنهنجا سيئي سور سُڻائي ۽ ڪين احساس ڏياري ته اهي هن سان ڪيڏو وڏو ظلم ڪري رهيا آهن. پر ڪيس خبر هئي ته اهو سڀڪجهه بيوقوفي هوندو. هن جي ڳالهين جو انهن تي ظاهر آهي ته ڪو به اثر نه ٿيندو. اهو ڪيئن تو تي سگهيو ته اهي غلام حسين جون ڳالهيون ٻُڌن ۽ ڪيس ڇڏي ڏين. بس هُو ويچارو چپ چاپ ويٺو رهيو. تان جو گاڏي پنهنجي منزل تي اچي پهتي.

هن جي اکين تان پٽي لٿي ۽ هن خود کي هڪڙي ڪمري ۾ ويٺل ڏٺو. هاڻي هن جي مٿان اهي ماڻهو نه هئا، جن ڪيس هتي اچي پهچايو هو.

پاسي واري ڪمري ۾ هلڪي ڇُڻ پُڻ ٿيڻ لڳي.

"اسان جو ڪم پورو ٿيو سائين." غلام حسين کي وٺي ايندڙن مان ڪنهن جو آواز هو.

"ها، اوهان جي خرچي به تيار آهي. اچي وٺو هي ٿيلهو." ٿيلهي جو آواز ٿيو. ۽ پوءِ پري ويندڙ بوٽن جا آواز غلام حسين جي ڪن تي پيا.

هُو پنهنجو ڪم پورو ڪري ويا ۽ پوءِ ٻين جو ڪم شروع ٿي ويو. غلام حسين جون انهن وٽ پندرنهن ڏينهن ۽ راتيون گذريون. هڪ وڏين مُڇن وارو همراهه هر وقت وٽس ئي رهندو هو. ان جون خونخوار اکيون هر وقت سندس تعاقب ڪنديون رهنديون هيون ۽ سندس هر حرڪت تي نظر رکنديون هيون. انهي وڏن مُڇن واري کي پاڻ ڏانهن هر تڪيندي ڏسندو هو ته ڪيس مسواڙي گهر وارو مالڪ ڪنهن پل ياد اچي ويندو هو نه ته ڪيس انهن پندرنهن ڏينهن ۾ ڪجهه به ياد نه رهيو هو. سواءِ پنهنجن گهر وارن جي.

"تون گهبراءِ نه، تون بلڪل محفوظ آهين. پر ٻُڌ سيٺ صاحب، اسان به ماڻهو آهيون، سو مانيءَ ڪائيندا آهيون. نانگ ناهيون جو مٽي ڪائي پيٽ ڀري سگهون." وحشي خونخوار غلام حسين کي چيو، "اوهان جي ڪمائي ۾ ڪجهه اسان جو به حصو پتي آهي سيٺ صاحب. اسان کي پنهنجي پتي ڏيو ۽ پوءِ هليا وڃو. اسان جي اوهان سان ڪا دشمني ناهي."

"..."

"صاحب جواب ڏيو؟"

غلام حسين جي اکين جي اڳيان اونده اچي ويئي. ۽ چيائين، "مون وٽ ته گهر به پنهنجو ناهي. هن ٽاڪ جهڙو مسواڙي نڪاٽو آهي، جنهن ۾ به گهر جو مالڪ تو وانگر سانجهي صبح تڪيو بيٺو هوندو آهي."

"سيٺ صاحب، پنهنجي نه هلاءِ." هن بندوق جي نالي صاف ڪندي چيو، "اوهان ته وري به پنهنجن ٻچن سان گڏ رهو ٿا؟ اسان ته نه گهر جا نه گهاٽ جا."

ان خونخوار جي ڳالهين مان غلام حسين جاڻي ورتو هو ته هاڻي فقط هڪ ئي رستو هو، جو يا ته ڪيس چوي ها، پنهنجي ڪمائي ڪري حلال ڪائو، يا ته وري چپ چاپ 'پتي' ڏيڻ جي لاءِ راضي ٿي وڃي ها. ڪيس اها به خبر هئي ته جيڪڏهن هُو ڪيس حلال ڪمائي جي ڳالهه ڪندو ته هُو ڪيس حلال ڪري ڇڏيندو، سو انڪري چپ چاپ 'ها' ڪري ڇڏيائين.

پندرهين ڏينهن جڏهن شام ٿي ته غلام حسين کي اکين تي پٽي ٻڌي گاڏي ۾ ويهاريو ويو ۽ گاڏي هلڻ لڳي. ڪجهه پنڌ سفر ڪان پوءِ اونداهين رات ۾ هڪڙي ويراني ۾ گاڏي کي بريڪ لڳي. ۽ ڪجهه ئي گهڙين ۾ غلام حسين جي ڪن ۾ پنهنجي پوڙهي پيءُ جي پيرن جا آواز گونجيا.

"اسان جي امانت؟" انهي خونخوار ڌاڙيل جو آواز ٻُريو.

"هي وٺو. پر منهنجي امانت؟" پنهنجي پيءُ جو آواز غلام حسين جي ڪن جا پردا چاڪ ڪندو ويو.

پوءِ بس هڪڙي ٿيلهي جو آواز ٿيو. غلام حسين جي پوڙهي پيءُ جي هٿن مان اهو ٿيلهو ڌاڙيل جي هٿن تائين پهتو. غلام حسين کي ٻانهن مان پڪڙي لاٿو ويو. "الله وڏائيندئي سيٺ. اسان کي ڏيڻ وارا ڪڏهن کُٽندا ناهن." هن چيو، "ٻُڌو هونديئي ته، 'چورن ڦريي کو سُجو نه ٿيندو آهي.'-" هن غلام حسين جي پُٺي ٺپري. ۽ گاڏي ۾ سوار ٿي هليو ويو.

پوڙهي پيءُ پنهنجن ڏڪندڙ هٿن سان پنهنجي پُٽ جي اکين تان پٽي هٽائي هئي ۽ اوڇنگارون ڏئي چنبڙي پيو هو. پوءِ ان رات جي پوئين پهر ۾ غلام حسين جڏهن گهر آيو هو ته سندس ماءُ به تڙڪي پئي هئي ۽ زال به بيحال ٿي پئي هئس، هن جي ننڍڙي نيني بُخار ۾ ٻري رهي هئي ۽ ڪاشي جا وار به اٽيا هئا. نه تيل نه ڦڻي.

*

ان رات گهر وارن سان ملي اچا دل ئي نه ڀري هئس جو پوليس ڪيس ڪنيي ٽاٽي تي ڪٽي آئي هئي. هڪ پيٽ وڏو پوليس آفيسر ڪانئس ابتا سبتا سوال ڪرڻ لڳو هو.

"سچ سچ ٻڌايو واقعو ڪيئن ٿيو؟"

"ڪڏهن ٿيو؟"

"ڪهڙي وقت؟"

"پيو ڪير ڪير هو؟"

"اوهان جي ڪنهن سان ڪا دشمني؟"

"اوهان جو ڪنهن تي ڪو شڪ؟"

"ڪٿي اوهان جا پگهاردار ته مليل نه هئا؟"

# ٽيون نسل ...

**علي صفدر**

اڄ ڪلهه ميڪون ايوين لڳندا هي،
ڪل جڳ مين هان
مين آزادي
مين هي جنگ هان
ميڏا پرش پروڙيندا هي،
ميڏي دل اياڻي ڪونهي،
مين ناول دي گهرائي هان،
ميڏي ڪوئي ڪهاڻي ڪونهي...

ڪهاڻيءَ جي ڪا به ڪهاڻي ڪونهي. مان نٿو چوان. سنسارنگر جي خوبصورت شاعره فردوس سولنگي پنهنجي سرائڪي نظم ۾ چيو آهي.

شهر شهر، ڪهاڻيءَ جي سري هيٺ. الئه ته ڪيترن شهرن، ڳوٺن، واهڻن، وسندين جون ڪهاڻيون گڏ ڪيون اٿم. ڪهاڻيءَ ۾ Cilaimax ضروري آهي. چوته ڪلائيميڪس ڪهاڻيءَ جو نڪ آهي. نڪ تان ڳالهه ياد آئي آهي، جيڪا ڳالهه شهر شهر ڪهاڻيءَ مان هڪڙي شهر جي ڪهاڻي آهي. اتي ٻڌو ٿئون ته ماڻهن کي نڪ ئي ڪونهي. عجيب Cilaimax آهي. نڪ نه هجڻ. نڪ نه هئڻ بنان به ساه جي هلچل روان دوان آهي. پر نڪ، غيورپڻي، خوداعتمادي ۽ وجود جي شخصي پٽي ۾ هٿ کي واضع ڪري ٿو. ڪوڙ ڪهاڻيون، ڪوڙ شهر. هر شهر جي ڪهاڻي پنهنجي پنهنجي آهي. ڪهاڻيون ڀلا اسان وٽ ئي جنم ڇو ٽيون وٺن؟

چو ته اسين تمام وڏا ڪهاڻيڪار، فنڪار ٿي ويا آهيون. فنڪار لفظ تي غور ڪبو ته، ان جو ڪلائيميڪس به حيرت انگيز ۽ سچ آميز آهي. فنڪار فن سان جٽ ڪرڻ وارو. فن ته ڪائنات ۾ به آهي. فني گهاڙيٽو اسان ۾ به آهي. پراڪرتيءَ ۾ هر شيءِ (خالق ڪائنات جي مظهر سان) فني گهاڙيٽي ۾ مڪمل آهي. فن سان، ڪاري لفظ واري، ڪار ڪو مڙئي سڙئي ڪم، واقعو ته اسين سنڌي سڀ جو سڀ ڪهاڻيون آهيون. (پر آنءُ ڪهاڻي ناهيان .مان پڪو پختو سنڌي به هان.) ۽ اسان جو ماضي. اسان جو ڪلائيميڪس آهي. هر روز اخبارن جا ڍير. مشينن جي ڊوڙ. هٿن جون تيز حرڪتون. ٽائيپنگ. ڪمپوزنگ. پروف ريڊنگ. هيڊ ائينس وغيره وغيره جو ڏمچر. تهان پوءِ اخبار جي شڪل جڙي تيار ٿي. مشينن سان گڏ گڏ اديبن، ليڪڪن، مضمون نگارن، تجزيئي ڪارن جا هٿ ۽ ذهن به ڊوڙڻ لڳا آهن.

پر ڇا ٿو ٿئي؟ اوهان پنهنجو آرٽيڪل فقط پاڻ پڙهيو يا اوهان چوياريءَ ۾ رهندڙ اوهان جا چرڙيا يار پڙهن. باقي جنهن پڙهيو نه پڙهيو، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري. اخبار ڪٽ جي واڏاڻ ۾ ڦاسائي ڇڏي آهي. هر ڪهاڻيءَ جو جنم اسان مان ٿئي ٿو. اسان ڪير آهيون؟ ماڻهو يا معاشرو؟

ڪهاڻيءَ کي ڪلائيميڪس ملي ٿو وڃي. ٻنهي مان ڪوئي به پر بهتري ته ٻنهي ۾ ڪانهي. جڏيون يا سگهاريون ڪهاڻيون ماڻهو ۽ معاشري جي ڪک مان جنم وٺنديون آهن. ڪهاڻيءَ مان ته ڪهاڻي جنم نه وٺندي آهي. آنءُ ڪهاڻي آهيان. نه ماڻهو نه معاشرو. ان لاءِ مون منجهان ڪا به ڪهاڻي جنم نه ٿي وٺي سگهي. توڻي اهو هڪ نقص به آهي ته آئٌ تخليق ايجاد نٿو ڪري سگهان. پر، مان ان ڪهاڻيءَ کي جنم نٿو ڏئي سگهان .منهنجو وجود، علم وجود جو اٽوٽندڙ نڪ (ڪلائيميڪس) ٻڌجي پوي.

مون مٿي ذڪر ڪيو ته شهر، شهر جي الڳ ڪهاڻي آهي. يا سچي سنڌ هم اوست ناول جو پس منظر آهي؟

هي سڀ ڇا آهي. هر نوان سياسي اعلان. عمل ٽڪي جو به نه. رڳو وهم ۽ ويساهه گهاتيون. مهنگائيءَ جون ڪاتيون تکيون. اوڏڻ لئه ٻوڇڻ خريدڻ جي وسيعت نه. هر پيري وڏيري، پيرن جا ووٽن وٺڻ وقت ساڳيا ساڳيا وعدا. هرپيري عقل جو انڌو سنڌي ماڻهو. پروسي جي بغل ۾ گهلجڻ لئه اتاولو. هار جيت. ڪير به چڙهيو. پوءِ وري ڪي مهڙ ڪا نه ڪندا. تان جو وڃي ٻي سرڪار نه جڙي.

پير، وڏيرا پيا شرابن، ڪبابن ۾ راتيون رنگين ڪندا. ۽ عوام، قوم ۽ راڄ اڳ وانگر چوروچنو. چوراچنا به وري اهي ٿيندا جيڪي باضميريءَ جي جبي ۾ پاڻ کي ويڙهي دنيا کان لڪندا وتندا. باقي تسريون ڇٽڻ وارا به پنهنجي ميرن، پيرن وانگر ڏينهن جو ساڌ. ۽ رات جو شاهينگ. ڪهاڻيءَ مان ڪهاڻي جنم نٿي وٺي. پر ڪهاڻي ماڻهو ۽ معاشري جو غنچ آهي. شهر شهر جي الڳ ڪهاڻيءَ جي سري هيٺ. ڪيترين ڪهاڻيون بيان ڪجن. آئٌ جنهن ڳوٺ ۾ رهان ٿو. مونسان گڏ اڳ هن ڳوٺ ۾ علم، ادب، صحافت، موسيقيت ۽ مذهبي پيروڪاري ڪندڙ منهنجا ڪوڙ دوست، احباب ۽ محترم رهي- ٽڪي عمر جو اڌ حصو گذاري هاڻي به پنهنجي پنهنجي دنيا ۾ زنده ۽ آباد وينا آهن. ڳوٺ ناهي بس هڪڙي ڪهاڻي آهي. پر ان ڳوٺ جي ڪهاڻي اسان جي انهن صحافي دوستن به ميڊيا تائين ناهي پهچائي ته ان شاعرن، اديبن، فنڪارن ۽ استاد فردن به ڪا نه پهچائي. جن هر هر دعويٰ سان چيو پئي ته اسين عظيم ڪهاڻيڪار آهيون. منهنجو ڳوٺ (جمال خان چانديو تعلقه قنبر ۾ واقع) رڳو منهنجو ته ناهي. پر ڪنهن به ڏاهي ماڻهوءَ ڪهاڻيءَ تي نظر ئي ناهي وڌي.

2013 دوران تعليمي حوالي سان، ججن جا شڪاز نوٽيس ماسترن تائين پڳا ها. ته ڪوڙ گوسڙو ماستر ته سويل ئي وڃي ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ لڳا ها. پر شايد منهنجي ڳوٺ جي وڏيري. سپريم ڪورٽ کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي حڪم ڪيو هو ته (جاگير هڪ کان ويندي 9 تائين) تعلقه قنبر ۾ ٽوٽل 9 جاگيرون آهن. (هڪڙي به ڳوٺ جي هڪڙي به اسڪول ۾ ججن جو دورو ناممڪن. ذري گهٽ. ماڻهن ۽ معاشري جي توهين آهي.) اهڙي نوٽيس کي جج سڳورن اڪين تي رکي، ڇمي منهنجي ڳوٺ کان ويندي هڪ هزار ٻين ڳوٺن جي اسڪولن جو ڪو به دورو نه ڪيو. اهڙي پنيرائيءَ سبب منهنجي ڳوٺ جا ماستر بدمست، لاشعور ۽ بي شناس ٿي ويا آهن. ڳوٺ جو وڏيرو، ماڻهوءَ مان راڪاس بڻجي ويو آهي. پنج سئو گهرن تي مشتعمل ڳوٺ ۾ اجتماعي ڳڻپ مطابق پنج سئو کان وڌيڪ ٻار، ٻارڙين، تعليم، صحت، تحفظ ۽ شعور نه هئڻ سبب انڌا، ٻوڙا، خوفزده ۽ حيواني عادتون هنڊائڻ لڳا آهن. اتي ڪا به اين جي اوز جي عمارت ڪانهي. ڪنهن به لوڪل پروجيڪٽ تحت ڪو به ادارو، ماڻهو ڪم نٿو ڪري. ۽ ڪو به سرڪاري ڪامورو لڙي ڪو نه آيو آهي. مامرا روز ڳجربا ويا آهن. اتر سنڌ ۾ رهندي به مونکي منهنجو ڳوٺ پاڪستان کان ڪٽيل ٿو محسوس ٿئي.

محترم جناب تعليم جو وزير نثار کهڙو وس وارين ڌرين، سماج سڌارڪ ڌرين کي گهرجي ته هو منهنجي ڳوٺ جي ڪهاڻيءَ کي پڙهن، سمجهن ۽ ان ڪهاڻيءَ جي درد کي محسوس ڪن. انهن پنج سئو ٻارڙن، ٽين نسل جي معمارن جي ٽين اک لئه تعليمي اسڪولن کي متحرڪ نموني سان هلايو وڃي ۽ ڪٿي ايئن به نه ٿئي ته اسين اڪين هوندي انڌا ٿي وڃون . ۽ پوءِ ته ڪا به پرک نه ڪري سگهنداسين (رڳو ڪهاڻيون اسان وٽ ئي جنم ڇو ٽيون وٺن) هي ڪامورا ۽ وڏيرا وغيره وغيره اهي فنڪار ڪيئن بڻيا؟ چو ته فن ۽ ڪار وارو فنڪار پنهنجي اندر ۾ قطئي مڪمل انسان ناهي هوندو. ■



**رجب ٻگهيو**

هوائون بي چيون هُونديون
پرينءَ جي شهر کان ٿورو
پري گذري ويون هونديون
رڳو ڪا ڳالهه ناهي جو
ستارن کي چئي ڇڏجي
هٿن جي يا ترپُنِ تي ڪا
ڪٿا ويهي لِکي ڇڏجي
اَيامن جا قِصا ڪيڏا
ڇَري بي چين دل ويهي
اڪين جا لُڙڪ هاري چو
هٿن سان پاڻ ڦولي ٿي
سڄو ئي رُوح رولي ٿي
رڳو ڪاوا، رڳو ڪنڊا
حياتي هر گهڙي توريءَ
مِڇي جيئن ڄار ۾ ڦاٿل
لُڇي پيئي ۽ سُڏڪي ٿي
مگر ڪا راهه ڪانهي ڪا
اوهان تائين پڄڻ جي لاءِ
پرين ڪا واهَه ڪانهي ڪا
اِهو ساڳيو ستم جاري
صِدين کان ٿو سُجهي جانان
اُهو ماريو وڃي ٿو ڇو؟
اڪين سان جو ڪُڇي جانان
ڪجي آخر ڪجي ڇا ڇئو
مگر دل بي چئي ڪاٿي
گهڙي پل ڪونه ٿي ترسي
رڳو رولاڪ راتين جيئن
ستارن کان گهڻو اڳتي
پرينءَ جا پَير ڳولي ٿي
اڪين جا نِيرَ هاري ۽
سڄو آڪاش ڇولي ٿي.

**ذوالفقار گاڏهي**

ڊيلي ۾ ڊيلو، تنهن ۾ به ڊيلو
ڪيل تماشو وجهندو شبلو
شبلو هڪڙو جوڪر آهي
ٻارو، جوڪر آيو آ
پڙ پڙ سوٽو، ڊيلي ڪڙڪي
ٻُڇڙَي تي شل بجلي ڪڙڪي
گهپلي پويان آهي گهپلو
سڀ کي ڪنگهه جي ٽوڪر آهي
ٻارو، جوڪر آيو آ
پولي ڏور تي ڦيرا ڪائي
پولو پيو ٿو جيپ هلائي
آڏو صاحب، پويان عملو
لت جي در تي ٽوڪر آهي
ٻارو، جوڪر آيو آ
هڪ معصوم گُڏيءَ جو پرٽو
پرٽو هو ڪه الائي مرٽو
ڪنهنجي موهه تي آهي حملو
بيٺو در تي ڦوڪر آهي
ٻارو، جوڪر آيو آ
ڊانهون آهن، ڪُوڪر آهي
چاڪر سان گڏ ڇُوڪر آهي
ڪنهن نه هنيو اڳ اهڙو رملو
ڇوريءَ پويان ڇوڪر آهي
ٻارو، جوڪر آيو آ. ■

# سماڌن...



سوريه بالا/ديوي نانگراڻي

**من** ڪيترو ماياوي آهي، ڪيترو ڇل ٿو ڪري؟ پل-پل ۾ بدلجندڙ ان جو پڙاڏو؟

هڪ ئي شخص، پنهنجي پر ۾ پاڻ ئي محبوب، پر من اُن کي وٺي ڪري به ڇل پالينو ئي آهي. اسين هن کي ڪٿي تا ڏئي سگهون سمپورڻ. سمرپت پيار. رسيلن شبدن ۾ سمرپت هئڻ تي به من جي رولاڪي، پلي پوءِ پڪو پختو ڇونه هجي. سوال ته ڪڙا ڪندو ٿو رهي. هلندڙ جيون چڪر جي وچ-وچ ۾ اوڪ، ذميدارين ۾ تڪليفن کان پڇڻ ۾ هڪ دل ٽوڙيندڙ سنويدن هينتا جي اِستٿي ته ايندي ئي رهندي آهي. پلي ئي اُهو خالي ٿيندڙ عمر جو احساس، جيون جي روزمره جيئڻ جي بيڪاريءَ جو ٻوڏ هجي. يا ساڳئي ايڪرستا جيون جي گُهٽن هجي. بس، انهن سيني گڏجي هيءَ آڪاٽي لڪائي آهي. ڇو جو، گهڻو ڪري پريپورڻتا جي پلن ۾ جڏهن هڪ خاليپڻو پٽڪندو آهي، ته هر ڪنهن کي لڳندو آهي، ڪيترو جادوئي آهي. هي انسان جي من جو لو.

ٻنڌڻ چاهي ڪيترو به ريشمي هجي. اسين وقت بوقت ان مان مڪتي چاهيندا آهيون. پر مُڪتي به منشيه کي، پلي عورت هجي يا مرد، ڪٿي ٿي راس اچي، اسين پرڪرتيءَ جي ساٿ جي اِڇا رکندڙ آهيون.

*

نڪي واپس هاسٽل ويو. هاڻ هِن وقت هوءَ بلڪل اڪيلي آهي. ڪم به ڪجهه نه ڪرڻو آهي. ارڙهن سال پهرين جو وقت هجي ها ته هوءَ هن وقت چپ چاپ پلنگ تي اونڌي ليٽي پنهنجي پتيءَ جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪري ڇڏي ها.

ها، ارڙهان سال پهرين هيءُ هن جو من پسند ٽائيم-پاس هوندو هيو. سڀ ڪجهه وساري پتيءَ جي ياد ۾ گم ٿي وڃڻ. ائين به انهي ته پتي ڪو ڪوهه پري يا پرديس ويو هجي، هونءَ هي نوڪريءَ جي ڪم سان هفتي-ٻن هفتن ۾ ڪو هڪ اڌ ٽور تي ويڄو هوندو هيو يا ته ڪورٽ-ڪچهريءَ جي هڪ اڌ ڪيس جي جاچ لاءِ.

هوءَ چاهي ته اڄ به هن وقت اُنهيءَ طرح پلنگ تي ليٽي سوچيندي- سوچيندي مُرڪي سگهي ٿي. پتيءَ جي اد ۾ گم ٿي پيار پري يادين کي جيسين تائين چاهي اوسين تائين ماڻي سگهي ٿي. پر نه ڄاڻ ڇا ٿي ويو آهي؟ هوءَ جڏهن به اڪيلي رهي ڪري اهڙو ڪجهه سوچڻ جي ڪوشش ٿي ڪري، ڪجهه وري ئي نه ٿو. سالن کان وٺي هن جي يادداشت ۾ اهڙي ڪا ياد جڙي ئي نه هئي، جنهن کي پلنگ تي اڪيلي ليٽي ڪري دهرايو وڃي. يا سوچي ڪري اڻ ڄاڻائيءَ ۾ مسڪرايو هجي.

شروعاتي ڏينهن جي ڳالهه ڪجهه ٻي آهي. ليڪن تن کي گذر ئي ته ائين لڳندو آهي جن کي اُٿلائيندي-پُٿلائيندي، لڪين پيرا سوچيندي ائين لڳندو آهي ڄڻ انهن جو رنگ-روغن اُڏامي ويو آهي. ڄڻ ڦڪيون ٿي ويون آهن، ايتري قدر جو استعمال جي لائق ئي ناهن.

ڄڻ هزار پيرا ٻدل-ٻدايل، گنل ڪئسيٽ.

هونئن قاعدي سان، ڪنهن جي وڃڻ کان پوءِ گهر ۾ چڱو ڪم ڪرڻ لاءِ هوندو آهي. پر هي 'نِڪي' ڪجهه ايترو سمجهه وارو ڇوڪرو آهي جو وڃڻ کان اڳ پنهنجا ڪتاب، ميرا ڪپڙا ۽ چمپلن کي ڍنگ سان انهن جي مقرر جڳهه تي رکي ويندو آهي. ان جي وڃڻ کان پوءِ ڪجهه سنوارڻ لاءِ نه هوندو آهي ۽ نه ئي ڪنهن ڳالهه تي ڏمرجڻ يا نراض ٿيڻ لاءِ ڪو وُجهه ڏيندو آهي.

ڪڏهن-ڪڏهن ڪنهن تي ناراض ٿي، خفي ٿي، دل ڦاٽڻ چاهي، پر ڪو نندي ۾ ننڍو ڪارڻ به نه ملي ته دم ڄڻ گهٽجڻ لڳندو آهي. موقعو يا ڪارڻ ملڻ تي ائين ڪرڻ سان ڄڻ درد ۾ چنگهه جهڙو آرام ملندو آهي. پر اهڙي سهوليت سان سُڪون هن کي ڪٿي ملڻ وارو آهي. هن گهر ۾ سيئي ضرورت کان وڌيڪ سياڻا ۽ سمجهه وارا جو آهن.

هن جو پتي به ته هميشه شانت ۽ ششتاچاري ٿي رهندو هو. اها گرو جي ششتتا ۽ شانتي هن کي هاڻ برف جي چٽانن وانگر لڳي. انهن جي وچ ۾ ڪجهه به رڪاوٽ ڪانسواءِ مڪت، پٽر ٽوڙڻ ڪانسواءِ وهي ئي نٿو سگهي. هن ڏارا کي اُتي جو اُتي ڄمائي فريز ڪيو ويندو آهي. ششتتا ۽ سمجهداريءَ سان، اهڙي حالت ۾ نه پيرپٽ تي هٽي ڪو ڪبو آهي. نه اوچنگارون ڏيئي روئي سگهبو آهي. نه ودروهه، نه آڪروش، نه چيخ.

پر ڪجهه پتو به ته پوي، آخر ڇو پير هٽي هوءَ چيخڻ ٿي چاهي. ڇو ڦٿڪي-ڦٿڪي روئڻ ٿي چاهي هوءَ؟ آخر ڇا ٿو چاهي هن جو من؟

"ڪجهه نه، ڪجهه به ته ناهي." هوءَ ڄڻ ٿڌو ساهه پنهنجو پاڻ کي جواب پئي ڏئي.

"هون، سڀ ڪجهه هي ته..." ڄڻ هن کي پنهنجو پاڻ پاتل جواب جو جواب ٿو ملي.

"جيئن؟"

جيئن هن جو ڪيترو من هو پاپيءَ جي آخري پٽ جي شاديءَ ۾ وڃڻ جو، جتي هن جو پتي ويو آهي.

"ته ڇو نه هلي وئي هوءَ؟"

"ڪيئن وڃي ها؟" پتيءَ چيو هو.

"پر انهن ڏينهن ۾ هاسٽل مان نِڪي اچي رهيو آهي نه."

ها، دل ۾ هن کي به ڄاڻ آهي امتحان کان پوءِ هاسٽل مان پورا چار ڏينهن موڪل جا. نِڪي ڪنهن جيل کان رهائي پائڻ کان گهٽ نه سمجهندو هوندو. ڪيتري نه اُمنگ ۽ اُتساهه سان گهر اچڻ جي ڪلپنا ۾ هو گِهريل هوندو. پر اُن سان ڇا- هن جي پتيءَ کي سڌي-سڌي نه چوڻ ڪپندي هئي؟ هيءُ اڌيڪار ته هن وٽ هئڻ گهرجي. هن کي چوڻ کپي ته نڪي اچي رهيو آهي، مان نٿي وڃان سگهان. ۽ هتي هن جي چوڻ کان پهرين خود هن جو پتي ئي فيصلو پيو وٺي ۽ سو به نهايت پختو ۽ آديش ڏيڻ جي ڍنگ سان.

تڏهن به هن پتيءَ سان اسهمتي جتائڻ جي خيال سان چيو هو، "نِڪي گهڻو سمجهو آهي، جي هن کي پتو پوندو ته مميءَ کي شاديءَ ۾ ويڄو آهي ته هو خوشي-خوشيءَ سان هڪ-ٻه ڏينهن ڪنهن دوست وٽ رهي ويندو."

"ها، سو ته آهي، پر ڇا اسانکي هن جي سمجهداريءَ جو هن طرح فائدو وٺڻ کپي."

"مطلب هن جي نه وڃڻ جي پڪش ۾ پتي سڀ ترڪ پيش ڪندو وڃي، اُهو به اهڙي وشواس ۽ شانتي پورڻ ڍنگ سان جو هوءَ چاهيندي به پنهنجي اڌيڪار جي لاءِ وڙهي نه سگهي."

"ڇا پئي سوچين؟" پتيءَ جو آواز اهڙُ ئي شانت، نرم، نرپڪش.

ان طرح جي نرم، نرپڪش سوال جي بدلي ۾ ڪيئن زور سان ڳالهائي جهڳڙو ڪري ٿو سگهجي، سواءِ ان جي ته...

"ڪجهه نه آهي، بس اِهو ته پاپيءَ جي آخري پٽ جي شادي آهي. سڀ رشتيدار گڏ ٿيندا. اهو سوچي ڪِ هيءُ آخري موقعو آهي..."

"اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي." پتيءَ اهڙي ئي مئچيور، بنا جوش جي ڳالهه وڌائي، "اڄڪلهه نه موڪل ملڻ ايتري سؤولي آهي ۽ نه رزرويشن. ۽ جي اهي ٻئي ملي به وڃن ته هر ڪو ماڻهو پنهنجي سهوليت ۽ پنهنجو پاڪيٽ ڏسندو آهي، پوءِ رشتا-ناتا."

"تڏهن به..." هن خفخان ۾ چيو.

"جيترا جوڙي سگهبا، اوترائي سهين، پر هيءَ ڪل-خوشي، هي راتيون جاڳڻ، هيءَ شاديءَ جو مزو!! سڀ ڪجهه اڄ جي زندگيءَ ۾ ڪيترو درلڀ ٿيندو ٿو وڃي."

"گهبراءِ نه." پتيءَ بيحد بزرگن واري مُرڪ سان چيو، "اُهي زمانا ٻيا هيا جو من مستيون هونديون هيون - رات پرجاڳي جشن منائيندا هيا. اڄ زمانو ٻيو آهي. ماڻهو بلڊ پريشر، سائٽڪا ۽ ڪمر درد کان پريشان آهن. هاڻ سيني هنڌ يا ته غزل سنگر تا گهرائين يا ڳائڻ وارا."

"ميجان ٿي، سڀ ٺيڪ آهي." هن پنهنجي اندر آنڌ-مانڌ کي ضبط ڪندي چيو، "پر پوءِ به اسانجو پنهنجو پاڻ ويهي ڪري ڳالهائڻ-ٻولهائڻ تي ته ڪا روڪ ٽوڪ نه هوندي نه."

"ها." هاڻ هن جي پتيءَ هن جي ضبط ڪيل پيڙا کي ڄڻ ڇهري روپي آئيني ۾ بلڪل صاف ڏسي چيو، "ته پوءِ ٺيڪ آهي، تنهنجو من آهي ته هل. مان نِڪيءَ کي ٽيليگرام... نه.. نه، ٽيليڪس ٿو موڪلي ڏيان. اڄڪلهه ٽيليگرام جو پروسو نه آهي. ائين نه ٿئي ته هو ويچارو پوري تياري ڪري گهر اچڻ جي ۽ تڏهن ان کي خبر پوي ته..."

مطلب ته وري به اُها ئي چترائي، پنهنجي پلماٽسائيءَ ۾ رتي ماتر به فرق آڻڻ ڪانسواءِ نيٺ هن جي منهن مان نڪتو.

"اڙي، نه، مون ته ائين پئي چيو. نِڪيءَ کي منع ڪرڻ جي ضرورت ناهي. مان نه ويندس شاديءَ ۾."

۽ نشچنت ٿياو سان نرپڪش ٿي پنهنجي پيٺي تيار ڪئي. هڪ پيرو به پڇتاءُ جي احساس کان سواءِ ڪِ "ڪيترو سنو ٿئي ها جو تون به ساڻ هلي سگهين ها.




اسان جي اڳواڻ وريام کي بي انتها عزت ۽ احترام جي نظرن سان ٿي ڏٺو ويو. گل خان نظاماڻي وڏو زميندار هو. وريام فقير جي اچڻ تي سندس زال هڪ ڪلاڪ تائين جهمر هڻندي رهي. جيڪڏهن هو چاهي ها ته سڄي ملڪ جي نوجوان حر عورتن کي غلط نموني به استعمال ڪري سگهي ها. پر هن ۾ اهڙي لونجهه ڪانه هئا، پر پنهنجي تعريف ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ سندس وڏ ۾ وڏ خوشي به هن جي تعريف هئي. هن جي ٻي ڪمزوري ٺٽ ٺانگر سان رهڻ هو. پڪ سمجهه ته هي ماڻهو هنن ٻنهي ڳالهين مان ته ڍاپندو ئي ڪونه هو. پر اسان حرن ۾ ڪي ماڻهو اهڙا به هئا، جيڪي ناظم جي تل واري ڪاروائيءَ ۾ لوٹوءَ کي وڌيڪ اهم سمجهي رهيا هئا ۽ سوچي رهيا هئا ته انهيءَ سوپ جو سچو جهونجهار لوٹو نظاماڻي آهي. سيد شاعر به ڪيس بهادريءَ ۾ رستم ڪري ڳايو هو. اهو نالو لوٹوءَ کي به ڏاڍو وڻيو هو ۽ هن ڪان پوءِ سندس اهو نالو مشهور ٿي ويو، پر هو مون کي ڏٺو به ڪونه وڻندو هو. ڇاڪاڻ ته هن بابي تي الزام هنيا هئا. هن جي صحيح اندازي ڪري اسان سوپ ماڻي ورتي هئي. هو لوٹوءَ جي ويٹن ڪان تنگ ٿي پوليس جي غير ضروري مقابلي ۾ ڏوڪي ڪاهي پيو هو ۽ شهيد ٿي ويو هو. هو شينهن جهڙو دلير ته آهي، پر ڪيس حر جماعت جا فقط ڏهه ٻارهن غازي ايئن سمجهندا هوندا. پر منهنجي بابا جي وڃڻ ڪري حر جماعت کي ايڏو وڏو نقصان پهتو آهي، جنهن جو ازالو ڪرڻ مشڪل آهي. لوٹوءَ کي رستم سڏڻ لاءِ مان به تيار آهيان، پر اخلاقي طور هو مون وٹ اچي منهنجي پيءُ جو مون سان پال پلائي ۽ پنهنجي غلطي مڃي. مان سندس ميرو مندو ڪونه آهيان. مان مڃيان ٿو ته ناظم واري واقعي ۾ هن پنهنجي سورهيائيءَ جي ڌاڪ ڄمائي ڇڏي هئي. منهنجا گهاءَ هاڻي ڪڙيون ٻڌڻ شروع ڪيون هيون. هن مقصد لاءِ ڏکڻ ڪان هڪ حڪيم آندو ويو هو جيڪو زخم، ڦٽ ڦرڙي ڇٽائڻ ۾ پڙ هو ۽ سيني جي ملم پٽي به اهو ئي ڪندو هو. ڇيٽ جي چوڪي رت هئي. هوا جي ٿڌڙي ٿڌڙي هير گهلي رهي هئي ۽ ريشمي لباس جيان جسم تي ڄڻ ٿڌڙا ڪڍي ۽ ڪتڪاڙيون پائي رهيو هو. نم جا وڻ تارن جهڙو اڇڙو ٻور ڌرتيءَ تي ڇٽي رهيا هئا. ٻڌل ٻوڪ ٻڪر به ٻڪرين لاءِ ٻنڌڻ کي سٿون ڏئي رهيا هئا.

اهي کهڙا نه سدورا ۽ سنهارا ڏهاڙا هئا. مون پنهنجي زندگيءَ جا اهڙا ڏينهن ڇيٽ ۾ چڱيءَ ريت گذاريا هئا. اسان کي اڄ سڪون آهي. مان هن چوڻ ۾ هٹ يا وڏائيءَ جو اظهار ڪونه ٿو ڪريان ته مان پنهنجو فرض گهڻن دوستن ڪان وڌيڪ بهتر نموني سان ادا ڪيو آهي. مون وٹ هڪ نوجوان ميربحر ڇوڪري ٻين ماڻهن سان گڏجي مڇي ڪٹي ايندي هئي. مون کي چوندي هئي ته مان به ان واقعي جو اهم ڪردار ۽ جهونجهار آهيان. جيڪڏهن مان ڪيس غلط نموني استعمال ڪيان ها ته هوءَ مڃي وڃي ها. مان قسم سان چئي رهيو آهيان ته اها ڏاڍي خواهشمند به هئي مان ڪيس ويجهو وڃان ها ته مون کي ٻلهه ڪري ڇڏي ها. هوءَ مون سان گهڻو وقت گڏ رهندي هئي. هن مون کي ڪن اهڙين ڳالهين جي سکيا ڏني، جيڪي اڳي آئون ڪونه ڄاڻندو هوس. انهن مان هڪ چونڊ گارين ڏيڻ جو سبق به آهي.

اسان جا جاسوس ۽ ٻيا مددگار ماڻهو ساري ملڪ جون خبرون اچي ٻڌائيندا هئا. پر سائين سردار جي گڙنگ واري بنگلي جي تلاشي وٺڻ وارو نوابشاهه جو بندرو پوليس ڪئپٽن بدلي ٿي ويو هو ۽ ان جي جاءِ هڪ نئون پوليس ڪئپٽن آيو هو. سو فوج جون لاريون ڀرائي اچي ڪينواري پهتو هو. پر ڪيس اتي ڪجهه به هٿ ڪونه آيو هو ۽ اتي فوج وهاري موٽي آيو هو. اسان کي ٻڌڻ ۾ آيو هو ته اسان جي خوف ڪان خيرپور جو وزير گهر ڪان ڪونه نڪرندو هو. هن پنهنجي نائب کي ڪينواري وڃڻ جو حڪم ڪيو. پر هو به ڏڄ جهلي ڪونه سگهيو ۽ انڪار ڪري ويهي رهيو هو. خيرپور رياست جي ساري انتظاميه خوف ۾ وائڙي ٿي وئي هئي. ان ڪري نوابشاهه جي پوليس ۽ فوج جي مدد سان انتظام سنڀاليو ويو هو. اسان جي هن سوپ جو اثر ڪراچي سرڪار تي به گهڻو ٿيو هو. ناري جي اوير پاسي وارا ٿاڻا ۽ آئوٽ پوسٽون خالي ٿي ويون هيون. وڃڻ وقت حرن ڪين گارين ڏيڻ ۽ ٺٺوليون ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه ڪيو هو. وڏين اسٽيشنن تي پوليس ڇانئجي وئي هئي، جيڪي پرسان اچي تنبن ۾ رهڻ لڳا هئا. ڊيوٽيءَ تي بيٺل پوليس وارن کي اسان جي حملي جو سخت خطرو هوندو هو.

جڏهن محبت اتر ڪان موٽيو هو ته منهنجو ڦٽ ڇٽي چڪو هو. اتر جا فقير به ايئن خالي ڪونه ويٺا هئا. هنن ڪينواري واري واقعي ڪان بلڪل ٻئي ڏينهن، پير سائين سردار جي سؤٽ کي ڪنگريءَ ۾ قتل ڪري ڇڏيو هو. جنهن سان هو ناراض هو. هن سان گڏ ڪجهه ٻيا بي ايمان ماڻهو پڻ قتل ٿي ويا هئا. جڏهن پوليس ڪئپٽن اتي پهتو ته حرن جي ٻي ٽولي ڪنگريءَ ڪان اتر پاسي هڪ ٿاڻي تي حملو ڪيو هو، جنهن جو نالو مون کي ڪونه ٿو اچي. محبت ٻڌايو ته فقيرن هڪ ريلوي اسٽيشن کي لٽيو ڦريو هو ۽ ٽن ڄڻن تي مشتمل عملي کي ماري ختم ڪيو هو.

اسان جون ٽوليون سانگهڙ ۽ ڄمڙائو واريءَ جوءِ ۾ ڪاروائين ۾ مشغول هيون. انهن ڏينهن ۾ سچ پچ ته اهي سرگرم هيون، جيڪي ڏاڙا هڻي بندوقون ۽ پئسو ڏوڪڙ ڪٺو ڪري رهيون هيون. پوليس به اٿو ٻڌي اسان جي ڪڍ ڪاهي پئي هئي. پر دولت جي عبرتناڪ موت، ڪين سبق سيکاري ڇڏيو. تنهن ڪري اسان جي پيرن ڪٽڻ ڪان گهڻو لهرائيندا هئا ۽ ٻه ٽي ميل اڳتي هلي پير پاڻ وڃائي ڇڏيندا هئا. تنهن ڪري حر ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ گرفتار ٿيندو هو. ڪهڙو به سرڪاري ملازم يا چاڙتو سج لٿي ڪان پوءِ گهر ڪان پاسي رهي ڪونه سگهندو هو. ٻهراڙيءَ سان لاڳاپيل سرڪاري ۽ خانگي ڪاروبار اسان جي مرضيءَ ڪان سواءِ ڪونه هلندو هو. ان باري ۾ ننڍين شهرن جون پئنچاتون اسان سان ڳالهائينديون هيون. اهڙيءَ ريت اسان کي پير سائينءَ جي مقصد لاءِ ڪافي پئسو ڏوڪڙ ملي پوندو هو.

چاڪ چڱي ڀلي ٿيڻ ڪان پوءِ مان وڃي پنهنجي ٽوليءَ جي اڳواڻ حسن سان مليس. ان وقت اهي خبرون

هلي رهيو هيون ته شهدادپور واريءَ جوءِ ۾ انگريز عملدار مقرر ڪيا ويا آهن ۽ فقيرن جي مقابلي واسطي اتي فوج ويهاري وئي آهي. محبت صحيح معلومات هٿ ڪرڻ جي مقصد سان اوڏاهين ويو ۽ پنهنجي لاڳاپي وارن ڪان وڃي حقيقتون معلوم ڪيائين. مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي ته اسان کي نئين ٿيءَ وارا حر چئي رهيا هئا ته جيڪڏهن انگريز عملدار آهن ته ڪا وڏي ڳالهه ڪانه آهي. سنڌن هلت چلت ساڳي آهي ۽ ڏسڻ ۾ هڪ جهڙا ايندا آهن. پر سنڌن قدم ۾ فرق هوندو آهي. واپسيءَ کان پوءِ محبت ٻڌايو ته وڏي ڳالهه اها ٿي وئي آهي ته گورنر سوڊو پنهنجو خاص اسسٽنٽ هيڏانهن موڪليو آهي، جيڪو گورنر هائوس ۾ ساڻس گڏ رهندو آهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته هن تي سنڌس گهڻو اعتبار هوندو. هن وقت تائين اسان هن ڪاموري 'لمرڪ' (limerick) بابت ڪجهه ڪونه ٻڌو هو. چاڪاڻ ته هو سنڌ جي ٻين علائقن ۾ نوڪري ڪندو هو. ان ڪانپوءِ ته اسان ڪانئس گهڻو واقف ٿي ويا هئاسون. هن بابت تو کي منهنجي ڳالهين مان به گهڻي معلومات ملي ويندي. گلبرٽ (Gullbert) نالي هڪ ٻيو عملدار سنڌس ساٿي هو، جيڪو هاٿي نوابشاهه جو پوليس ڪئپٽن ٿي آيو هو. ❶

محبت کي هيءَ معلومات به ملي هئي ته ڪراچيءَ واري اسيمبلي هنن عملدارن کي وسيع اختيار ڏيڻ لاءِ ڪو قانون پاس ڪري رهي هئي ته جيئن حر جماعت کي چڱيءَ ريت منهن ڏئي سگهجي. اهو به ٻڌڻ ۾ پيو اچي ته ڪين ايترا اختيار ملندا، جو جنهن کي چاهيندا بنا ڪنهن سبب جي گرفتار ڪري وٺندا. مون کي اهو به چڱيءَ ريت ياد آهي ته حيدرآباد جو رهندڙ اسيمبليءَ جو ڪانگريسي ميمبر حرن کان تڪليفون پهچڻ لاءِ سانگهڙ آيو هو. سانگهڙ جي هڪ هندوءَ هن سان ۽ ريام ۽ ٻين غازين جي ملاقات جو ڳجهو بندوبست ڪرايو هو. هنن ڪيس ڪليو ڪلايو ٻڌائي ڇڏيو هو ته جيستائين پير سائين آزاد نه ٿيندو، تيستائين حر ماٺ ڪري ڪونه ويهندا. جيڪڏهن حڪومت پنهنجي هوڏ تان هيٺ نه لٿي ته اسان به ساري ملڪ کي باهه لڳائي ڇڏينداسون. هن وعدو ڪيو ته هو ساري صورتحال لمرڪ ۽ اسيمبليءَ کي ٻڌائيندو. پر ان هوندي به حر جماعت تي ضابطي رکڻ واسطي قانون پاس ٿي ويو. ❷ پوءِ ته پوليس وٺي حرن جهلڻ جي مهم شروع ڪئي وئي. نالي ماتر ڪيس هلائي ڪين جيل پيڙو ڪيو ويو.

هن قانون تحت پوليس کي شاهدن ۽ گواهن گڏ ڪرڻ جي تڪليف کان آجو ڪيو ويو هو ۽ مئجسٽريٽ کي رڳو اهو چيو ويندو هو ته هي ماڻهو حر آهي. ان کان پوءِ مئجسٽريٽ ڪيس چوندو هو ته چڱيءَ چال لاءِ ڪو ضامن ڏي. وڏن ۽ هلنديءَ وارن ماڻهن کي ضامن پوڻ کان روڪيو ويندو هو. حر جماعت جا ماڻهو پڻ ضامن پوڻ کان ڪيٻائيندا هئا، چاڪاڻ ته سنديءَ ۾ چوڻ آهي، 'ٻئي جو ضامن پوڻ وارو ماڻهو پاڻ تباهه ٿي ويندو آهي.' ڪين خبر هئي ته اهو وقت جلد اچڻ وارو آهي، جو حر تي فقيرن کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو ضابطو نه

رهندو. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو پوليس جيڪو به ماڻهو مئجسٽريٽ آڏو پيش ڪندي هئي، سو اڻ پڇيو جيل هليو ويندو هو. گل خان نظاماڻيءَ جو ياءُ خليفو ۽ وڏو زميندار آهي، جنهن کي پوليس جهلي نوابشاهه جي انگريز پوليس ڊپٽيءَ آڏو پيش ڪيو، جنهن ڪانئس پڇيو ته تو کي ڇا چوڻو آهي. تنهن تي خليفي ڪيس وراڻيو ته، "توهان جو هي ظلم ۽ ڏاڍ اجايو آهي. جيئن هي ملڪ باهه ۾ ٻري سڙي رهيو آهي. حرن جون دليون به تيئن ڪامي پچري رهيون آهن. سنڌ جا سارا جيل ڀري ڇڏيو، پر پوءِ به هزارين حر پوئتي رهجي ويندا ۽ اهي پير سائينءَ جي آزاد ٿيڻ تائين ماٺ ڪري ڪونه ويهندا."

اسان فقيرن اڳي کان ٻيٽيون وڏيڪ ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيون. ڪابه رات ڌاڙي ۽ ڦُر کان خالي ڪانه هوندي هئي. ڪونه ڪو ڳوٺ اسان جي ڦُر جو شڪار ضرور ٿيندو هو. ساري ملڪ ۾ اسان جا دوست موجود هئا، جيڪي اسان جي جاسوسي ۽ رهبري به ڪندا آهن. ڪڏهن فقط بندوقن هٿ ڪرڻ لاءِ وڏيرن جي ننين ڳوٺن تي پڻ ڌاڙا هڻندا هئاسون. ڪڏهن وري پيسن هٿ ڪرڻ جي ارادي سان ننڍين شهرن تي حملا ڪندا هئاسون. ماڻهو اسان جي مزاحمت نه ڪندا هئا. ڪين جلدي اهڙو پتو پئجي ويو هو ته مزاحمت ڪندڙ ماڻهو قتل ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پير سائينءَ جي مفادن جي خلاف نه هوندو هو ته اسان ان کي ڪجهه به نه چوندا هئاسون.

پرپاسي ۾ ڪارروايون ڪندڙ ٽوليون هڪ جاءِ تي هلي ڪاروائين جو فيصلو ڪنديون هيون. انهيءَ ڪري ته جيئن پاڻ ۾ ٽڪراءُ کي روڪي سگهجي. هڪ موقعي تي اسان رات جي پهرين پهر ۾ وڃي ڪاروائي ڪئي. ان ڪانپوءِ هڪ ويجهي ڳوٺ تي بنا ڪنهن پروگرام ناهڻ جي بي به ڪاروائي ڪئي سون. ان ڪري هڪ رات هڪ پوڳ ٿي ويو. اونداهي رات هجي، حسن اسان کي پنهنجي مقرر ڪيل اصلي حد کان ٻاهر وٺي ويو هو. اهڙو مشورو اسان کي جاسوس ڏنو هو، جيڪو اسان سان گڏ هو. هڪ اڪيلي گهر تي وڃي ڌاڙو هنيوسون. ڏاڍو مال هٿ آيو. اسان جي دل وڏي وئي ۽ سوچيوسون ته ٻيو ڌاڙو به هڻون. اسان کي ماٺ رهڻ جا حڪم مليل هئا. ان وقت سنجهوري کان به ٽي ميل پري هئاسون. پوليس رات جو ناڪ بندي شروع ڪري ڏني هئي. رات اسان ٻن ياٽن ڳوٺن ۾ گذاريندا هئاسون. جاسوسن کي خبر نه هئي ته ڪٿي آهيون. ائين ڪندي اوچتو ماڻهن جو هڪ ٽولو اسان جي سامهون اچي بيٺو ۽ هنن هندستاني ٻوليءَ ۾ اسان کي للڪاريو. حسن ڏاڍو حاضر جواب هوندو هو. تنهن ڪين نه ڀهو وراڻيو ته سانگهڙ پوليس جو انسپيڪٽر محمد اسلم، ان کان هڪدم پوءِ هڪ ماڻهوءَ کان بندوق ڇڻي وئي ۽ ترٽلو مچي ويو. مان ڪوڙ نه ٿو ڳالهايان ته مان به ٻين سان وٺي ڊوڙ پاتي. حسن وري منهنجي ڪِد هجي، ان ڪانپوءِ اسان ٻن ٻن ٽن ٽن جي صورت ۾ مڪيءَ ۾ داخل ٿياسون. ٻئي ڏينهن امام بخش جي ٽوليءَ جي هڪ ماڻهوءَ مون کي ٻڌايو ته گذريل رات سانگهڙ پوليس سان مقابلو ٿي ويو هو. ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي تي فائر ڪيا ۽ واپس هليون ويون. مون ڪانئس پڇيو ته اهو مقابلو ڪهڙيءَ جاءِ تي ٿيو هو. جنهن تي هن سارو قصو ڪري ٻڌايو. معلوم ٿيو ته اهي اسان واري ٽوليءَ جي آڏو اچي ويا هئا ۽ حسن ڪين ٻڌايو ته مان سانگهڙ جو

انسپيڪٽر پوليس محمد اسلم آهيان. ان رات هن ڊر جا ماڻهو پنهنجا بوٽ ڇڏي ڀڄي آيا هئا. جيڪي سر بچاءَ خاطر ڀڄڻ مهل سنڌن پيرن مان نڪري ويا هئا. امام بخش ۽ اسان جي ٽوليءَ جي ماڻهن هڪ ٻئي کي پوليس سمجهي وٺي ڪڙين تي زور رکيو هو. هڪ حر شاعر مون بابت هڪ مزاحيه بيت گهڙي ورتو هو. تنهن تي حسن کيس چوائي موڪليو ته جيڪڏهن مان تڪڙ ڪريان ها ته هڪ وڏو حادثو ٿي پوي ها. تنهن ڪري هن اٽڪل ڪري پوليس جو نالو ورتو هو.

اسان جا جاسوس شهدادپور رهندڙ انگريز عملدارن تي نظر رکي رهيا هئا. هو فوج جو وڏو اٽالو ساڻ ڪري پوليس ٿاڻن ۽ مختلف ڳوٺن جي انسپيڪشن ڪندا وتندا هئا. هڪ ڏينهن اهي ٽئي ڄڻا پنجاهه سٺ پوليس ۽ فوجي سپاهي ساڻ ڪري اچي جمڙائو وٽ پهتا هئا. هن علائقي ۾ امن امان هو. ان ڪانپوءِ هو ناري جي اپرندي پاسي وڃڻ لڳا. سنڌن سارو سامان پناڻ مزدورن جي گڏهن تي رکيل هو. جيڪي واهه تي ڪم ڪار ڪندا هئا. ان علائقي ۾ موجود دوستن حرن کي خطري جي اطلاع ڏيڻ لاءِ جهنگ کي ڪٽي باهه ڏني. پوليس جاسوسن جي اطلاع مطابق نهايت هوريان هوريان اڳتي وڌي رهي هئي. اهي فقطهڪ ڪراڙي حر کي جهلڻ ۾ سوڀارا ٿيا هئا جيڪو هڪ اڪيلي گهر ۾ رهندو هو ۽ ڪڏهن به حرن جي ساڌوري واري هيڊ ڪوارٽر ڏانهن ڪونه ويو هو. اهي ٽن ڏينهن کان پوءِ 'پڪ سري' پهتا ۽ اتان اکري سانگهڙ پهچڻ ڪانپوءِ هر ڪو ٽڙي ڪندري ويو. اهي پنهنجي پنيان جيڪي ڊيٽي ۽ سب انسپيڪٽر ڇڏي آيا هئا. سي به ماٺ ڪري ويهي رهيا، پر اسان جون ڪارروايون جاري رهيون. هنن انگريز عملدارن جي وڃڻ ڪانپوءِ اسان ۾ جوش جذبو ويتر وڌي ويو ۽ هڪ رات اندر چار چار ڌاڙا هڻندا هئاسون. *(هلندڙ)*



## بيتاب ناپر
# آئون اڪيلو ترين

جَي نہ ڪَلِي ڪيڪارينديئن
چئبو مون کي مارينديئن
محبت جو مهراڻ آهين
چولين جي سرواڻ آهين
ڪنديون ڪانهن وساريئنديئن
چئبو مون کي مارينديئن
سنڌياڻيءَ جي حيثيت ۾
انسانيت سان نسبت ۾
جي 'شاهه' نہ تون جهونگارينديئن
چئبو مونکي مارينديئن
هيءَ دُنيا درياءُ آهي
مؤجن ۾ انياءُ آهي
تون ٻي ڪين جي تارينديئن
چئبو مون کي مارينديئن
بادل ۾ جي مينهُن نہ آهي
تنهن سان پنهنجو نينهُن نہ آهي
'تر' کي بُوند وساريئنديئن
چئبو مونکي مارينديئن. ■

❶ ايچ-اي-گلبرٽ.
❷ سنڌ ليجسليٽيو اسيمبلي حُر ائڪٽ 20 مارچ 1942ع ۾ نهايت ڳجهي نموني سان پاس ڪيو هو. ان جي منظوري گورنر جنرل 10 اپريل تي ڏني هئي.

# پاتم جهاتي جهان ۾...



شيام ڪمار

**ڪڏهن** ڪڏهن ’مهذب انسان‘ تهذيبي مونجهارن، ٺڳي، دولاب، ڏيکاءَ ۽ تيز رفتاري کان بيزار ٿي ڪڪ ٿي، پنهنجي فطري زندگي جنهن جون پاڙون ’رول جيوت‘ ۽ ’آڳاٽي سادي انسان‘ جي جيون ۾ کُتل آهن جي کوج شروع ڪري اوڏانهن موٽڻ جو جتن ڪندو ڏيکارجي ٿو- جيئن روسو ۽ حفيظ شيخ جي سوچ مان بکي ٿو. ان صورت کي ’وڃايل ارضي جنت جي ياد‘ سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. هو سمجهي ٿو ته جن ’تهذيبي مار‘ جو مقابلو ڪري، ان سان سينو ساهي پاڻ کي محفوظ رکيو هنن ئي سچي خوشي ماڻي آهي. مهذب انسان تي صرف ’جڙتو خوشي‘ جو ليپ چڙهيل آهي. اهڙي سوچ جون جڙون ’انسان جي زوال‘ واري نظرئي سان ڳنڍيل آهن- روسو جي ’ڀلو مانس وحشي‘ (Novel Savage) جي سوچ ۽ يوناني ڏاهي ’هيسيئوڊ (Hesiod) جون پراچين لکڻيون به مٿي ڄاڻايل حقيقت مان ڦٽي نڪتيون هيون.

ان نڪتي کي Animalitarianism سوچ سان به تشبيهه ڏيئي سگهجي ٿي جنهن مطابق جانورن ۾ انسانن جي نسبت بهتر اخلاقي قدر ۽ خوبيون سمايل آهن. آمريڪي قومي شاعر والٽ وٽمئن جي هڪ نظم به ان موضوع تي جوڙيل آهي:

”ڪاش، مان جيڪر جانورن ڏانهن مائل ٿيان، ۽ ساڻن زندگي گهاريان.“

ان جي مفهوم مان انسان ۽ جانور جي وچ ۾ بنيادي ميلاپ ڏانهن زوردار جهڪاءُ نظر اچي ٿو. ايسپ، پنچتنتر جي آکاڻين کان به آڳاٽو ڏاهپ ڀريو لاڙو، جيڪو اڄ تائين زوردار ۽ پرڪشش آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسين اڄ تائين گوشت خوري جي ’سوچ ۽ عمل‘ کان اُٻٽ ڪائنيدا آهيون. اها حقيقت دلچسپي کان خالي ڪونهي ته ڪجهه ايشيائي قبيلا اڄ سوڌو ’سنبري ۽ چراگاهي جنت‘ جا ڪانکي نظر ايندا آهن.

ڪجهه معاشرن ۾ ’خانه بدوشانه طرز‘ لاءِ نفرت، ۽ ڪجهه ۾ ان لاءِ اُڪير محسوس ڪئي وڃي ٿي. اهو انڪري آهي جو ڪوبه ’وڏو مذهب‘ انسان جي ’عقلي دور‘ ۾ وجود ۾ ڪين آيو هو. اِهي ’خانه بدوش طرز‘ جي ڪک مان جنميا هئا. ’تهذيب‘ کي به مذهب ڪوٺي سگهجي ٿو پر، اها ’اصل مذهب‘ جيان جيئدار ۽ هميشگي جو وستر اوڍيل ڪونهي. جڏهن مذهب سياست يا رياست سان وهانءُ رچايو جيئن مصر ۾ فرعون پاڻ کي خدا چورايو. يا روم جي شهنشاهه ديوتا جو اوج ماڻيو. يا ان کان گهڻو اڳ هندو ديومالا ۾ هرٽاڪشپ پاڻ کي ’ايشور‘ سڏرايو. يا ڪيٿولڪ پوپ بادشاهه بڻجي ويو. يا جيئن موجوده پاڪستان اندر ’مذهب ۽ سياست‘ جو غير اعلانيه ’وهانءُ‘ ڏسي سگهجي ٿو وغيره. ۽ تڏهانڪر مذهب مان ’هميشگي واري جوت‘ جهڪي ٿيندي ڏسي سگهجي ٿي. پنهنجي قدڪاٺ کي آفريڪي ٻامڙن جهڙو يا ’للي پوتين‘ وانگر ڪمزور، تڇ ٻٽائي ڇڏيو اٿس. وڏن مذهبن جي سکيا جو تت مادي دولت لاءِ تياڳ، ڏکار ۽ ذاتي مجموعي آسودگي جي پيٽ ۾ روحاني قدرن ۽ سادگي کي اپنائڻ تي زور ڏنل آهي. انهن سڀني مذهبن جي سکيا جون پاڙون خانه بدوش ڌڻ پاليندڙ يا شڪاري جيون گذاريندڙن جي ذاتي مذهبي تجربن ۾ کُتل آهن. انهن اوائلي منجهيل ڌرمي عقيدن کي ’شامانزم‘ (Shamanism) چيو وڃي ٿو.

’شامئن‘ (Shamans) اوائلي مذهبي صوفي، مرد عورت جي يا ’مائو‘ ڪرداري خوبين سان مالامال، پراسرار، ديومالائي طرز جو مهان انسان هو. چيني ’تائو‘ (Taoism) مذهب سان گهڻي ويجهي مشابهت رکي ٿو. بلڪ ان اندر باقاعدگي سرسري آهي. ساڳي طرح يهوديت-عيسائيت، هندو ۽ ٻوڌي ڌرم پنهنجي ’چراگاهي‘ ماضي جي رواجن تي فخر محسوس ڪندا آهن.

اسلام کي به ’خانه بدوشي‘ مذهب سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. تاريخ جي ’وچولي دور‘ (Middle ages) ۾ اسٽيپيز (Steppes) ۾ آباد ’بوگوملس‘ (Bogomils) ۽ البيجينسس (Albigenses) جهڙا پراسرار قبيلا جيڪي خالق جي يڪوجودي ۽ ڪثرت وجودي ’وجود‘ ۾ ساڳئي وقت ايمان ۽ وشواس رکندا هئا . انهن جو بنياد به ’مني شينزم‘ ۽ شامن رسمن تي ٻڌل هو. مهذب دنيا جي مذهبي عالمن به ’شامن سکيا‘ کان متاثر ٿي ان جهڙي پيش ڪيل ’ڌرمي ماڊل‘ کي ساراهيو هو. جيڪو ’درويشاڻا صفت‘ سان ڀريل، پاڻ کي فنا ڪرڻ جي ڪرت ۾ جنبيل، لذت آفريني کان دور ۽ انسانيت جو خدمت گذار هوندو هو.

ساڳي طرح خانه بدوش به تياڳ جو پتلو ٿئي ٿو ۽ اڪيلائپ ۾ سوچيندو رهي ٿو. ريتن رسمن ۾ گهڻو الجهيل نٿو رهي، سکيا ۽ علم جي حصول جي جڪڙ کان به آزاد آهي. پنهنجي عقيدن تي اٽل وشواس اٿس.

خانه بدوش يا رولو جا قدر، پسند ۽ انهن لاءِ اُڪير ۽ حس ڏاڍي تيز هوندي اٿس. سنگيت ۽ ساز جي چاهه جي سلسلي ۾ دهل، نغارو، ڊرم يا گٽار وغيره جهڙا ساز سندس اوائلي تخليق ۽ جوڙ آهن. تيز رنگ ۽ چمڪندڙ زيور به سندس بي پناهه چاهنا جي دائري ۾ سمايل آهن. سندن عورتون زيورن پائڻ ۽ رنگ برنگي ڪپڙن اوڍڻ جون شوقين هونديون آهن. فن جي معاملي ۾ سندن باطني حس بيدار آهي. پر، تجزئي، عقل يا دليل جي ان باطني حس ۾ ڪا جڳهه ڪونهي. سندن تخليق ۾ صرف بي ساختگي، ترنگ ۽ اُڇل نظر ايندي.

خانه بدوشانه طرز جو دارومدار ٻن جذبن، خواهشن تي ٻڌل ٿئي ٿو. پهرين معاشي ضرورت، ۽ ٻين ذهني بي ساختگي، ۽ اَڇهل اُڇل.

انهن تضادن سبب، گهڻو ڪري، تهذيبن پاڻ کي پنهنجي ئي ’ڪرٽي‘ ۽ هٿ سان برباد ڪيو آهي. پر، خانه بدوشن، ڪڏهن ڪڏهن، صرف هلڪي ڏکي کان وڌيڪ ٻيو ڪو ناڪاري عمل ڪين ڪيو هو.

ڏندڪٿائي پورالي ڏاهي ’ڊايوجينس‘ (Diogenes) تهذيبي انسان تي ٽيڪاٽپڻي ڪندي چيو هو، ”هو پهريائين شهرن ۾ انڪري ’بند‘ ٿي ويا جو ڪين ٻاهرين (خانه بدوشن) جي آزار ۽ ڪُوپ جو ڀوءُ هو. پر، بعد ۾ انهن ’بند شهرن‘ اندر هنن هڪٻئي جي خلاف ايذا تياچار ڪيا ڄڻ اهو عمل سندن مول مقصد هو.“

ڊايوجينس پاران شهري زندگي کي ننڊڻ ’ثقافتي پراچينتا‘ جو اوائلي مثال آهي. جنهن ۾ خود مهذب انسان کي تهذيب کان بدظن ۽ بي اطمينان ڏيکاريو ويو آهي. جيتوڻيڪ، اهڙو جذبو ڪنهن عقلي بنياد تي مدار نٿو رکي. بلڪ ’جذباتي ترنگ‘ جو نتيجو لڳي ٿو. جنهن ۾ انسان منجهيل ۽ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل تهذيبي زندگي کان پاند آجو ڪرائي سادي جيوت جيڪا فطرت جي وڌيڪ اوڏو ۽ هم آهنگ هجي. جنهن ۾ ڪنهن وسپتو سان موهه جو ڪو پرو، نشان نه هجي. جيڪا روسو جي ’ڀلي مانس وحشي‘ جو نمونو هجي. ڏانهن موٽ ڪائيندو ڏيکارجي ٿو.

پر، دنيا اندر تهذيب جا به گهڻي ئي چاهڪ ۽ حامي موجود آهن. ’پروٽاگوراس‘ (Protagoras) نالي هڪ ڏاهي چيو هو، ’سڀني انسانن ۾ سٺي شهري هجڻ جا گڻ موجود آهن.‘ جديد دور ۾ جمهوريت جو واسو ان وشواس جو پختو مثال آهي ته اهو نظام انسان جي بنياد نيڪي ڏانهن واپسي جي علامت آهي.‘ دراصل ’تهذيب‘ جو مطلب اخلاق ۽ چڱائي جو ٻيو نانءُ آهي. ان کي اسان جي يگن کان جمع ٿيل ’خودپسندي‘ جو ورثو به چئي سگهجي ٿو. ’تهذيب‘ کي بربريت، وحشي پڻي ۽ جانوري سڀاءُ جو ضد به ڪوٺي سگهجي ٿو وغيره. ’شهري جيوت‘ تهذيب جي سڃاڻپ ليکجي ٿي. پراچين يگن ۾ ’شهر‘، اصطلاحًا، اوچتو ئي اوچتو ڏکڻ ميسوپوٽيميا (موجوده عراق) جي زرخيز مٽيءَ مان، اٽڪل چار هزار سال ق.م ۾، اُڀري آيو هو.



## سالگره مبارڪ

سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ صحافي دوستن، ڊاڪٽر مشتاق ڦُل، قربان منگي، ڊاڪٽر بدر اڄڻ، رزاق سهتو، بشير منگي، وفا ٻرڙو، امر اقبال، شوڪت لوهار، چندر ڪيسواڻي، سليم چنا، وفا گولو، الله بخش راٺوڙ، نبي بخش ناز، مير عبدالرسول مير، مرتضيٰ ڦل ۽ روشن سندر چانڊيو کي سوجهرو ست طرفان جنم ڏينهن جون واڌايون.

## هدايت بلوچ ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال کي صدمو

گذريل مهيني سوجهرو ساٿي ۽ مشهور شاعر هدايت بلوچ جو نوجوان فرزند فياض بلوچ 'عمان' ۾ دل جي دؤري سبب گذاري ويو. ۽ 11 مارچ تي سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي سيڪريٽري جنرل ذوالفقار سيال جي والده گذاري وئي. اسين ٻنهي دوستن سان ڏک ونڊيندي تعزيت ڪيون ٿا. - ادارو

اها تبديلي پلي زراعتي سرشتي، پاڻي جي مناسب ۽ حيرت انگيز ورڇ، ڌاتن جي جوڳي استعمال جنهن جي 'مهنداري' قابل نوڪر شاهي، اعليٰ عدالتي نظام، ۽ پروهتن جي پوڄاپاٺ جي سهڻي بندوبست سبب ممڪن بڻجي سگهي هئي. تهذيب جي اسرڻ لاءِ ته در ته اقتصادي ۽ سماجي رهنمائي درڪار ٿئي ٿي. انهن سڀني عنصرن جي هم آهنگ ميلاپ بنان اهڙي آسوده اوسر ممڪن ڪونه ٿي سگهندي. قديم زماني جون سڀئي تهذيبون پنهنجا هاڪاري اثر 'ٻاهر' موجود 'پساهه کڻندڙن' تي، بنان ڪنهن متڀيد جي وجهنديون رهيون هيون. ۽ آهن. صرف 'خانه بدوش' عنصر ان 'جوت' (اگر ان کي جوت ڄاتو وڃي) کان محروم پئي رهيو آهي.

خانه بدوش 'رول' اجايو ڪونه رلندو رهندو هو. جيئن عام طور تعصب سبب سندس لاءِ آکيو وڃي ٿو. هو پنهنجي ڌڻ سان، مقرر ٿيل راهن تي، چراگاهن جي ڳولها ۾ ۽ فطرت سان هم آهنگي جي فلسفي تي عمل ڪندي رڻن ڪندو هو. جانور ڪيس بنان ڪنهن اُلڪي جي هر قسم جي خوراڪ پهچائيندو هو. زراعت، واپاري ياقرلٽ سندس فراغت جا مشغلا هئا.

خانه بدوشانه جيوت ۾ لاڳيتي لڏپلاڻ جو عنصر لازمي امر هوندو هو ۽ آهي. قديم زمانن ۾، ان عمل دوران، تمام گهڻ مال اسباب کڻندا هئا چو جو، بقول چيني دانشور 'سوماچين' (Sou-M-Chien) 'ڳورو مال بلڪ چوپائي مال لاءِ، 'گاهه پلال' کڻڻ کان به ڪيٻائيندا هئا. چاڪاڻ جو اهي شيون سندن آزادانا ۽ تيز رفتار 'چرپر' ۽ 'سفر' ۾ رڪاوٽ بڻيون هيون. گهڻو ڪري بهار ۽ اونهاري بي موسمن ۾ قافلن جي شڪل ۾ چراگاهن جي تلاش ۾ نڪرندا هئا. پنهنجي سموري لڏ انهن بيل گاڏين ذريعي کڻندا ها جيڪي ڇئن ۽ ڇهن ڦيٿن وريون هونديون هيون. ڏکڻ اوڀر يورپ ۽ ايشيا کنڊ، استيپ (Steppe) جي زرخيز ميدان ۾ انهن ڏاند گاڏين جو رواج اٽڪل ٽي هزار ورهيه ق.م کان جاري هو. ان ڪانپوءِ سٿين (Scythian) خانه بدوش قبيلن انهن گاڏين ۾ تبديلي آڻي انهن کي بهتر بڻايو هو. سندن چوپائي مال ۾ پيلا گهوڙا، رڍن، ٻڪرين، ڳئن جا بيشمار ڌڻ هوندا هئا. ۽ جيڪي پاڻ ۾ 'پيوندڪاري' (Cross-breed) ڪرائي




جانورن جي مختلف نسلن پيدا ڪرائڻ ۾ به مهارت هوندي هئن. منگوليا، فرغانه جا بهترين 'اُڏامندڙ گهوڙا' به سندن ئي ڪوشش جو نتيجو ليکيا وڃن ٿا.

تاريخ جي هر دور ۾ مٿاهين تي آباد 'خانه بدوش' کي زمين (هيٺاهين) تي وسيل 'هاري' تي جنگي حڪمت عملي جي لحاظ کان برتري حاصل رهي آهي. هو (رولو) هميشه سندن ڪيڙيل سر سبز زمين تي اوچتو هلان ڪري، پنهنجي جانورن لاءِ چراگاهه طور استعمال ڪندو پئي رهيو آهي. سٿين، هُنَ، عرب، ڪيئي يورپي قبيلا، منگول، آريا وغيره اهڙي قسم جي ڦرلٽ جا بهترين مثال آهن.

چين ۾ جڏهن 'عظيم شاهي ڀت' (Great wall) جوڙائي وئي. تڏهن 'سييونگ نوُ' (Hsinng-nk) قبيلو، ڏاڪٽي چراگاهن ۾ پنهنجي جانورن، گهوڙن وغيره کي چارڻ کان، مجبوري طور، هٽ ڪٽي ڇڏيو هو. پر، جتي بچاوي تدبيرون ڪمزور هونديون هيون. اُتي هو 'سرءُ جي مند ۾ جانورن سميت اچي پر گهٽ ٿيندا هئا. سندن ٻنيون ٻارا اجاڙي ڪائنن ڏن وٺي جيت جي نشي ۾ مخمور ٿي موٽندا هئا.' (سوماچين). ساڳيو مسئلو 'رائين' (Rhine) ۽ ڊينيوب (Danube) ندين جي ميدانن ۾، آڳاٽي رومي حڪمرانن کي به درپيش ٿيندو رهيو هو. 'خانه بدوش' ۽ 'شهر واسي' (مهذب) تاريخ جي هر موڙ تي الڳ الڳ، مخالف سرشتي سان جڙيل پئي رهيا آهن- ۽ اهي 'ٻيئي' چڱي طور ان حقيقت کان به آگاهه هوندا ها.

پر، ان حقيقت کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي ته مهذب، ميسٽو، ميداني رهاڪو واپار، ۽ ڪڏهن ڪڏهن 'لٽ مار' کي به پنهنجي ڪرت ۾ شامل ڪندو پئي رهيو آهي. ڇو جو ان طريقي سان تهذيب جا سواد ۽ مزا چکڻ جو موقعو ملندو پئي رهيو اٿس.

هن جي پيٽ ۾ خانه بدوش رنگ روپ جو شوقين، رسمي طور، سون جي چمڪ دمڪ جو عاشق به پئي رهيو آهي. مشهور تاريخ دان 'اميئانُس مارسلينس' لکي ٿو، "هن (Hun) قبيلو سون لاءِ بي پناهه تڙق رکندو هو. پر، سندس ڪپڙا، ويس پوائتا ڏيکاربا هئا." هڪ ٻئي محقق اپاليِنارس سيدونيئس چواٽي، 'نوجوان فرئنڪشس شهزادي 'سجسمر' جا ويس وڳا حيرت انگيز طور چمڪيلا ۽ جاذب هئا."

خانه بدوش اڳواڻن کي چڱي سوجهي ۽ ڄاڻ هئي، 'عُياشي جيون' تيز 'چرپر' ۾ رڪاوٽ بڻبو آهي.' انڪري هو اهڙي قسم جي 'آسائشي زندگي' گذارڻ کان ونءُ ويندا هئا. مهذب طريقن کي موتمار سمجهندا هئا. مشهور هن سردار ۽ جنگي جوڌو 'اٽيلا' (Attila) ڪاٺ جي ٿهيل سادي پيالي مان پيئڻ جو عادي هو ۽ چنگيز خان منگول پنهنجي زندگي جي آخري گهڙين تائين هڪ تنبو ۾ رهندو هو. يوناني بيٺڪيت جي اڳواٽن جنهن به ملڪ تي قبضو ڪيو. اتان جي رهواسين کي شراب جي چُوس وڌائون. قديم يونان جي مشهور تاريخ نويس هيروڊوٽس (Herodotus) سٿين (Scythian) بادشاهه اسڪاليس (Scyles) جي دردناڪ جيون تي روشني وجهندي لکي ٿو، "سوم ديوتا 'باخوس' (Bacchus) جي سنگ ۾ رهي ان جي بي پناهه لذت ڪيس 'چريائپ' جي حد تائين پڄاڻي ڇڏيو هو. (هتي ٽري پياداس ياد پيو اچيم.) *(هلندڙ)*

## نظم



### اداسي جکراڻي

ڳوٺ ۾ گهاريل لمحا پل پل ساريان ٿو
تنهائيءَ ۾ سوچيان ٿو ويچاريان ٿو
ڳوٺ ڇڏئي هت ڪيڏو عرصو گذري ويو
ڳوٺ ورڻ لئه ڪنهن به ته دل سان ڪونه چيو
ڳوٺ ۾ منهنجو هاڻ رهيو ئي ڪير آ ٻيو
هڪ تون هئين، ٻيو منهنجو، پنهنجو پاءُ وڏو
پاءُ وڏي کي ڏاڍي محبت آ مونسان
جيڪو منهنجي فائدي لئه سوچيندو آ
منهنجي پاڳي ۾ جو ٽڪرو آيو هو
چار جريب ٻني هُن پنهنجي نانءُ ڪري
ذميداريءَ کان ڇڻ مون کي آجو ڪيو
ڪير چوي ٿو پاءُ ٻنيءَ تي قبضو ڪيو
آءٌ اڪيلو هُن جو ننڍڙو پاءُ آهيان
اُن لئه هن کي ڏاڍي محبت آ مونسان
هُن ته ڪڏهن پي ڳوٺ اچڻ لئه ڪونه چيو
۽ ٻيو تنهنجو ئي ميسيج نه آيو ڪو
چندبه مون کي تنهنجو حال نه ڏيندو آ
گونگو ٿيو آ شايد ڪجهه نه ڏسيندو آ
يا هن شهر جي هيڏي هن آباديءَ ۾
منهنجو پاڇو هن کي نظر نه ايندو آ
واءُ به گُهلندو رهندو آهي بي معنيٰ
بند ڳلين ۾ رُلندو آهي بي معنيٰ
ڪو به ذريعو ناهي توکي ڪيئن چوان
مونکي منهنجي مرڪ پراڻي واپس ڏئي
مون کان پنهنجي ياد ڪٽي وڃ تون سانئڻ.

*

## غزل



### وحيد محسن

بهارَ مُرڪي ڳلي لڳايو
نهارَ مُرڪي ڳلي لڳايو
ڏٺو چمن ۾ اوهان کي جانان
خُمار مرڪي ڳلي لڳايو
سُرن اچي سرگمي مچائي
پُڪار مرڪي ڳلي لڳايو
پکي گگن تي اُڏام ڪن ٿا
اُڏار مرڪي ڳلي لڳايو
ملي خوشي، سُڪن جون ٻاڪون
سُڪار مرڪي ڳلي لڳايو
اسانجي ٻولي گهڻو مِٺي آهه
اُچار مرڪي ڳلي لڳايو
لُڙاٽ لهرون، ندي وَهي ٿي
اُڪارَ مرڪي ڳلي لڳايو. ■

